رحمت عالم ﷺ



علامہ سید سلیمان ندوی

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

رحمت عالم صلي الله عليه وسلم

تحرير:

علامہ سيد سليمان ندوي



پبلشر

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

سنڌ جا سچٽو سلام .....

سنڌ سلامت سنڌي پوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو **پنجٽيهون (35)** ڪتاب **رحمتِ عالم صلي الله عليه وسلم** حاضر آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ مشهور سيرت نگار سيد سليمان ندوي آهي.

اسين ٿورائتا آهيون اسلاميہ سائنس ڪاليج سکر جي اسٽنٽ پروفيسر **محترم عبدالجبار شيخ** صاحب جا، جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاه وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
salamatsindh@gmail.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

رحمت عالم ﷺ

اسلام جو گلدستو جنهن جي ڏاڳي سان ٻڌل آهي اهو رحمت عالم ﷺ جو وجود مبارڪ آهي. تنهنڪري ضرورت آهي ته ان وجود مبارڪ جي سوانح حيات جو هڪ هڪ اکر هر مسلمان جي ڪن تائين پهچي ته جيئن اهو نالو مضبوط ڪان مضبوط ٿر ٿيندو وڃي. ان جي مناسب صورت هيءَ آهي ته هر نندي وڏي تائين حضور ﷺ جي نالي ۽ ڪمر پيغام کي رسايو وڃي. گهٽي مدت کان دوستن جو زور هو ته نندن بارن ۽ ٿورو لکيل پڙهيل ماڻهن جي لاءِ سيرت جو هڪ اهڙو نندو ڪتاب لکان جنهن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ سينئي لاءِ سولو هجي ۽ وري ان ۾ ڪا مڪيه ڳالهه رهجي نه وڃي.

دوستن جي انهيءَ فرمائش کي پورو ڪندي هي مختصر سيرت لکڻ جي عزت حاصل ٿي آهي. هن ۾ عبارت جي سادگي طرزادا جي سهولت ۽ واقعي جي سلجهاءِ جو خاص خيال رکيو ويو آهي ته جيئن نندي عمر جا بار ۽ معمولي جاڻ وارا ماڻهو به هن مان فائدو وٺي سگهن ۽ اسڪولن ۽ مدرسن جي ڪورس تي رکي سگهجي.

هن ڪتاب جو مسودو ڪن اسلامي رياستن جي ذمه دار تعليمي آفيسرن جي نظر مان لنگهي چڪو آهي ۽ صوبه بهار جي اسلامي مڪتبن جي لاءِ هن کي چونڊيو ويو آهي اميد آهي هي بين اسلامي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ به رائج ٿئي ته جيئن مذهبي تعليم جي هڪ وڏي کوٽ پوري ٿي سگهي.

شبلي منزل — **سيد سليمان ندوي**

اعظم ڳڙهه — **20 رجب 1359ھ**

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

مضمونن جي فهرست

ملڪ عرب،حجاز
خدا جا قاصد ،پيغمبرن جو سلسلو
ڪعبو ،حضرت اسماعيل عليه السلام جو گهراڻو
قريش،بني هاشم
عبدالمطلب،عبدالمطلب جو اولاد
عبدالله ،ولادت
پالنا،بي بي آمنه وٽ
بي بي آمنه جي وفات،عبدالله جي سنيال هيٺ
عبدالمطلب جي وفات ،ابوطالب جي پالنا
مظلومن جي پٽيرائي جو ٿاهه
ڪعبه جي اڏاوت
سوداگريءَ جو ڪم
واپاري سفر،حضرت خديجه رضه جي پائيواري
بيبي خديجه رضه سان نڪاح
شرڪ ۽ برائي جي ڳالهين کان بچڻ
رسول بنجن ٿا
اسلام
پهرين مسلمان ٿيڻ وارا
پهرين عام پڙهو
عام تبليغ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

حضرت حمزه رضه جو مسلمان ٿيڻ
حضرت عمر رضه جو مسلمان ٿيڻ
ابوذر غفاري رضه جو مسلمان ٿيڻ
غريب مسلمانن جو ستائجڻ
صهيب رضه ،خباب رضه ،ياسر رضه
حبش ڏانهن هجرت
ابو طالب جي لڪ ۾ نظربندي
ابو طالب ۽ بيبي خديجه جي وفات
پاڻ سڳورن ﷺ کي تڪليفون
طائف جو سفر،قبيلن جو دورو
اوس ۽ خزرج ۾ اسلام
عقبه جي بيعت
هجرت
مدينه
پهرين مسجد،پهريون جمع
مدينه ۾ گهڙڻ
انصار،مسجد نبوي ﷺ ۽ حجرن جي اڏاوت
صفه وارا،نماز جي پورائي ۽ قبلو
يائپي،يهود جو انجام اقرار
مڪه وارن جون شرارتون ۽ سازشون
مسلمانن جي ٽي دشمن،منافقن سان ورتاءُ
مڪه جي ڪافرن کي روڪڻ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

بدر جي لڙائي
دشمن سان سلوک
بدر جو پلاند، حضرت فاطمه رضه جو نکاح
روزو
احد جي لڙائي
يهودي خطري جو بندوبست
بني قينقاع سان لڙائي
مسلمان مبلغن جو بيدردي ۽ سان قتل
ابن ابي الحقيق جو کتنب
بني نضير جي جلاوطني
خندق يا احزاب جي لڙائي
بني قريضه جو خاتمو
اسلام قانون جي صورت ۾
اسلام لاءِ به رندکون
حديبه جو ٽاهه
اسلام جي فتح
دنيا جي بادشاهن کي اسلام جي دعوت
خيبر
عمرو
موته جي لڙائي
مکه جي فتح
هوازن ۽ ثقيف جي لڙائي

هن کتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

مال غنيمت جي ورهاست ۽ حضور اڪرم ﷺ جن جي

تقرير

تبوڪ جي لڙائي

عهد اسلام جو پهريون باقاعده حج ۽ ڇو ٽڪاري جو

اعلان

عرب جي صوبن ۾ اسلام جو عام پڙهو

بحرين، عمان، شام

دين جي تڪميل ۽ اسلامي نظام جو بنياد

نماز

زڪوات

روزو

حج، حجة الوداع

وفات

گهروارين

اولاد

اخلاق ۽ عادتون

خاتمو

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

عرب جو ملڪ

اسان جي ملڪ جي اولهندي پاسي سمنڊ آهي.انهيءَ سمنڊ جي هڪ ڪناري تي هندستان*ء ٻئي ڪناري تي عرب جو ملڪ آهي.انهيءَ عرب ملڪ جو وڏو ڀاڱو واري ۽ جبل آهي وچ واروڀاڱو نه صفا ويران ۽ غيرآباد آهي رڳوان جي ڪنارن تي ڪجهم ساوڪ ۽ سرهائي آهي۽ انهن(ڪنارن)تي ئي هن ملڪ جا باشندا رهن ٿا.

هن جي هڪ پاسي هندي سمنڊ ،ٻئي پاسي ايراني نار.ٽئين پاسي ڳاڙهو سمنڊ ۽ چوٿين پاسي خشڪي ۽ هي عراق ۽ شاڪ جي ملڪن سان ڳنڊيل آهي تنهن ڪري عرب جي ملڪ کي ٻيٽ جهڙو يا ٻيٽ ٻه چون ٿا .جيڪو ڀاڱو ڳاڙهي سمنڊ جي ڪپرئي ڪپ سان ڊيگهه ۾ شاڪ جي سرحد کان شروع ٿي يمن جي صوبي* تي ختم ٿئي ٿو سو حجاز ٿو سڏجي يمن جو صوبو ڳاڙهي سمنڊ جي ڪپ ئي ڪپ سان حجاز کان وڌي عدن جي نارتائين پکڙيل آهي ۽ هي عرب جو سڀ کان وڏيڪ ساوڪ پيدا سڪيو۽ آباد صوبو آهي.هن جي ويجهو عدن واري نار جي ڪپ تي حضرموت آهي ۽ عمان جي سمنڊ جي عربي ڪپ تي عمان ۽ ايارني نار جي ڪپ تي بحرين ۽ ان سان ڳڌيل يمامه آهي ۽ وچ ملڪ کان وڌي عراق تائين واروعلاقو نجد سڏجي ٿو.

حجاز

مٿي پڙهي چڪا آهيو ته ڳاڙهي سمنڊ جي ڪپ ئي ڪپ سان
شاڪ جي سرحد کان يمن تائين جيڪو حصو آهي ان کي حجاز
چون ٿا.حجاز۾ ٿي مشهور شهر هئا ۽ اڄان تائين به آهن.هڪ
*اڌ صدي اڳ جنهن وقت هي ڪتاب لکيو ويو هو ان وقت موجوده برصغير جي ملڪ سڀ هڪ ئي ملڪ هندستان سڏبو هو
.*يمن جو ملڪ ان وقت عربستان جي هڪ صوبي جي حيثيت رکندو هو
مڪ،يثرب طائف ۽ ٽيون يثرب.اسان جي پيغمبر ﷺ جو تعلق انهن

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ٿهي شهرن سان هو.

خدا جا قاصد

اوهان روز ڏسو ٿا ته هڪ ماڻهو مطلب جي ڪاڳاڙهه جهڻ کي پيغام چون ٿا پري کهڻ ٻئي ڏانهن موڪلي ٿو ته هو پهنجي ڳالهه پهنجي کهڻ پروسي جوڳي ماڻهو کي ٻڌائي ٿو ڇڏيءِ اهو ماڻهو اها ڳالهه کٽي ٻئي شخص کي ٻڌائي ايندو آهي. انهيءَ پروسي جوڳي ماڻهو کي اسين قاصد ءِ پيغامڪ کٽي ويندڙءِ فارسي ۾ پيغامبر يا پيغمبرءِ عربي ۾ رسول چئون ٿا.

اهڙي ريت الله تعالي جڏهن گهربو ته پهنجن ٻانهن کي پهنجي مطلب جي ڳالهه ءِ پيغام پهچائي ته هن پهنجي مهرباني سان پهنجي کهڻ لاڏلي ءِ پياري ٻانهي کي انهي کم لاءِ چونڊيو ءِ ان جو نالو خدا جو قاصد خدا جو پيغام پهچائيندڙءِ پيغمبر ڪيو. عرب جا ماڻهو انهيءَ کي نبي ﷺ ءِ رسول ﷺ سڏين ٿا. خدا جي ڳالهين کي ٻانهن تائين پهچائين ٿا ءِ انهنکي ٻڌائين ٿا ته اوهان جو خدا اوهانکان چا ٿو گهري هو کهڙيون ڳالهيون ڪرڻ جو اوهان کي حڪم ڏئي ٿو ءِ کهڙين ڳالهين کي هو ناپسند ڪري ٿو. جيڪي ٻانهن ان جو چوڻ مڃن ٿا انهن کان الله خوش ٿئي ٿو ءِ جيڪي نٿا مڃن انهن کان هو ناراض ٿئي ٿو.

پيغمبرن جو سلسلو

اسان جي خدا جڏهن هيءَ دنيا ٺاهي ءِ ان ۾ ماڻهن کي رهائڻ گهربو ته سڀ کان پهرين جهڻ ماڻهوءَ کي پهنجي قدرت سان پيدا ڪيائين ان جو نالو آدم عليه السلام رکيائين انهيءَ آدم سان ئي هي سمورا ماڻهو پيدا ٿيندا پيا اچن. انهيءَ حضرت آدم عليه السلام جي وقت کان وٺي الله پهنجن ٻانهن کي سٺيون ڳالهيون سيکارڻ ءِ خراب ڳالهين کان روڪڻ لاءِ پهنجن قاصدن ءِ پيغمبرن جو سلسلو به دنيا ۾ جاري ڪيو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ءِ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ابراهيم عليه السلام جو نسل

آدم عليه السلام جي اولاد مان مشهور پيغمبر حضرت نوح عـ ٹيو نوح جي اولاد مان حضرت ابراهيم سڀ کان وڏو پيغمبر ٹيو هي عراق جي ملڪ ۾ پيدا ٹيو ۽ اتي ئي وڏو ٹي جوان ٹيو ان وقت عراق جا ماڻهو چندر سج ۽ تارن جي پوجا ڪندا هئا. حضرت ابراهيم عـ جڏهن اهو نمونو ڏنو ته دل ۾ ويچار ڪيائين ته هي تارا خدا ٿي سگهن ٿا پر جيئن ئي رات پوري ٿي صبح جو پرهه ڦٽ لڳي ،تارا مرجهائڻ لڳا ۽ جڏهن اڄ اپريو ته اهي نگاهن کان گم ٿي ويا اهو ڏسي هو پڪاري اٿيو تہ اهڙين فن اٿيندڙ شين سان تہ آئون دل ڪونہ لڳائيندس ويري رات آئي ۽ چند تي نظر پيئي تہ خيال ڪيائين تہ شايد انهي جي روشني ۾ خدائي جو جلوو هجي پر جڏهن اهو بہ لهي ويو تہ چئي ويٺو تہ منهنجي پالڻهار جيڪڏهن مون کي واٽ نہ ڏسي تہ مون کي سچائي جو رستو ڪڏهن بہ هٿ ڪونہ ايندو هاٽي خيال ٹيس تہ چگو پلا سج جي روشني تہ سڀ کان وڏيڪ آهي چا اهو اسان جو ديوتا نٹو ٹي سگهي ؟ پر شاڻ جي اوندهہ جڏهن ان وڏي روشني کي بہ اجهائي چڏيو تڏهن سندس دل مان آواز آيو تہ منهنجي پالڻهار جو نور نہ اهو نور آهي جنهن کي اوندهہ آهي ئي ڪونہ. آئون ان کي خدا سمجهان ٿو جنهن آسمان ۽ زمين ۽ انهن جي هن جلون کي پيدا ڪيو ۽ ماڻهن کي سڌي چيائين تہ آئون اوهان جي مشرڪاڻي دين کي چڏيان ٿو ۽ سچي پاسن کان منهن موڙي انهيءَ هڪ سچي خدا جي اڳيان ڪنڌ جهڪايان ٿو. خدا ڪيس پيغمبر بڻايو ۽ آسمان ۽ زمين جي حقيقت جا دفتر سندس آڏو کولي چڏيا ۽ دنيا ۾ اسلام جو پيغاڻ ٻڌائڻ لاءِ ڪيس چونڊيو. هي عراق جي بادشاهہ نمرود ۽ سندس درٻارين کي اهو پيغاڻ ٻڌايو هن جي ڪن لاءِ اهو صفا نئون آواز هو. هن حضرت ابراهيم عـ کي ديچاريو. ڏمڪايو پر هو پنهنجي ڳالهہ تي اٽل رهيو ۽ هڪ ڏينهن وڃهہ وڻي هن جي بتخاني ۾ وڃي سندن پٹر جي مورتين کي ڀڃي پوري چڏيائين. اهو ڏسي بادشاهہ هن لاءِ هي سزا ٻڌائي تہ ڪيس باهہ جي ڇ ۾ وڌو وڃي. هي امتحان جو موقعو هو پر هن جي ثابت قدمي جو ساڻيو حال هو. هيڏانهن هن جو باهہ ۾ پوٹ ۽ هوڏانهن باهہ وسامي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

سندس جان جي سلامتي جو سامان بنجي ويئي.هاڻي حضرت ابراهيم عه هتان کان شاڻ ۽ مصر جي ملڪ جو رخ ڪيو۽ اتان جي بادشاهن کي توحيد جو وعظ ٻڌايو۽ جڏهن ڪٿي به اهو آواز نه ٻڌو ويو هو ته عرب جي صوبي حجاز ۾ هليو آيو.

الله .حضرت ابراهيم عه کي به پٽ ڏنا وڏي پٽ جو نالو اسماعيل عه ۽ ننڍي جو نالو اسحاق عه رکيائين .اسحاق عه شاڻ ملڪ ۾ ۽ اسماعيل عه کي حجاز ۾ آباد ڪيائين.

ڪعبو

حجاز جو ملڪ انهن ڏينهن آباد ڪونه هو پر شاڻ ۽ يمن جا ملڪ گهڻو آباد هئا شاڻ کان يمن ڏانهن ۽ يمن کان شاڻ ڏانهن جيڪي واپاري ۽ سوداگر ايندا ويندا هئا اهي حجاز واري وات سان ئي ايندا ويندا هئا تنهنڪري حجاز ۾ ايندڙ ويندڙ سوداگرن جون .ڀيرون لڳل هونديون هيون .حضرت ابراهيم عه کي الله جو حڪم ٿيو ته انهي حجاز جي زمين ۾ هڪ هنڌ تي منهنجي عبادت ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ لاءِ هڪ گهر ٺاهه.حضرت اسماعيل عه ۽ حضرت ابراهيم عه گڏجي خدا جو اهو گهر ٺاهي راس ڪيوان گهر جو نالو ڪعبه ۽ بيت الله يعني خدا جو گهر رکيو ويو.

اسماعيل جو گهراٽو

خدا پنهنجي انهي گهر کي وڏائي بخشي ۽ حضرت ابراهيم عه کي حڪم ڪيو ته هن گهر جي خدمت لاءِ پنهنجي پٽ اسماعيل عه کي هن هنڌ تي رهاءِ حضرت ابراهيم عه ائين ئي ڪيو حضرت اسماعيل عه جو اولاد به اتي رهڻ لڳو۽ ان هنڌ جو نالو مڪه رکيو.

حضرت اسماعيل عه جو گهراٽو ان شهر ۾ جهن جو نالو مڪه ٻڌجي ويو .رهندو آيو ۽ خدا جو پيغام پاڻهن کي ٻڌائيندو۽ ڪعبي ۾ خدا جي ئي عبادت ڪندو رهيو سوين سال لنگهڻ کانپوءِ اهي ماڻهو پين قومن کي ڏسي اڪيلي خدا کي ڇڏي مٽيءَ ۽ پٿر جون عجيب عجيب شڪليون ٺاهڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته اهي ئي اسان جا خدا آهن.مٽي ۽ پٿر جي جن عجيب عجيب شڪلين کي هو خدا سمجهي پوڄيندا هئا انهن کي بت سڏيندا هئا بت

کي خدا سمجهڻ ۽ انهن کي پوڄڻ الله تعالي وٽ سڀ کان وڌيڪ خراب ڪم آهي ۽ جيڪي ماڻهو خدا کي ڇڏي بتن کي پوڄين ٿا انهن کي ڪافر چوندا آهن.

قريش

ايترن ڏيهن ۾ اسماعيل جي گهراڻي جا ماڻهو گهٽن ئي ڪتبن ۽ قبيلن ۾ ورهائجي ويا هئا انهن ۾ هڪ مشهور قبيلي جو نالو قريش به هو، هي خاص مڪي ۾ آباد ۽ ڪعبي جو متولي (انتظاماً ڪندڙ) هو، پري پري کان ڪعبي جي ڄ لاءِ جيڪي ماڻهو ايندا هئا جن کي حاجي چون ٿا انهن کي ترسائڻ کاڌو کارائڻ ۽ پاڻي پيارڻ ۽ ڪعبي شريف جي بين ڪمن جي سنڀال هن ئي قبيلي جي هٿ ۾ هئي تنهنڪري هي قبيلو سڄي عرب ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو، هن قبيلي جا اڪثر ماڻهو واپار ۽ سوداگري جو ڌندو ڪندا هئا.

بني هاشم

قريش جي قبيلي ۾ به ڪيترائي وڏا ڪتب هئا جن مان هڪ بني هاشم هو، هي هاشم جو اولاد هئا هاشم هن خاندان جو وڏو نالير و شخص هو، حاجين کي وڏي دل ڪري کاڌو کارائيندو هو ۽ پيئڻ لاءِ چمڙي جي حوضن ۾ پاڻي پرائي ڇڏيندو هو هو هڪ نمونو جو مڪي جو امير هو قريش جيڪي گهٽو ڪري وڃ واپار مان روزي ڪمائيندا هئا انهن لاءِ هن اهو ڪيو ته حبش جي بادشاه نجاشي، مصر ۽ شام جي بادشاه قيصر کان فرمان لکرايو ته سندن ملڪ ۾ قريش جا سوداگر بنا رند روڪ جي اچي وڃي سگهن پوءِ عرب جي مختلف قبيلن سوداگرن جي قافلي کي ڪوبه قرينداڙ ۽ قريش جا سوداگران جي بدران اهو ڪندا ته هر قبيلي جي ضرورت جون شيون ڪٽي پاڻ مراد وانهن وٽ ايندا.

عبدالمطلب

هاشم پهنجي شادي يثرب جي شهر ۾ نو نجار ڪتب مان ڪئي هئي ان مان هڪ چوڪرو جائو جنهن جو نالو ته شيبه هو پر مشهور عبدالمطلب جي نالي سان ٿيو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

عبدالمطلب به وڏو ٿي چڪو نامياروٿيو.ڪعبي جو انتظاماً به سندس حوالي ٿيو ڪعبي ۾ حضرت ابراهيم عه جي زماني جو هڪ کوهه هو جهن جو نالو"زم زم"هو.هي کوهه ڪيترن ڏينهن کان بيڪار رهڻ ڪري هيٺ لٿجي ويو هو عبدالمطلب ان کي صفا ڪري ٻيهر درست ڪرايو.

عبدالمطلب جو اولاد

عبدالمطلب وڏو پاڻ واروهو.جمار به وڏي ٿيس ۽ ڏهه جوان پٽ هئس جن مان پنج ڪهن نهن ڪهن حيثيت سان گهڻو مشهور ٿيا.ابو لهب ،ابو طالب،عبدالله،حمزه ۽ عباس

عبدالله

انهن پٽن مان پهنجي پيءُ جو سڀ کان لاڏلو ۽ پياروپٽ عبدالله هو.هي سترهن سالن جي جمار جو ٿيو ته بني زهره نالي قريش جي هڪ ٻئي معزز ڪٽنب جي چوڪري سان سندس شادي ٿي.ان بيبي جو نالو آمنه هو.عبدالله شادي کان پوءِ تماڻ ٿورو وقت جيئرو رهيو ۽ ٿورن ڏينهن کان پوءِ وفات ڪيائين پر بيبي آمنه کي هن مان اميدواري ٿي ويئي هئي.

ولادت

عبدالله جي مرڻ کان پوءِ بيبي آمنه کي هڪ پار پيدا ٿيو جهن جو نالو محمد (ﷺ) رکيو ويو.هيءُ ئي اهو پار آهي جيڪو اسان جو رسول ۽ پيغمبر ﷺ آهي.جهن جي پيدا ٿيڻ جي حضرت ابراهيم عه خدا کان دعا گهري هئي ۽ حضرت عيسيٰ عه کائنس پوءِ جهن جي اچڻ جي خوشخبري سڀني کي ٻڌائي هئي ۽ جيڪو دنيا جي سڀني قومن جو رسول بڻجڻ وارو هو.

پيدائش 12 تاريخ تي ربيع الاول جي مهيني ۾ سوم جي ڏينهن حضرت عيسيٰ عه

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ڪان پنج سو ايڪهتر سال پوءِ ٿي سپني گهرواڻن کي هن بارجي جمڙ تي ڏاڍي خوشي ٿي.

سنيال

سڀ ڪان پهرين اسان جي رسول ﷺ کي سندن ماءُ بيبي آمنہ ٿيج پياري ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ سندن چاچي ابولهب جي هڪ باندي ثوبيہ ڪين ڪيرپياريو.

ان زماني ۾ قاعدو هي هوتہ عرب جي شريف گهراڻن جا ٻار بهراڙين ۾ پلبا هئا بهراڙين ڪان نراڻون ايندڙيون هيون ۽ شريفن جا ٻار پالڻ ۽ ڪيرپيارڻ لاءِ پاڻ سان گڏ هڪ جهن جونالو حليمہ هوءِ جيڪا هوازن قبيلي جي سعد ڪتنب مان هئي.اها مڪي آئي ۽ پاڻ سڳورن کي پالڻ لاءِ پهنجي قبيلي ۾ ڪٽي وئي ڇهن سالن جي جمارتائين پاڻ سڳورا حضرت حليمہ وٽ هوازن جي قبيلي ۾ پلبا رهيا.

بيبي آمنہ وٽ

پاڻ سڳورا ڇهن سالن جا ٿيا تہ ڪين سندن ماءُ بيبي آمنہ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو مڪي پڙهي آيا آهيون تہ پاڻ سڳورن جي پڙڏاڏي يثرب جي رهاڪو ۽ نجارجي ڪتنب مان هئي بيبي آمنہ پاڻ سڳورن کي ساڻ وٺي ڪهن سبب سان مدينہ آئي ۽ نجارجي ڪتنب ۾ هڪ مهينو رهي.

بيبي آمنہ جي وفات

هڪ مهيني ڪان پوءِ بيبي آمنہ جڏهن هتان واپس موٽي تہ ڪجهہ منزلون هلي بيمار ٿي پئي ۽ "ابواء" جي مقام تي پهچي وقف ڪيائين ۽ ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو.ڪهڙونہ ڏک پريو موقعو هو سفر جي حالت هئي گڏ نہ ڪو يارنہ مددگارنہ مونس نہ غمگسار هڪ ماءُ اها بہ هن دنيا مان موڪلائي وئي بيبي آمنہ سان گڏ سندس وفادر باندي اُ ايمن هئي اها حضور جن کي گڏ وٺي مڪي آئي.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

عبدالمطلب جي سنيال هيٺ

مکي اچي پاڻ سگورن کي سندن ڏاڏي عبدالمطلب جي حوالي کيائين ڏاڏي پنهنجي يتيم پوٽي کي چاتيءَ سان لڳايوءِ ڏاڍي محبت ۽ پيار سان سندن پالنا شروع ڪئي گهٽي پيار سببان هو سدائين کين پاڻ سان گڏ رکندو هوءِ سندن هر نموني خيال رکندو هو.

عبدالمطلب جي وفات

عبدالمطلب هاڻي پوڙهو ٿي ويو هو پياسي سالن جي جمار هئس کيس رکي رکي پنهنجي يتيم پوٽي جو خيال ايندو هو نيٺ کين پنهنجي سيني کان لائق پٽ ابو طالب جي جواني ڪري وفات کيائين ۽ مکي جي قبرستان ۾ جنهن جو نالو حجون آهي دفن ڪيو ويو.

ابو طالب جي سنيال ۾

چاچي پنهنجي پائيٽي کي ڏاڍي لوڏ ۽ ڪوڏ سان پاليو پنهنجي پارن کان وڌيڪ هن جي آرام جو خيال ڪندو هوءِ سندس نانءُ رکندو هو. ابوطالب سوداگر هو هڪ ڀيري جو واقعو آهي ته هو واپار جو سامان کڻي سامَ جي ملڪ ڏانهن وڃي رهيو هو حضرت ﷺ جن به گڏ هلڻ جي خواهش ڏيکاري چاچو هڪ ئي پائيٽي جي خواهش رد ڪري نه سگهيو ۽ گڏ وٺي هليو پوءِ کنهن سبب جي ڪري وات تان موڪلائي اماڻيائين جڏهن سندن عمر ٻارهن سالن جي ٿي ته عرب پارن جي رواج مطابق ڪريون چارڻ لڳا.

عرب ۾ ان وقت لکڻ پڙهڻ جو رواج ڪونه هو تنهنڪري کين به لکڻ پڙهڻ جي تعليم ڪانه ڏني ويئي البت پنهنجي چاچي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو تجربو سڪندا هيءَ آهستي آهستي پاڻ ﷺ جواني جي عمر کي رسيا.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

فجار جي لڙائي ۾ شرڪت

عرب جا ماڻهو ڏاڍا ويڙهو هئا ٿوري ٿوري گالهه تي پاڻ ۾ وڙهندا ۽ جهيڙو ڪندا رهندا هئا جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن پاسي جو ماڻهو مارجي پيو تہ جيسيتائين ان جو پلاند نہ ڪندا هئا سڪ سان نہ ويهندا هئا هڪ پيري "بڪر" ۽ "نغلب" نالي عرب جي بن قبيلن ۾هڪ گهوڙا دوڙ جي موقعي تي لڙائي ٿي تہ اها لڙائي پورن چاليهن سالن تائين هلندي رهي.

اهڙي قسم جي هڪ لڙائي جو نالو فجار آهي اها لڙائي قريش ۽ قيس قبيلي جي وچ ۾ ٿي هئي قريش جي سڀني ڪٽنبن پنهنجي هن قومي جنگ ۾ شرڪت ڪئي هئيهر ڪنهن ڪٽنب جو دستور ظار هو هاشم جو ڪٽنب جو جهنڊو عبدالمطلب جي هڪ پٽ زبير جي هٿ ۾ هوائهي قطار ۾ اسان جا پيغمبر جن هئا پاڻ گهڻو رحمدل هئا.لڙائي جهيڙي کي پسند ڪونہ فرمائيندا هئا تنهنڪري پاڻ ڪنهن تي بہ هٿ ڪونہ کنيائون.

مظلومن جي پيرائي جو ناهه

انهن لڙائين جي ڪري ملڪ ۾ ڏاڍي بيچيني هئي ڪنهن کي بہ سڪ سان نہ ويهڻ نصيب ٿيندو هوءِ نہ ڪنهن کي پنهنجي ۽ پنهنجن عزيزن جي جان جو خير نظر ايندو هو.انهن لڙائين ۾ ماڻهو گهٽا مارجي ويندا هئا تنهنڪري ڪٽنبن ۾ پيڻ کان سواءِ يتيم پار گهٽا هئا انهن کان ڪوپڇڻ وارو ڪونہ هو ظالم ماڻهو انهن کي ستائيندا هئا ۽ زبردستي انهن جو مال کائي ويندا هئا ڪٽنب ۾ جيڪو هيڏو هوندو هو ان کي ڪٽي بہ جاءِ نٿي ملي غريبن تي هر طرح جو ظلم ٿيندو هو هاڻا حالت ڏسي پاڻ سگهون جي دل کي ڏک رسندو هوءِ سوچيندا هئا تہ هن زور ظالم کي ڪيئن روڪين جيئن سڀ ماڻهو خوش ۽ امن ۽ امان سان رهن.

عرب جي ڪجهه نيڪ طبيعت ماڻهن کي اڳ ۾ بہ اهو خيال آيو هو تہ ان لاءِ ڪجهه قبيلا گڏجي پاڻ ۾ اهو عهد ڪن تہ اهي سڀ گڏجي مظلومن جي مدد ڪندا.هن ريت جا جيڪي پهريان بنياد رکندڙ هئا انهن جي نالن ۾ اتفاق سان فضل جو لفظ هو جنهن جي معنيٰ بہ مهرباني ئي آهي تنهنڪري انهن جي پاڻ ۾ هن عهد جو نالو فضل وارن جو قول ۽ قرار ڪيو

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ويوءِ ان کي عربي ۾ "حلف الفضول" سڏين ٿا.

جڏهن فجار جي لڙائي ٿي ويئي ته پاڻ سگهرن جي چاچي زبيربن عبدالمطلب رڻ ڏني ته ان قول ۽ قرار کي جيڪو آگ ۾ ڪيو ويو هوءِ جنهن کي ماڻهن وساري چڏيو هو پيهر زنده ڪيو وڃي ان لاءِ هاشم ،زهره ،هيتمجا ڪتب مکي جي هڪ نيڪ مزاج امير ماڻهو جنهن جو نالو عبدالله بن جدعان هو،ان جي گهر ۾ گڏ ٿيا ۽ سڀني عهد ڪيو ته اسان مان هرشخص مظلوم جي پٺپرائي ڪندءِ هاڻي مکي ۾ ڪوبه ظالم رهي نه سگهندو،انهيءَ ناهه ۾ اسان جا رسول ﷺ جن به شريڪ هئا ۽ پوءِ فرمائيندا هئا ته آڻون اڄ به انهيءَ ناهه تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

ڪعبي جي اڏاوت

مڪ جو شهر اهڙي هنڌ وسيل آهي جنهن جي چئني پاسن کان جابلو ٽڪريون آهن انهن جي وچ ۾ ڪعبو ٺهيل آهي جڏهن زور سان مينهن پوندو آهي ته ٽڪرين تان پاڻي وهي شهر جي گهٽين ۾ پرجيو وڃي ۽ گهرن ۾ گهڙيو،اڄي *ڪعبي جون پٽيون هيٺاهيون هيون ۽ ان تي ڇت به ڪانه هئي تنهنڪري گهڻا ڀيرا هيئن ٿيو جو پاڻي اڏل سان ڪعبي جي عمارت کي نقصان ٿي پهتو،اهو ڏسي مڪ وارن جي راءِ ٿي ته ڪعبي جي عمارت ٻيهر اوچي ۽ پختي ڪري ٺاهي وڃي .اتفاق سان مڪ جو بندرگاهه جنهن جو نالو جدهه هو اتي سوداگرن جو هڪ جهاز جا تختا مُلهه وٽي وڙتائون.

هاڻي قريش جي سڀني ڪٽنبن گڏجي ڪعبو ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪيو ڪعبي جي پراڻي پٽ ۾ هڪ ڪارو جهڙو پٿر لڳل هوءِ اجان به لڳل آهي ان کي اجان تائين ڪارو پٿر سڏيندا آهن ان جو نالو عربي ۾ "حجر اسود" آهي.هي پٿر عرب جي ماڻهن ۾ ڏاڍو متبرڪ (برڪت وارو) سمجهيو ويندو هو.جو ته حضرت ابراهيم عه جڏهن پهريون پيرو ڪعبو ٺاهيو ٻئي ته انهيءَ پٿر تي بيهي پٽ اوچي ٿي ڪيائين ۽ نيٺ يادگار لاءِ ان پٿر کي به پٽ جي هڪ ڪنڊ ۾ لڳائي ڇڏيو هئائين.

هن پيري جڏهن قريش پٽ کي اوسٽائين اوچو ڪري وڙتو جتي اهو پٿر لڳل هو ته

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

هرڪتنب اهوئي گهريو ٿي ته انهيءَ مقدس پٿرڪي اڪيلا اسين ئي ان جاءِ تي رکون نوبت ايسيتائين پهتي جو تلوارون نڪري آيون.جڏهن هي جهيڙو ڪهن بہ نموني طئي ٿيو ته قريش جي هڪ سڀ کان پوڙهي شخص رابو ڏنو ته سڀاڻي صبح جو سويل جيڪو ماڻهو سڀني کان اڳ ۾ ڪعبي ۾ اچي اهوئي پهنجي رٽ سان هن جهيڙي جو فيصلو ڪري ڇڏيءِ ان جو جيڪو

(*) موجوده وقت ۾ سعودي عربيہ حڪومت طرفان ڪرايل ترقيات کانپوءِ صورتحال ساڳي نہ آهي پاڻي جي نيڪال جو سٺو بندوبست آهي (مترجم)

فيصلو هجي ان کي سڀ ماڻهو دل سان مڃين.سڀني انهيءَ رٽ کي پسند ڪيو هاڻي الله جي ڪرڻي ڏسو ته صبح جو سويل جيڪو سڀني کان اڳ ۾ پهتو اهي اسان جا رسول ﷺ جن هئا.پاڻ سڳورن کي ڏسي سڀ خوش ٿيا.پاڻ سڳورن هيٺئن ڪيائون جو هڪ چادر گهرائي ان ۾ پٿر رکيائون ۽ هر قبيلي جي سردار کي چيائون ته هوانهيءَ چادر کي هڪ ڪنڊ کان جهلي مٿي کڻي جڏهن پٿر چادر سميت پهنجي جاءِ تي پهتو ته پاڻ سڳورن پنهنجي هٿن مبارڪن سان اهو کڻي ان جاءِ تي رکي ڇڏيائون ۽ اهڙي ريت عرب جي هيءَ هڪ وڏي لڙائي اسان جي رسول ﷺ جي تدبير سان ختم ٿي وئي.

سوداگري جو ڪم

قريش جي شريفن جو سڀ کان عزت پريو ڏنڏو سوداگري ۽ واپار هو.جڏهن اسان جا رسول ﷺ جن ڪاروبار سنڀالڻ جيڏا ٿيا ته اهوئي ڏنڏو اختيار ڪيائون.پاڻ سڳورن جي نيڪي ،سچائي ۽ سني ورتاءَ جي هاڪ هئي.تنهنڪري هن ڏنڏي ۾ سندن ڪاميابي جي وات ڏاڍو سگهو نڪري پيئي.هر معاملي ۾ سچو واعدو ڪرڻ فرمائيندا هئا پاڻ سڳورن جي واپار جو هڪ ساڻي عبدالله بيان ڪري ته هڪ ڀيرو مون ساڻن ڏي ورڻ جو هڪ سودو ڪيو گالهہ ڪجهہ طئي ٿي ويئي هئي ڪجهہ اڌوري رهجي ويئي هئي.مون واعدو ڪيو ته وري اچي گالهہ پوري ڪريان اهو چئي هليو ويس تن ڏينهن ڪانپوءِ مونکي پهنجو واعدو ياد پيو ڊوڙي آيس ته ڏٺم ته پاڻ سڳورا انهيءَ جاءِ تي ويٺا منهنجي اچڻ جو

انتظار ڪري رهيا آهن، جڏهن آيس ته منهنجي ان حرڪت جي ڪري سندن پيشاني تي گهنج بہ ڪونہ پيو.نہ مونَ سان رڳو ايترو فرمايائون تہ تون مون کي ڏاڍي تڪليف ڏني ٽن ڏينهن کان هتي ويٺو تنهنجو انتظار پيو ڪريان.

واپار جي ڪاروباري ۾ پاڻ ﷺ پنهنجو معاملو سدائين صاف رکندا هئا سائب نالي پاڻ سگهورن جو هڪ ساٿي چوي ٿو تہ منهنجا

ماءُ پيءُ مٽن قربان پاڻ سگهورا واپار ۾ منهنجا پائيوار هئا پر سدائين معاملو صاف رکيائون نہ ڪڏهن جهيڙو ڪندا هئا ۽ نہ گهاٽي واڌي ڪندا هئا پاڻ سگهورن جي ڪاروبار جي هڪ ٻئي ساٿي جونالو ابوبڪر هو. هو بہ مڪي ۾ ئي قريش جو هڪ سوداگر هو.هو ڪڏهن ڪڏهن سفر ۾ پاڻ سگهورن جو ساٿي رهندو هو.

قريش جا ماڻهو اسان جي نبي ﷺ جي سٽي ورتاءَ ،ديانتداري ۽ ايمانداري تي ايترو پروسو ڪندا هئا جو بنا هيڪ جي پنهنجو سمورو سرمايو سندن حوالي ڪري ڇڏيندا هئا گهٽا ماڻهو پنهنجون رقمون پاڻ سگهورن وٽ امانت رکندا هئا ۽ ڪين امين يعني امانت وارو سڏيندا هئا.

واپاري سفر

قريش جا سوداگر گهٽو ڪري شام ۽ يمن جي ملڪن ۾ سفر ڪري واپار جو مال وڪٽندا هئا پاڻ سگهورن بہ واپار جو سامان کٽي انهن ئي ملڪن جو سفر ڪيو.

حضرت خديجہ رضہ جي پائيواري

عرب ۾ واپار جو هڪ قاعدو هيءُ هو تہ امير ماڻهو جن وٽ دولت هوندي هئي اهي رقمون ڏيندا هئا ۽ پيا محنتي ماڻهو جن کي واپار جو ڏاڻ هوندو هو،اهي رقمون کٽي واپار ۾ لڳائيندا هئا ۽ ان مان جيڪو فائدو ٿيندو هو اهو ٻئي ڏيرون پاڻ ۾ ورهائي ڪٽنديون هيون.حضور ﷺ جن بہ انهيءَ طريقي تي واپار جو ڪم شروع ڪيو هو.قريش ۾ خديجہ نالي هڪ دولتمند خاتون هئي سندس اڳيون گهر وارو گذاري ويو هو ۽ هاڻي هوءَ بيوه

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

هئي.هوءَ پهنجو سامان بين کي ڏيئي هيڏانهن هوڏانهن اماڻيندي هئي هن اسان جي نبيﷺ جي ايمانداري ۽ سچائي جي سراهه ڪندي ته کين گهرائي چيائين ته توهان منهنجو سامان کڻي واپار ڪريو آئون جيترو نفعو بين کي ڏيان ٿي ان کان وڌيڪ اوهان کي ڏينديس پاڻ سڳورا راضي ٿي ويا ۽ هن

جو سامان کڻي سأ جي ملڪ ڏانهن ويا.بيبي خديجہ رضہ پهنجي غلام ميسرہ کي پاڻ سڳورن سان گڏ اماڻيو ان واپار ۾ ڇگو نفعو ٿيو واپس آيا ته بيبي خديجہ سندن ڪم مان ڏاڍو خوش ٿي.

بيبي خديجہ رضہ سان نڪاح

ان سفرکان واپس موٽئي ٿي هيناگذريا هئا ته بيبي خديجہ رضہ پاڻ سڳورن ڏانهن نڪاح جو پيغام اماڻيو.ان وقت پاڻ سڳورن جي عمر پنجويهہ سال ۽ بيبي خديجہ رضہ جي چاليهہ سال هئي.پوءِ بہ پاڻ اهو پيغام قبول ڪري ورتائون ۽ ٿورن ڏينهن کانپوءِ نهايت سادگي ۽ بي تڪلفي سان اها تقريب ٿي گذري.پاڻ سڳورن جا چاچا ابوطالب ۽ حمزہ ۽ ڪتب جا پيا وڏا ڪنوار جي گهر ويا ابوطالب نڪاح جو خطبو پڙهيو ۽ پنج سو درهم مهر مقرر ٿيو.

هاڻي خاوند ۽ گهرواري ٻئي کل خوشيءَ سان رهڻ لڳا واپار جو ڪم انهيءَ نموني هلندو رهيو ۽ پاڻ سڳورا عرب جي مختلف شهرن ۾ اينداوينداوهيا ۽ سندن نيڪي سچائي ۽ سٹن گٹن جي هرڪنهن پاسي هاڪ هئي.

شرڪ ۽ برائي جي ڳالهين کان بچڻ

حضرت محمدﷺ دنيا ۾ ان لاءِ پيدا ڪيا ويا هئا ته هو الله جي ٻانهن کي الله جو پيغام ٻڌائين انهن کي برائي ۽ بندي جي ڳالهين کان بچائين سٹيون ۽ نيڪ ڳالهيون ٻڌائين ته جنهن جي پيدا ڪرڻ سان الله جي اها مرضي هجي ظاهر آهي الله تعالي ان کي ڪيترين نہ سٹيون ڳالهيون ڏنيون هونديون ۽ هن جون خصلتون ڪيترين نہ سٹيون ٿاهيون

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

هوندیون حضور جن نندپڻ ۾ پارن وانگر ڪوڙ سچ ۽ راند روند کان پاڪ رهياءِ جوان ٿي ٻ جواني جي هر ڪنهن برائي ۽ بديءَ کان پاڪ رهيا.جڏهن ڪا معمولي ڳالهه ٻ اهڙي ٿيندي هئي جيڪا نبي رسول ۽ الله جي قاصد جي شان وتان نه هجي.تہ پاڻ سڳورن کي الله ان کان صاف بچائي

وٽندو هو.نندپڻ جو قصو آهي تہ ڪعبي جي ديوار جي مرمت ٿي رهي هئي پارپٿرن گوڏيون لاهي ڪلهن تي رکي پٿر ڏوئي رهيا هئا پاڻ ٻ پٿرجي چاچي جي چوڻ تي ائين ڪرڻ گهرائون پر غيرت سبحان بيهوش ٿي ڪري پيا.جواني جي شروعات ۾ هڪ هنڌ دوستن جي بي تڪلف مجلس هئي جنهن ۾ ماڻهو اجاين قصن ڪهاڻين ۾ وقت گذارينداهئا پاڻ ٻ انهن سان گڏ اوڏانهن وڃڻ گهرائون پر کين وات تي ئي اهڙي نندِ اچي ويئي جو صبح جو وڃي اک کلي.

قريش جا سڀ ماڻهو پٿرجي ڏاڏي ابراهيم جو دين وساري ويٺا هئا ۽ خدا کي چڏي مٿي۽ پٿرجون شڪليون ٺاهي انهن مورتين کي پوڄيندا هئا ڪي ماڻهو سڄ ۽ ٻين تارن جي پوڄا ڪندا هئاپر حضور ﷺ جن جڏهن کان هوش سنياليو انهن ڳالهين کان لاڳيتو بچندا رهيا.

پاڻ سڳورن ﷺ جو رسول ٿيڻ

هاڻي حضور ﷺ چاليهم سال جي جمارکي پهچي ويا هئا هي اهو وقت ٿئي ٿو جڏهن ماڻهوءَ جي سمجهه ۽ جاڻ پوري ۽ عقل پختو ٿيو وڃي.جواني جي شروعات واريون خواهشون مريون وڃن دنيا جو ڇڳو منو تجربو ٿيو وڃي.اها ئي عمر ان لاءِ مناسب آهي تہ الله تعالي ان کي پهنجو رسول ۽ قاصد بڻائي ۽ جاهلن کي سيکارڻ ۽ نادانن کي ٻڌائڻ لاءِ ان کي انهن جو استاد مقرر ڪري.

الله پهنجن رسولن کي فرشتن جي وسيلي پهنجين ڳالهين کان واقف ڪري ٿو ۽ پهنجو ڪلام کين ٻڌائي ٿو اهي رسول فرشتي کان خدا جو ڪلام ٻڌي خدا جي ٻانهن کي اهو ئي ٻڌائين ٿا جيڪي الله جا نيڪ ٻانها رسول جي واتان خدا جو ڪلام ٻڌي خدا جي

گالهه محبين ۽ ان حڪمتي هلن ٿا اهي مسلمان سڏجن ٿا.الله انهن کان خوش ٿئي ٿو پيار ڪري ٿو۽ جيسيتائين هو جيئن ٿا الله انهن کي هر طرح جوانعام ڏئي ٿو۽ انهن تي پهنجي برڪت نازل ڪري ٿو۽ قيامت کان پوءِ جڏهن سڀ ماڻهو ويري جيئرا ٿي اٿندا تہ نيڪ ماڻهڪي الله اتي هر طرح جي خوشي نصيب ڪندو انهن کي بادشاهن کان وڌيڪ اتي هر طرح جوآرام ۽ سک ملندو کين بادشاهن کان بہ وڌيڪ آرام ۽ سک جتي ملندوان جونالو بهشت آهي ۽ ان کي جنت بہ چون ٿا.۽ جيڪي ماڻهوان رسول جي گالهه نٿا محبين ۽ خدا جوڪلام نٿا پڙن ۽ ان جي حڪمن تي نٿا هلن انهن کي هن دنيا ۾ بہ دل جوسک ۽ روح جوآرام نٿو ملي ۽ مرڻ کانپوءِ خدا جي خوشنودي کان واڌجهيل رهن ٿا ۽ قيامت کان پوءِ اهي اهڙا ڏک سور۽ سزا پوگيندا جهڙي تڪليف ڪڏهن آئي نہ هوندن ۽ اهو هنڌ جتي انهنکي اها سزا ملندي دوزخ آهي جهن کي جهنم بہ چون ٿا.

جهن الله پهنجنبانهن لاءِ زمين۽ آسمان ٺاهيوطرحين طرحين اناج،ميوا ۽ ڦل پيدا ڪيا پهرڻ لاءِ رنگ برنگي ڪپڙا ٺاهيا زمين ۾ قسمين قسمين ساوڪون ۽ گل اُپايا جهن انسان جي چند ڏيهن جي آرام جي لاءِ هي سڀ ڪجهه ٺاهيو چا انهن جي سڀائين جي آرام جو بلو نہ ڪيو هوندو؟جهڙي ريت هن دنيا جا قاعدا قانون ٺاهڻ ۽ سيکارڻ لاءِ استاد ،طبيب ۽ ڊاڪٽر ٺاهيا اتي سڀني ريت هن دنيا جا قانون قاعدا ٻڌائڻ لاءِ رسول ۽ پيغمبر ٺاهيائين ۽ جهڙي ريت هن دنيا جي استادن ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ اسين نہ مڃون تہ اسان کي دنيا ۾ پهنجي ناداني ۽ جهالت جي ڪري وڌيون تڪليفون اچن ٿيون سڀني ريت جيڪڏهن اسين پهنجي ناداني ۽ جهالت جي ڪري رسولن ۽ پيغمبرن جو چوڻ نہ مڃيون تہ هُن دنيا ۾ اسين وڏي تڪليف ۾ پوندا سين.

الله جي سڀني احسانن ۾ سڀ کان وڏو احسان هيءُ آهي تہ هن اسان کي پهنجيون گالهيون سمجهائڻ ۽ نيڪيءَ جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ پهنجا رسول اماڻيا.

آدم عليہ السلام جي وقت کان وٺي حضرت محمدﷺ تائين هر زماني ۾ ۽ هر قوم ۾ خدا جا اهي رسول ايندا رهيا سڀني کان پچاڙيءَ ۾ سڀني رسولن جي رسول حضرت محمدﷺ کي اماڻيو ويو کانئن پوءِ وري پيو کو رسول

اچڻوکونهي چوته خدا جي ڳالهه پوري ٿي چڪي آهي ۽ خدا جو پيغام هرهنڌ پهچي چڪو آهي.

اسان جي رسول ﷺ کي چاليهه سالن جي جماڻ جڏهن الله رسول بنائڻ گهريو ان کان اڳ کين اکيلو رهڻ گهڻو پسند هوکيترن ئي ڏينهن جوکاڌوگڏ کڻنداهئا ۽ مکه جي ويجهه هڪ جبل جي غار ۾ جهن جونالو حرا هوهليا ويندا هئا ۽ الله جي ڳالهين تي ويچارڪندا هئا دنيا جي گمراهي ۽ عرب ماڻهن جي خراب حالت ڏسي پاڻ سگهرن جي دل ڏکندي هئي پاڻ سگهرا ان غار ۾ ڏينهن رات خدا جي عبادت ۽ سوچ ۾ رڌل رهندا هئا هڪ ڏينهن هيئن ٿيو جو الله جي حڪم سان الله جو اهو فرشتو جيکو الله جي ڪلام ۽ پيغام کڻي رسولن وٽ ايندو آهي ۽ جهن جونالو حضرت جبرائيل عليه السلام آهي.ڏسڻ ۾ آيو هن فرشتي خدا جو سپ کان پهريون پيغام جهن کي وحي چون ٿا محمد ﷺ کي ٻڌايو خدا جي اماڻيل پهرئين وحي هئي هئي.

سورهِ

هي اسان جي رسول ﷺ تي پهرين وحي آئيان وحي جي اچڻ سان رسول ﷺ تي پهنجي امت جي تعليم جوڳيو بار وڌو ويو.نادانن کي ٻڌائڻ ،اڻڄاڻن کي سيکارڻ،اوندهه ۾ هلڻ وارن کي سوجهرو ڏيکارڻ ۽ بتني پوجارين کي خدا پاڪ جي نالي کان واقف ڪرڻ جو ڪم پاڻ سگهرن تي ڪيو ويو سندن دل خوف کان ڏکي وئي اهڙي حالت ۾ پاڻ سگهرن گهر موٽي آيا ۽ پهنجي گهرواري حضرت خديجه رضه کي سڄو واقعو ٻڌايائون حضرت خديجه رضه کين تسلي ڏني ۽ چيو ته اوهان غريبن تي رحم ڪريو ٿا بيکسن جي مدد ڪريو ٿا ۽ جيکي قرضن جي باوجود هيئيان ڏيل آهن انهن جو بار هلکو ڪريو ٿا الله تعالي اهڙي شخص کي ائين کونه چڏي ڏيندو ويو ۽ کين پهنجي سوٽ ورقه بن نوفل وٽ وٺي ويئي ورقه عيسائي مذهب ۾ داخل هو ۽ عبراني ٻولي جاڻيندو هو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جو ڪتاب تورات ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جو ڪتاب انجيل پڙهيل هو.هن حضرت رسول خدا ﷺ کان سموري ماجرا ٻڌي ته چيائين ته هي اهوئي خدا جو فرشتو آهي جيکو موسيٰ عليه السلام تي لٿو هو ۽ چيائين ته "اي ڪاش! آئون ان وقت

توانوءِ تندرست هجان جڏهن تهنجي قوم توکي تهنجي گهرمان ڪڍندي پاڻ پچيائون چا ائين ٿيندو؟ ورقو چيو ته جيڪو پيغام اوهان کٽي آيا آهيو اهو ڪٽي اوهان کان اوهِ جيڪو به آيوان سان سندس قوم اهوئي سلوڪ ڪيو اتفاق سان ان کان ڪجهِ ڏينهن پوءِ ورقو گذاري ويو.

اڃان پاڻ سگهورن پنهنجو ڪم شروع ئي ڪيو ته الله جو حڪم آيو

(1)يا أيها المدثر 1 - .1اي (پاڻتي) ڪپڑي ويڑهڻ وارا مڙس .

(2) قُم فَأنذر 2 - .ڪڙو ٿي پوءِ ڊيڄار .

(3) وربك فَكبر 3 - ءِ پنهنجي پالڻهار جي وڏائي بيان ڪر .

(4) وثيابك فَطهر 4 - ءِ پنهنجا ڪپڑا پاڪ رک .

(5) والرجز فَاهجر 5 - ءِ پليتي کان پري رهه .

هن وحي جي اچڻ کانپوءِ پاڻ سگهورن تي فرض ٿي ويو ته خدا تي پروسو ڪري اٿي ڪڙا ٿين ءِ ماڻهن کي خدا جون گالهيون ٻڌائين رب جي وڏائي بيان ڪن ءِ ناپاڪي ءِ گندگي جي گالهين کان بچن ءِ بچائين.

اسلام

جيڪا تعليم ڪٽي اسان جا حضور جن اماڻيا ويا ان جو نالو "اسلام" هو. اسلام جي معني هي آهي ته پاڻ کي خدا جي حوالي ڪري ڇڏيوءِ ان جي حڪم آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. انهيءَ اسلام کي جيڪو مڃي ونندو هو ان کي مسلم چوندا هئا يعني خدا جي حڪم کي مڃڻ وارو ءِ ان جي مطابق هلڻ اوروءِ هاڻي اسين ان کي پنهنجي ٻولي ۾ مسلمان چئون ٿا.

هن ڪتاب جا سڀ حق ءِ واسطا اداري وٽ محفوظ

اسلام جو سپ کان پھريون حڪم هي هو ته الله هڪ آهي هن جي خدائي ۾ هن جو ڪوبه ساڻي ۽ برابر ڪوبه نه آهي زمين کان آسمان تائين انهيءَ هڪ جي سلطنت آهي. سج هن جي حڪم سان ايري ٿو۽ لهي ٿو آسمان هن جي حڪم جي تابع ۽ زمين هن جي اشاري جي پابند آهي. گل، ٻوٽا، اناج سپ هن جا اپايل آهن. درياً جبل، ٻيلا سپ هن ناهيا آهن نه هن جو ڪو اولاد آهي، نه گهرواري آهي نڪي ماءُ پيءُ آهي نڪي هن جو ڪو برابر ۽ مقابل آهي. سپ ڏک سور ۽ رنج غم اهو ئي ڏئي ٿو۽ اهو ئي پري ڪري ٿو سپ خير، خوشي ۽ نعمت اهو ئي ڏئي ٿو۽ اهو ئي کسي سگهي ٿو.

اسلام جي انهيءَ عقيدي جو نالو توحيد آهي ۽ اهو ئي اسلام جي ڪلمي جو پھريون حصو آهي. لاالٰه الاالله يعني الله کانسواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ڪونهي ۽ نه هن کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو حڪم هلي ٿو.

الله زمين ۽ آسمان جي ڪنهن کي وقت تي قاعدي ان پوروڪرڻ لاءِ گهٽيون ئي اهريون مخلوقات ناهيون آهن جيڪي اسان کي نظر نٿيون اچن. اهي فرشتا آهن جيڪي رات ڏيهن الله جي حڪمن کي پوروڪرڻ ۾ لڳا رهن ٿا انهن ۾ پاڻ ڪنهن به قسم جي ڪا طاقت ڪانهي جيڪي ڪجهه آهي اهو الله جي فرمائش سان آهي. هي اسلام جو عقيدي جو پيو حصو آهي.

ٽيون هيءُ آهي ته الله جا حڪم جا جيترا به رسول آيا اهن اهي سپ سچا ۽ خدا جا اماڻيل آهن ۽ سڀني جي تعليم هڪ ئي هئي سڀني کان پڇاڙيءَ ۾ دنيا جا آخري رسول اسان جا پيغمبر محمد رسول الله ﷺ آيا آهن.

چوٿون هيءُ آهي ته رسولن جي معرفت الله جا جيڪي ڪتاب تورات، انجيل، زبور ۽ قرآن مجيد وغيره آيا اهن اهي سپ سچا آهن.

پنجون هيءُ آهي ته مرڻ کانپوءِ اسين وري جيئرا ٿي اٿنداسين ۽ خدا جي اڳيان حاضر ڪيا ويندا سين ۽ هو اسان کي اسان جن ڪمن جو بدلو ڏيندو.

اهي ئي پنج ڳالهيون اسلام جو اصلي عقيدو آهي. جن تي هر ڪو مسلمان يقين رکي ٿو انهن ئي ڳالهين کي مختصر ڪري ٻن فقرن ۾ ادا ڪيو وڃي ۽ جن جي زبان سان چوڻ ۽ دل

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

سان يقين ڪرڻ کي "ايمان" چون ٿا.
لااله الاالله محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم (برحق ڪانسواءِ ڪوبه الٰه ڪونهي محمدﷺ خدا جا اماڻيل رسول آهن)
حضرت محمدﷺ کي انهن ئي ڳالهين پکيڙڻ ۽ ماڻهن کي سمجهائڻ جو حڪم ٿيو.

پهرين مسلمان ٿيندڙ

عرب جا ماڻهو حد درجي جا جاهل ،نادان،۽ خدا جي دين کان بي خبر ٿي ويا هئا ۽ شرڪ وڪفر ۾ اهڙا فاڻل هئا جوان جي برائي هوبڊي به نٿي سگهيا سچائي جو هي آواز سپ کان پهرين جنهن جي ڪن تي پهتو اها حضور جن جي گهرواري بيبي خديجه رضه آهي.رسول صلعم جن جڏهن سندس اڳيان خدا جي تعليم پيش ڪئي ته هوءَ ٻڌڻ سان مسلمان ٿي ويئي.پاڻ سڳورن جي مدد ساڻين ۾ ابوبڪر نالي قريش جو جيڪو مشهور سوداگر هو اسان جي رسول ﷺ جن جڏهن ان کي خدا جو پيغام ٻڌايو ته هو به بنا هيڪ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو۽ ان وقت کان وٺي لڳاتار پاڻ سڳورن جي هر ڪم ۾ ساڻن گڏوگڏ رهڻ لڳا.پاڻ سڳورن جي پياري چاچي ابو طالب جي ننڍي جمار واري پٽ جو نالو علي هو هي اسان جي رسولﷺ جي جهولي ۾ نپيو هو۽ پاڻ سڳورن سان گڏوگڏ رهندو هو.هو ننڍپڻ کان ئي مسلمان رهيو.پاڻ سڳورن جو هڪ لاڏلو خادم جنهن جو نالو زيد بن حارث هوان به اسلام جو ڪلمو پڙهيو۽ مسلمان ٿي ويو.

ان کانپوءِ پاڻ سڳورن ۽ حضرت ابوبڪر رضه گڏجي مان ميٽ ۾ قريش جي اهڙن ماڻهن کي جيڪي طبيعت جا نيڪ ۽ سمجهه جا چڱا هئا اسلام جون ڳالهيون سمجهائڻ شروع ڪيون.وڏن وڏن نالين ماڻهن مان پنج ماڻهو حضرت ابوبڪر رضه جي سمجهائڻ سان مسلمان ٿيا جن جا نالا هي آهن حضرت عثمان رضهبن عفان،حضرت زبير رضه ،حضرت عبدالرحمان رضه بن عوف ،حضرت سعد رضه بن وقاص ۽ حضرت طلحه رضه پوءِ هي چوڀول آهستي آهستي بين ماڻهن جي ڪن تائين به رسيو۽ مڪه ۾ مسلمان جو ڳاڻيتو ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو انهن ۾ ڪجهه غلام(ٻانها)به هئا جن جا نالا هي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

آهن حضرت عمار رضہ بن ياسر،حضرت خباب رضہ بن ارت ،۽ حصرت صهيب رضہ رومي قريش جي ڪجھ نيڪ طبيعت نوجوانن بہ پهرين ايمان آندو،جهڙوڪ ارصم رضہ،سعيد بن يزيد،عبدالله بن مسعود ،عثمان بن مظعون ۽ عبيده رضي الله عنهم.

هاڻي آهستي آهستي اهواثر مڪ کان باهرہ پکڙڻ لڳو۽ قريش جي سردارن کي بہ هن نئين تعليم جي سُڌ پُڌ پوڻ لڳي هڪ تہ جهالت پيوابن ڏاڏن جي مذهب سان الفت ۽ شيون اهڙيون هيون جو قريش جي سردارن کي هن نئين مذهب تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي جيڪي ماڻهو مسلمان ٿي ويا هئا انهن کي هر نموني سان ستائڻ شروع ڪيائون .مسلمان جبل جي لڪن ۽ عارن ۾ وڃي لڪي لڪي نماز پڙهندا هئا ۽ الله جو نالو وٺندا هئا هڪ پيرو خود رسول الله ﷺ جن پهنجي سوٽ حضرت علي رضہ کي گڏ وٺي ڪهن لڪ ۾ نماز پڙهي رهيا هئا تہ سندن چاچو ابو طالب اچي نڪتو،هن کي هن نئين شيءِ عجيب لڳي پائيٽي کان پڇيائين تہ هيءَ ڪهڙو دين آهي؟پاڻ فرمايائون هي اسان جي ڏاڏي ابراهيم عہ جو دين آهي ابو طالب چيو اوهان شوق سان انهيءَ دين تي قائم رهو،منهنجي هوندي اوهان کي ڪير بہ ڪجھ نٿو ڪري سگهي.

ٽن سالن تائين پاڻ سگهرا ائين لڪي لڪي ۽ آهستي آهستي بٽن جي خلاف وعظ ڪندا رهيا۽ ماڻهن کي صحيح دين جو سبق پڙهائيندا رهيا.جيڪي نيڪ ۽ سمجهدار هوندا هئا اهي قبول ڪري وٺندا هئا ۽ جيڪي ناسمجھ ۽ هٺيلا هوندا هئا اهي نہ مڃيندا هئا اٽلو دشمن ٿي پوندا هئا.

ان زماني ۾ ڪعبي جي پيرمر هڪ گهٽي هئي جنهن ۾ هڪ وڏي سچار ۽ جان نثار مسلمان ارقم جو گهر هو،هي گهر اسلام جو پهريون مدرسو هو،پاڻ سگهرا گهٽو ڪري هتي ويهندا هئا ۽ مسلمانن سان ملندا ۽ انهن کي خدا جي ياد ۽ نصيحت جون سٹيون سٹيون گالهيون ٻڌائيندا هئا ۽ انهن جي ايمان کي پختو ڪندا هئا جيڪي ماڻهو هن دين جو شوق رکندا هئا اهي اتي اچي خدا جي رسول سان ملندا ۽ مسلمان ٿيندا هئا.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

پهريون عام اعلان

ٽن سالن کانپوءِ خدا پاڻ سگهرن کي حڪم ڏنو ته هاڻي ظاهر ظهور خدا جو نالو بلند ڪريوءِ بي ڊپا ٿي بت پرستي جي مخالفت ڪريوءِ منهنجي پاڻهن کي نيڪي ءِ نصيحت جون ڳالهيون ٻڌايو.اتفاق جي ڳالهه ڏسو ته ان وقت جڏهن سڀني کان وڌيڪ پاڻ سگهرن جو ساٿ ڏنوءِ سندن حمايت جو وچن ڪيو اهو به پاڻ سگهرن جو ساٿ ڏنوءِ سندن حمايت جو وچن ڪيو اهو به پاڻ سگهرن جو چاچو هو جڏهن جو نالو ابو لهب هو.ابو لهب کانسواءِ سندن دين جو سڀ کان وڏو دشمن ابوجهل ٿيو جيڪو قريش جو هڪ سردارءِ وڏو دولتمند هو.قريش جي سردارن جو هي چوٽ هو ته جيڪڏهن خدا کي پهنجو قاصد ءِ ايلچي بڻائي موڪلڻو ئي هو ته مڪي يا طائف جي ڪنهن دولتمند رئيس کي بنائي اماني ها.انهن جي سمجهه ۾ اها ڳالهه نٿي آئي ته خدا جي دربار ۾ دولت ءِ رياست جي نه پر نيڪي ءِ چڱائي جو قدر آهي.هن ازلي کان ئي طئي ڪري ڇڏيو هو ته قريش جي گهراڻي ۾ عبدالله جي يتيم پٽ محمد (ﷺ) کي پهنجو آخري رسول بنائي اماڻيندو ۽ تنهن ڪري هن اماڻيوءِ اهو هاڻي ظاهر ٿيو.

اسان جي رسول ﷺ کي جڏهن دين جي ظاهر ظهور اعلان جو حڪم ٿيو ته پاڻ سگهرن مڪي جي هڪ ٽڪريءَ تي جڏهن جو نالو صفا هو بيهي قريش کي سڏ ڪيو عرب جي رواج مطابق اهو آواز ٻڌي قبيلي جي سڀني ماڻهن جو گڏ ٿي وڃڻ ضروري هو.تنهنڪري مڪي جا وڏا سردار انهيءَ ٽڪري جي هيٺيان اچي گڏ ٿيا.پاڻ انهن کان پڇيائون ته جيڪڏهن آئون اوهان کي اهو چوان ته هن جبل جي پويان اوهان جي دشمن جو هڪ لشڪر اچي رهيو آهي ته ڇا اوهان کي ان جو يقين ٿيندو.سڀني چيو ها بيشڪ چو ته اسان توکي سدائين سچ ڳالهائيندو ڏٺو آهي.پاڻ فرمايائون ته پوءِ آئون اهو ته چوان ته

جيڪڏهن اوهان خدا جو پيغام کي نه مڃيو تہ اوهان جي قوم تي هڪ تمام وڏي آفت ايندي.اهو ٻڌي ابولهب چيو تہ چا تو اهوئي ٻڌائڻ لاءِ اسان کي هتي سڏيو هو.اهو چئي اٿيو ۽ هليو ويو قريش جا سردار به خفا ٿي هليا ويا.

عام تبليغ

پر اسان جي رسول ﷺ انهن سرادرن جي خفا ٿيڻ جي پرواھ ڪانہ ڪئي ۽ بت پرستي جون برائيون ظاهر ظهور بيان ڪندا رهيا۽ خدا جي هيڪرائي عبادت ۽ سٺن اخلاق ۽ قيامت جو وعظ فرمائيندا رهيا.جن جون دليون سٿيون هيون اهي سندن گالهہ قبول ڪندا ويا پر جيڪي دل جا نيڪ نہ هئا اهي شرارت تي لهي آيا ۽ پاڻ سڳورن کي طرحين طرحين نموني سان ستائڻ لڳا.رستي ۾ ڪنڊا رکي ڇڏيندا هئا پاڻ نماز پڙهڻ ويندا هئا تہ تنگ ڪندا هئا ڪعبي جو طواف ڪرڻ ويندا هئا تہ ٿوڪون ڪندا هئا ماٿن ۾ پاڻ سڳورن کي شاعر جادوگر،چريو وغيرہ مشهور ڪندا هئا۽ جيڪو نئون ماڻهو ايندو هو ان کي اڳواٽ وڃي چئي ايندا هئاتہ اسان وٽ هڪ شخص بي دين ٿي ويو آهي ان وٽ نہ وڃجو.

پاڻ سڳورا انهن جون اهي سڀ سختيون سهندا هئا ۽ پهنجو ڪم ڪندا رهندا هئا.قريش جڏهن ڏٺو تہ هي ڪهن ۾ نموني نٿو رهي تہ هڪڏهن گڏ ٿي پاڻ سڳورن جي چاچي ابوطالب وٽ ويا ۽ چيائون تہ تهنجو پائيتو اسانجن بتن کي گهٽ وڌ گالهائي ٿو اسانجن ابن ڏاڏن کي گمراھ ٻڌائي ٿو۽ اسان کي نادان سڏي ٿو.هاڻي يا تہ تونوچ مان هٽي يا تون به ميدان ۾ لهي اچ تہ اسان ٻهي (ڏرين) مان هڪ جو فيصلو ٿي وڃي.ابوطالب ڏٺو تہ هاڻي وقت نازڪ آهي.حضرت ﷺ جن کي گهرائي چيائين تہ مون پوڙهي تي ايترو بار نہ وڌو جو کٽي نہ سگهان.ظاهري طرح حضور ﷺ جن کي جيڪڏهن ڪهن جي مدد جو آسرو هو تہ اهوئي چاچو هو.ان جي اها گالهہ ٻڌي سندن اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا ۽ روئي فرمايائون تہ "چاچا! خدا جو قسم جيڪڏهن هي ماڻهو منهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي هٿ تي چند آڻي رکن،تڏهن به پهنجي ڪم تان هٿ کوڻ کٽندس."پاڻ سڳورن جو

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

اهو عزم ۽ ارادو ڏسي ۽ سندن اها اثر پريل گالهه بڌي ابوطالب تي ڏاڍو اثر ٿيو ڪين چيائين "پائيتا وچ پهنجو ڪم ڪندو هل هي تهنجو ڪجهه به بگاڙي ڪونه سگهندا."

چاچي جي اها گالهه بڌي دلکي ڏاڍو ڏڍ آين ۽ پهنجو ڪم وڌيڪ تيزي سان ڪرڻ شروع ڪيائون اکثر قبيلن جا ٿورا ٿورا ماڻهو مسلمان ٿيڻ لگا قريش سردارن ڏٺو ته ڏمڪي سان ڪم نه ٿيو هاڻي ٿوروڪهي ريبي ڪم هلايون سيني صلاح ڪري عُتبه نالي قريش جي هڪ سردر کي سمجهائي ناهي پاڻ سگهون وٺ اماڻيو هن پاڻ سگهن وٺ اچي هيءُ چي "اي محمد ﷺ قوم ۾ ڏاروجهڙ سان جيڪڏهن تون مڪ جي سرداري گهرين ٿو ته اها حاضر آهي. جيڪڏهن ڪهن وڏي گهراڻي مانشادي ڪرڻ گهرين ٿو ته اها به ٿي سگهي ٿي ، جيڪڏهن دولت کپيئي ته اسين ان لاءِ به تيار آهيون پر تون هن ڪم تان هٽ ڪڻ."

عتبه جو خيال هو ته اسان جيڪا اڪل ويڙهائي آهي ان جي ڪاميابيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي. محمد ﷺ انهن گالهين مان ڪهن هڪ جي لالچ ۾ اچي ضرور اسان سان صلح ڪندو پر پاڻ سگهون جي زبان مان هن اهو جواب جهڻ جي هن کي ذري جيتري به اميد ڪانه هئي. پاڻ سگهون قرآن پاڪ جون ڪجهه آيتون هن کي ٻڌايون انهن آيتن جي ٻڌڻ سان هن جي دل دهلجي وئي واپس آيو ته قريش ڏٺو ته هن جي منهن جو رنگ اڏامي ويو آهي. عتبه چيو "محمد ﷺ جيڪو ڪلام پڙهي ٿو اهو نه شاعري آهي ۽ نڪي جادوگري آهي . منهنجو رايو هي آهي ته اوهين ڪيس سندس هال تي ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن هو ڪامياب ٿي عرب تي غالب اچي ويو ته اها اسان جي ئي عزت آهي. نه ته عرب جا ماڻهو پاڻ ئي کين پوروڪري ڇڏيندا پر قريش هن جي گالهه نه ڪجي پهنجي هوڏ تي ائين ئي جميا رهيا.

هاڻي پاڻ سگهون جو هي ڪم هو ته هڪ هڪ ماڻهو وٺ ويا ٿي ۽ ان کي سمجهايائون ٿي ڪهن ڪجي ورتو ٿي ڪومات ڪري ٿي ويو ڪهن جهٽڪي ٿي ڇڏيو اهڙي حالت ۾ جن ماڻهن مان ايمان آندو ۽ مسلمان ٿيا انهن جي وڏي واکاڻ آهي ۽ انهن مان ڪن ڪن جي مسلمان ٿيڻ جو قصو ڏاڍو دلچسپ آهي.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

حضرت حمزہ رضہ جو مسلمان ٿيڻ

حضرت حمزہ رضہ پاڻ سگھورن جو چاچو هوءَ عمر ۾ ٻہ ٿوروئي وڏو هو هڪ سگ سان پاڻ سگھورن جي مامي جو پٽ ۽ ٿيج شريڪ ياءُ ٻہ هو تنهنڪري پاڻ سگھورن سان گھٽي محبت ڪندو هو ڏاڍو پهلوان شخص هو گھٽو وقت گھمڻ ۽ شڪار تي خرچ ڪندو هو ابوجهل جو حال تہ اوهان کي خبر آهي تہ هو پاڻ سگھورن کي ڪهڙن ڪهڙن نمونن سان ستائيندو هو هڪ ڏينهن جو واقعو آهي تہ ابو جهل پنهنجي روزانہ عادت مطابق پاڻ سگھورن کي گھٽ وڌ گالهايو هڪ ٻانهي بيني اهي گالهيون ٻڌيون شاڪ جو جڏهن حمزہ شڪارکان واپس آيو پئي تہ ان ٻانهي جيڪي ڏنو ۽ ٻڌو هو اهو ڪيس ٻڌايائين حمزہ اهو ٻڌي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ انهيءَ حالت ۾ ڪعبي جي اڳ ۾ آيو جتي قريش جا وڏا وڏا ماڻهو پنهنجيو ڪچهريون لڳايو ويٺا هئا ۽ ابو جهل وٽ پهچي ڪمانان جي مٿي تي هٽي ڪڍيائين ۽ چيائين تہ "ٻڌ آئون مسلمانٿي ويو آهيان جيڪي وڻيئي سو مون سان ڪري وڃ" اهو چئي گھر هليو آيو .هاڻي اهو ڏينهن اچي ويو جو اسلام جي جهڳي ۾ قريش جو هڪ وڏو پهلوان شريڪ ٿي ويو

حضرت عمر رضہ جو مسلمان ٿيڻ :

خطاب جو پٽ عمر قريش جي هڪ خاندان جو نوجوان هو مزاج ۾ سختي هئس جيڪا گالهہ ڪندو هو سختيءَ سان ڪندو هو هي ٻہ ان وقت اسلام جو دشمن هو مسلمانن کي تنگ ڪندو هو ۽ ستائيندو رهندو هو خدا جي ڪرڻي هيئن ٿي ٿي تہ هڪ ڏينهن هو ڪعبہ بت خاني ۾ ستو پيو هو تہ بت خاني جي اندر لاالٰہ الا الله جو آواز ٻڌائين گھبرائجي اٿي ويٺو ۽ هاڻي هوان آواز جي سچائي تي ڪڏهن ڪڏهن ويچار ڪرڻ لڳو حضور اڪرم ﷺ رات جو جڏهن قرآن پڙهندا هئا تہ هي ٻين کان لڪي بهي ٻڌڻ لڳو هڪ رات پاڻ سگھورا نماز ۾ قرآن جي هڪ سورہ پڙهي رهيا هئا عمر هڪ هڪ آيت ٻڌي رهيو هو ۽ ان جو اثر منس ٿي رهيو هو تنهن هوندي ٻہ جيئن تہ هو مزاج جو سخت ۽

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

طبيعت جو پڪو هو تنهنڪري ان اثر کي ختم ڪندو رهيو.

ان کان آڳ ۾ عمر جي پيٽ فاطمہ رضہ ۽ پيٽيويو سعد بن زيد مسلمان ٿي چڪا هئا.عمر کي خبر پيئي ته بهي کي رسين سان ٻڌي ڇڏيائين.مشهور هي اهي ته هڪ پيري عمر جي دل ۾ خيال ايو ته محمد ﷺ جو سر لاهي ڇڏجي ته روز جو جهيڙو ختم ٿي وڃي.اهو ارادو ڪري اهو تلوار کڻي گهران نڪتو.رستي ۾ هڪ مسلمان سان سندس ملاقات ٿي ان پڇيو ته عمر! ڪيڏانهن جو ارادو آهي.هن چيو ته وڃان ٿو ته اج محمد ﷺ جو ڪم پورو ڪري ڇڏيان ان چيس ته پهرين پنهنجي پيٽ ۽ پيٽوئي جي ته خبر وٺ.انهيءَ طعني تي هو تپي ويو ۽ موٽي پنهنجي پيٽ جي گهر جو گس ورتائين اتي پهتو ته قرآن پڙهڻ جو آواز ٻڌائين.ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي پيٽ ۽ پيٽوئي کي دل کولي ماريائين پر ڏنائين ته انهن کي توحيد جو نشو سڳي طرح هو.هن جي دل تي ان وڏو اثر ٿيو چيائين ته چگو جيڪا سورة اوهان پڙهي رهيا هئا اها مونکي ب ڏيکاريو.هن اهو پنو کڻي آڻي هٿ تي رکيس عمر جيئن جيئن ان کي پڙهندو ٿي ويو هن جي دل ڏکندي پئي ويئي نيٺ ٽڪ کيائين لااله الاالله محمد رسول الله ﷺ.

هي اهو زمانو هو جڏهن پاڻ سڳورا ارقم رضہ جي گهر ۾ هئا. حضرت عمر رضہ سڏو اتي پهتو درجا طاق بند هئا سڏ ڪيائين جيڪي مسلمان اتي هئا حضرت عمر رضہ کي تلوار ڪنيل ڏسي دنا.حضرت حمزہ رضہ "اڇ ڏيوس.جيڪڏهن هو خلوص سان آيو آهي ته نيڪ نه ته سندس تلوار سان سندس سر لاهي ڇڏبو."دروازو کليو ۽ حضرت عمر رضہ اندر پيرو ڏو ته رسول خدا صلعم پاڻ اڳتي وڌيا ۽ سندس پلؤ جهلي فرمايائون چو عمر! ڪهڙي ارادي سان آيو آهين؟ عرض ڪيائين ته ايمان آڻڻ لاءِ.اهو ٻڌي مسلمانن ايڏو زور سان الله اڪبر! جو نعرو هنيو جو مڪ جون ٽڪريون گونجي ويون.

ڪافرن کي جڏهن حضرت عمر رضہ جي مسلمان ٿيڻ جي خبر پيئي ته انهن سيني پاسن کان حضرت عمر رضہ جي گهر جو گهيرو ڪيو پر عاص بن وائل جي سمجهائڻ تي هوموٽي هليا ويا.حضرت عمر رضہ مسلمان ٿيا ته مسلمانن جي همت وڌي ويئي ان وقت تائين مسلمان ڪافرن جي ڊپ کان ڪعبي ۾ وڃي نماز ڪونہ پڙهندا هئا حضرت

عمر رضہ مسلمان ٿيا تہ سپني مسلمانن کي گڏ وڃي نڪتا ۽ وڏي ڪعبي جي اڳڙ ۾ وڃي نماز پڙهيائون.

ابوذر غفاري رضہ جو مسلمان ٿيڻ

رسول صلعم جن جي مسلمان ساڻين کي "صحابہ" چوندا آهن. اسلام جيئن جيئن پکڙندو ٿي ويو صحابين جو تعداد بہ ڏيهون ڏينهون وڌندو ويو. ايتريقدر جو اهي مکہ کان باهر بہ پهچي ويا. مکہ کان ٿورو پري غفار جو قبيلو رهندو هو. ان ۾ ابوذر ۽ انيس بہ پائر هئا. ابوذر رضہ کي جڏهن خبر پيئي تہ مکہ ۾ هڪ رسول ﷺ پيدا ٿيو آهي. جنهن جي دعويٰ هياهي تہ هنوٺ آسمان کان خدا جو پيغام اچي ٿو تہ هن پهنجي پاءُ انيس کي اماڻيو تہ وڃي ان رسول جا حال معلوم ڪري ۽ ان جون گالهيون ٻڌي. انيس مکي آيو ۽ واپس وڃي پهنجي پاءُ کي چيائين تہ هو اخلاق جون سٺيون سٺيون گالهيون ماڻهن کي ٻڌائي ٿو ۽ جيڪو ڪلام پيش ڪري ٿو اهو شعر کونهي. اهو ٻڌي ابوذر رضہ جو شوق وڌيو ۽ هو پاڻ سوار ٿي مکي آيو ۽ ڪعبي ۾ گهٽيو تہ خدا جي ان رسول جي خبر وٺي ڪهن کان پڇڻ ڏکيو هو. رات ٿي ويئي ۽ هو ليٽي پيو. حضرت علي رضہ اتان لانگهائو ٿيا تہ انهن سمجهيو تہ هي ڪو پرديسي آهي. حضرت علي رضہ هن ڏانهن ڏٺو هو پويان ٿي هليو. رات ۾ هڪ ٻئي سان گالهايائون ڪونہ سڄي رات هو سندن گهر رهيو. صبح ٿيو تہ وري ڪعبي ۾ هليو آيو ۽ سڄو ڏينهن ائين پيو رهيو. رات ٿي تہ وري بہ اتي ئي ليٽي پيو. حضرت علي رضہ هاڻي وري اتان لنگهيا تہ ڏانائون تہ ساڳيو پرديسي آهي. ڪيس اڻاري پهنجي گهر وڃي آيا ۽ ڪابہ گالهہ پوڇہ ڪانہ ٿي. رات گذاري ابوذر رضہ وري ڪعبي ۾ پهتو. اهڙي ريت ڏينهن لنگهيو. رات آئي تہ اتي ئي سمهڻ گهريائين تہ وري حضرت علي رضہ جو لنگهڻ ٿيو ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ وڃي هليا. رستي ۾ پڇيائون تہ تون ڪٿان آيو آهين؟ هن کي جيڪا گالهہ هئياهي ڪري ٻڌائي. فرمايائون ها هي سچ آهي ۽ هو خدا جا رسول آهن. ڇڪو صبح جو مون سان گڏ هلجان. صبح ٿيو تہ هوکوس وڃي خدا جي رسول ﷺ ڏانهن هليا. جڏهن اتي پهتا ۽ پاڻ سگورن جون گالهيون ٻڌائين تہ دل جي گالهہ زبان تي اچي ويئي ڪلمون پڙهي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

مسلمان ٿي ويو.حضور جن فرمايو هن وقت پهنجي گهرهليو وڃ هن چيو ته نه خدا جو قسم !آئون هي ڪلمون انهن ڪافرن جي اڳيان پڙهيون ڪري پڙهندس.اهو چئي ڪعبي ۾ آيو۽ ڏاڍي زور سان پڙهڻ لڳو.اشهد ان لااله الا الله وان محمدالرسول الله ﷺ (ترجمو:آئون شاهدي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪوبه عبادت جي لائق ناهي ۽ هي ته محمد ﷺ الله جا رسول آهن)ڪافرن هي آواز ٻڌو ته هر طرف کان مٿن ڌڻي پيا ۽ سيني گڏجي ڪيس ڏاڍو ماريو پاڻ سگهرن جو چاچو عباس رضه دوڙي آيا ۽ ڪيس بچايائون ۽ قريش کي چيائون ته "اوهان کي خبر ناهي ته هي غفار قبيلي جو ماڻهو آهي ۽ اوهان جي واپار جو رستو اتان ئي لنگهندو آهي."تڏهن قريش ڏاڍي مشڪل سان کيس ڇڏيو ٻئي ڏينهن جو وري ڪعبي ۾ آيو۽ ساڳئي نموني زور سان پڙهڻ لڳو.اسلام جو ڪلمو پڙهيائين.ڪافر وري دوڙي آيا ۽ کيس مارڻ لڳا ۽ وري به عباس رضه کيس اچي ڇڏايو.اهو هو صحابه جي اسلام جو نشو جيڪو لاهڻ سان به نٿي لٿو.

غريب مسلمانن جو ستائجڻ

قريش جڏهن ڏٺو ته مسلمانن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي ۽ هي اُتل نه ٿي جهلجي ته هن ڏاڍ ۽ ظلم ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪري ورتو.جنهن به غريب مسلمانن تي جنهن به ڪافر جووس هليو ٿي اهو ان کي طرحين طرحين سان مٿائڻ لڳو.منجهند جو عرب جي واريا سي ۽ ٽڪرائين زمين بيحد گرم ٿي ويندي آهي.ان وقت اهي بي يارومددگار مسلمانن کي جهلي ان تکي اُس ۾ انهيءَ گرم زمين تي ليٽائيندا هئا چاتي تي گرا پٿر رکي چڏيندا هئا بدن تي گرم واري پکيڙيندا هئا لوهه کي باهه ۾ تپائي ان سان داغيندا هئا.هي اهي سزائون هيون جيڪي بلال رضه ۽ صهيب رضه ۽ بن مسلمانن بانهن کي ڏينهون ويندیون هيون.

ان مان به دل نه ٽرندي هين ته حضرت بلال رضه جي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي چوڪرن جي حوالي ڪندا هئا پرهن جو هيءُ حال هو جو انهيءَ هالت ۾ به زبان تي اَحد اَحد هوندو هو يعني "اهو خدا هڪ آهي اهو خدا هڪ آهي."

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

صهيب رضہ .ڀانڀو هو جيڪيو مسلمان ٿي ويو هوڪيس جهلي ايترو ت ماريندا هئا جو سندس هوش وحواس هليا ويندا هئا.

خباب بن ارت رضہ به پراڻن مسلمانن مان هو ان کي طرحين طرحين تڪليفون ڏنيون ويون ايتري قدر جو هڪ ڏينهن برندڙ آگرن تي ڪيس پٽيرو ليتايو ويو ۽ ان وقت تائين ڪونہ ڇڏيو ويو جيسيتائين آگر اجهامي نہ ويا.

ياسر رضہ ۽ سندس پٽ عمار۽ نڙ سميہ هي ٽيئي مڪ جي غريبن مان هئا ۽ اسلام آڻڻ واري ۾ گهڻو آڳاٽا آهن.ياسر تہ ڪافرن جي هٿان تڪليفون سهندي سهندي ئي گذاري ويو سميہ کي ابوجهل اهڙي بڇچي هنئي جو هوءَ الله کي پياري ٿي ويئي.عمار کي تتلزمين تي ليتائي ايترو ماريندا هئا جو هو بيهوش ٿي ويندو هو.زبيرہ رضہ هڪ مسلامن بانهي هئي ابو جهل ان کي ايترو ماريو جو ان جون اکيون ويندیون رهيون ۽ پين غريب مسلمانن ۽ نون مسلمان ٿيندڙ بانهن ۽ بانهين کي به اهڙيون ئي سزائون ڏنيون ويندیون هيون.حضرت ابوبڪر رضہ جن، حضرت بلال رضہ ، عامر رضہ ،زبير رضہ ،نهديہ رضہ ، ۽ اُم عبيس رضہ وغيرہ مسلمان بانهن ۽ بانهين کي سندن ظالم ۽ بي رحم مالڪن کان خريدڪري آزاد ڪري ڇڏيو.

هي تہ غريب مسلمانن جي روداد هئي جي عزت ۽ دولت واري هئا اهي پهنجن وڏن مائٽن جي چنبن ۾ هئا.حضرت عثمان رضہ جڏهن مسلمان ٿيو تہ سندس چاچي کيس رسي سان ٻڌي ماريو.سعد بن زيد رضہ ۽ سندس نڙ فاطمہ جيڪا حضرت عمر رضہ جي ڀيڻ هئي انهن کي حضرت عمر رضہ رسن سان ٻڌي ڇڏيندو هو.حضرت زبير رضہ مسلمان ٿيو تہ سندس چاچو کيس تڏي ۾ويهي هنجي نڪ ۾ دونهون ڏيندو هو عبيدالله بن مسعود مسلمان ٿيو تہ ڪعبي ۾ وڃي سورہ رحمان پڙهڻ شروع ڪيائين ڪافر سيني پاسن کان هن تي چڙهي ويا ۽ ڏاڍو ماريائون.

مسلمان انهيبوسي ۾ چا ڪن ها.اڃي حضرت رسول الله ﷺ جن سان ڪافرن جون شڪايتون ڪندا هئا ۽ عرض ڪندا هئا تہ يا رسول الله! دعا ڪريو تہ مسلمانن کي امن ملي.پاڻ سگهرا انهن کي تسلي دلاسو ڏيندا هئا ۽ اڳين پيغمبرن جو حال ٻڌائيندا هئا

۽ انهن حق جي وات ۾ جيڪي تڪليفون ڏنيون اهي بيان ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته حق جو سچ گهٽي دير تائين ڪونه ٿوسگهي هڪ زمانو ايندو جڏهنخدا اوهان کي سرسي ڏيندو.اوهان کان اڳي ڪهن پيغمبرکي ڪٿ سان چيريو ويو ڪهن جو گوشت لوهه جي ڦٽيءَ سان چليو ويو پرانهن هق کي ڪونه ڇڏيو.

حبش ڏانهن هجرت

هڪ شهرکان ٻئي شهرڏانهن هليو وڃڻ کي هجرت چوندا آهن مڪي پڻهي آيا آهيو ته عرب جو ملڪ سمنڊ جي ڪپ سان آهي ۽ حجاز جنهنسمند جي ڪپ سان آهي ان جو نالو گاڻهو سمنڊ آهي.گاڻهي سمنڊ جي ٻئي ڪپ تي آفريقا ۾ حبش جو ملڪ آهي.اتان جو عيسائي بادشاه ڏاڍو نيڪ هو..مسلمانن جون تڪليفون جڏهن گهٽو وڌي ويون ته نبوت جي پنجين سال حضرت رسول خدا ﷺ جي اجازت سان يارهن مرد ۽ چار عورتون ٻيڙيءَ ۾ وهي حبش ڏانهن هليا ويا.

حبش جي بادشاه کي نجاشي چوندا آهن انهن مسلمانن کي پاڻ وٽ ڏاڍي امن و امان ۾ رهايو قريش کي جڏهن ان جي خبر پيئي ته انهن نجاشي وٽ پهنجا سفير اماڻيا ته هي اسان جا ڏوهاري آهن انهن کي اسان جي حوالي ڪريو.بادشاه مسلمانن کي گهرائي حال پچيو.حضرت علي رضه جي ڀاءُ حضرت جعفرطيار رضه مسلمانن جي پاران هيءَ تقرير ڪئي:

"اي بادشاهه! اسين جاهل هئا سين بت پوڄيندا هئا سين مردار کائيندا هئا سين ناڻ ناءُ تي ظلم ڪندو هو ۽ وهيڻن کي کائي ويندو هو ايتري ۾ اسان ۾ هڪ شخص پيدا ٿيو جنهن جي بزرگي ،سچائي ۾ ايمانداري کان اسين واقف هئا سين هن اسان کي سچي دين جي دعوت ڏني ۽ ايوتهه اسين بتن کي پوڄ ۽ يون،سچ ۾ الهايون ، ظلم تان هڪ ڪاڻون ،يتيمن جو مال نه کائون ،پاڙيسرين کي آرام رسايون،پاڻ دامن زالن تي بدنامي جو ڏوهه ۾ون،نماز پڙهون،روزار کون ،خيرات ڏيون.اسان انهيءَ شخص کي خدا جو پيغمبر ڏيو ۽هن جي ۾ الهين تي عمل ڪيو.انهيءَ ڪري هن جي ۾ري اسان جي قوم اسانجي جان جي دشمن بنجي پيئي ۽ اسانکي مجبور ڪري ٿه اسين هن کي ڏ ي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

اڻي واري گمراهي°رهون."

نجاشي چيو اوهان جي پيغمبر تي جيڪو ڪلاملئو آهي اهو ڪٿان کان پڙهو حضرت جعفر رضہ سورہ مريمجون ڪجھ آيتون پڙهيون نجاشيتي انهن جو ايترو اثر ٿيو جو هن جي اکين مان لڙڪ وهي پياپوءِ چيائين "خدا جو قسم هي ڪلامءِ انجيل ٻئي هڪئي چراغ جو عڪس آهن".اهو چئي قريش جي سفيرن کي چيائين ته اوهين موٽي وڃو آئون هن مظلومن کي واپس ڪونہ ڪندس.

مسلمانن جڏهن نجاشي جي اها مهرباني ڏٺي تہان کانپوءِ پيا بہ گھٽا مسلمان لڪي لڪي حبش ڏانهن هليا ويا.ايتريقدر جو انهن جو تعداد گھٽ وڌ ٿياسي ٿي ويو.

ابوطالب جي لڪ (شعب)۾ نظربندي :

قريش ڏٺو ته هيءَ انڪل بھڪمائتي ڪانہ ٿي تھنڪري قريش جي سڀني ڪٽنبن گڏجي نبوت جي ستين سال هي ناھ ڪيو ته ڪوبہ ماڻھو پيغمبر خدا جي ڪٽنب سان جنھن جو نالو بنوهاشم هو ڪوبہ لاڳاپو نہ رکندو نہ انهن مان ڪوشادي وهاڻ ڪندو نڪي انهن کي ڪا شيءِ وڪٽندوءِ نہ وٽندوءِ نہ وري انهن کي ڪاڏي پيتي جو ڪو سامان ڏيندو يا هي ته اهي محمد ﷺ کي اسان جي حوالي ڪري ڇڏين اهو ناھ لکي ڪعبي جي دروازي تي ٽنگيو ويو.ابوطالب ڪٽنب جي ماڻھنکي وٺي هڪ "لڪ"۾ هليو ويو جيڪو شعب ابي طالب سڏجي ٿو.هتي بين مسلمانن بہ اچي پناھ ورتي ۽ ڏاڍين تڪليفن سان هتي رهڻ لڳا.وڻن جا پن کائي وقت گذارڻ لڳا سڪل چمڙو ملين ٿي ته اهو ڀُجي ٿي کاڏائون .ننڍڙا بہ بک کان ڪِيهون ڪندا هئا.حضور ﷺ جن جي کائڻ لاءِ بلال رضہ ڪڏهن ڪڏهن ڪٽان ڪجھ ڪچ ۾ لڪائي ڪٽيايندو هو.ڪافر مسلمانن جي اها هالت ڏسي خوش ٿيندا هئا ٿي سال اهڙي نموني لنگهي ويا.نيٺ انهن ظالمن مان ڪن کي رحم آيوءِ هننانهي ظلم واري ناھ کي ٽوڙي ڇڏيو.

ابوطالب ۽ خديجہ رضہ جي وفات (10 هہ نبوي)

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

هاڻي هو "لک" مان نڪري پنهنجن گهرن ڏانهن آيا ٿورا ئي ڏينهن لنگهيا هئا ته پاڻ سڳورن جي پياري چاچي ابوطالب وفات ڪئي احان هن ڏک کي ڪي ٿورا ڏينهن ٿيا هئا ته حضورﷺ جن جي ڏکن جي ساٿي گهرواريص بيبي خديجہ رضہ بہ گذاري ويئي.هي وقت پاڻ سڳورن لاءِ ڏکيو گذريو.پاڻ سڳورن جا اُهي ئي بہ پيارڪندڙ ڏکن جا ساٿي هئا ۽ٻئي هڪ ئي سال هڪ ٻئي جي پويان گذاري ويا.

پاڻ سڳورن تي مصيبتون :

قريش جي ظالمن کي هن وقت تائين ابوطالب جي ڊڪي داب ۽حضرت خديجہ رضہ جي لحاظ جي ڪري خود رسول الله ﷺ تي هٿ کڻڻ جي همت ڪانہ ٿي هئي.انهن بهي جي گذاري وڃڻ تي ميدان خالي ٿي ويو.هاڻي هو خود حضورﷺ جن سان بي ادبي سان پيش اچڻ لڳا.هڪ ڀيرو پاڻ سڳورا گس وٽيو ئي ويا تہ ڪهن ظالم مٿي مبارڪ تي مٿي اڇلائي وڌي پاڻ اهڙا ئي گهر آيا.سندن ﷺ جي صاحبزادي پاڻي کڻي آئي هوءَ مٿي کي ڌوئيندي ٻئي وئي ۽ ٻيءُ سڳوري جي اها هالت ڏسي روئندي بہ رهي.پاڻ سڳورﷺ فرمايائون ٻيءُ جي جان نہ روءِ خدا تهنجي ٻيءُ کي ائين ڪونہ چڏيندو.

هڪ ڀيرو پاڻ ﷺ ڪعبي جي اڳڻ ۾ نماز پئي پڙهيائون قريش جا سردار ڪچهري لڳايو ويٺا هئا ڪين نماز پڙهندو ڏسي چوڻ لڳا تہ ڪوان جي اوجهري کڻي اڇي هن جي ڪنڌ تي رکي چڏي.ائين هڪ شريراهو ڪم ڪيوان جي ڪري پاڻ سڳورن جي پٺن تي ڏاڍو بار ٿي پيو.ڪهن حضورﷺ جن جي صاحبزادي حضرت فاطمہ رضہ کي وڃي اها خبر ٻڌائي هوءَ آئي ۽ ڪهن نموني ان گندگي کي هٽائي پري ڪيائين.

هڪ ڀيرو هڪ شريرپاڻ سڳورن جي ڳچيءَ ۾ چادر جو وڪڙ ڏيئي گلو گهٽڻ گهريو حضرت ابوبڪر رضہ ڏوڙي اچي پاڻ سڳورن کي بچايو ۽ ان (شريرماڻهو) کي چيو تہ ڇا هڪ شخص جي حياتي رکوايتري گالهہ تي وڙڻ ٿا گهرو جو هو چوي ٿو تہ منهنجو پروردگار الله آهي.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

طائف جو سفر :

مڪي کان چاليهِ ميلن جي پنڌ تي طائف جو سرسبزِ سڪيو شهر هو. پاڻ سڳورن مڪي جي ماڻهن جي حالت ڏسي اهو طئي ڪيو ته طائف وڃنِ اتان جي رئيسن کي اسلام جو پيغام ٻڌائين. پاڻ ﷺ زيد بن حارث کي گڏ وٺي طائف ويا ۽ اتان جي رئيسن کي دين حق جي دعوت ڏنائون پر افسوس جو انهن مان ڪنهن به هڪڙهان کي قبول نه ڪيو۽ رڳو ايتري تي بس نه ڪيائون پر بازار جي شريرن کي اُڀاري ڇڏيائون ته اهي رستي جي ٻنهي پاسن کان ٽي ٻيا ۽ جڏهن پاڻ سڳورا اتان لنگهڻ لڳا ته سندن پيرن تي پٿر هنيائون جنهن سان سندن پير رتو چاڻ ٿي پيا. پاڻ ﷺ تڪليف جي ڪري ڪٿي ويٺا ٿي ته هنن ٻانهن کان جهلي اٺاري ٿي ڇڏيو. شريرن وري وري پٿر ٿي هنيا ۽ گاريون ٿي ڏنيون ۽ پاڻ سڳورا ٽڪجي وري وهي ٿي رهيا. نيٺ پاڻ سڳورن ﷺ هڪ باغ ۾ پناهه ورتي اهو ڪٿرونه بي وسي جو وقت هو. ان وقت خدا جو هڪ فرشتو ڪين ڏسڻ ۾ آيو جنهن پاڻ سڳورن کي خدا جو پيغام ٻڌايو ته يا رسول الله جيڪڏهن توهان چئو ته طائف وارن تي هن جبلن کي ڪٽي اڇلايو وڃي ته جيئن اهي چٽجي وڃن. پاڻ سڳورن امت تي مهربان ٿيندي عرض ڪيو ته "خدايا ائين نه ڪريو ٿي سگهي ٿو ته هنن جي نسل مان ڪو توکي ڇڏ وارو پيدا ٿئي."

قبيلن ۾ دورو :

طائف جي ناڪام سفر پاڻ سڳورن جي مضبوط ارادي تي ڪو اثر ڪونه ڪيو. هاڻي پاڻ قصد ڪيائون ته هڪ هڪ قبيلي ۾ وڃي خدا جو پيغام ٻڌائين. ان لاءِ مڪ ۾ ج جو ڏرتي موقعو موجود هو. ان زماني ۾ عرب جي ڪنڊ ڪٽڇ مان ماڻهو ايندا ۽ ڪيترا ڏيهن ترسندا هئا. مڪ جي اوسي پاسي ۾ ميلا به لڳندا هئا ۽ اتي به ماڻهن جا ميڙ ٿيندا هئا حضور ﷺ جن انهن ميڙن ۾ هڪ هڪ قبيلي ۾ وڃي وعظ ڪرڻ ۽ قرآن جون آيتون ٻڌائڻ شروع ڪيون. ان جو هو اثر ٿيو ته سڄي ملڪ ۾ اسلام جي نئين

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

اوس ۽ خزرج ۾ اسلام:

انهن قبيلن ۾ يثرب شهر جا رهندڙ به مشهور قبيلا به هئا جن جا نالا اوس ۽ خزرج آهن. هي گهٽي وقت کان شهر ۾ رهندا ۽ ٻني ٻاروڪندا هئا هن جي اوسي پاسي ۾ يهودي آباد هئا جيڪي سوداگر ۽ مهاجڻ هئا ماڻهن کي وياج ۽ فصل جي پيدائش تي قرض ڏيندا هئا ۽ ڏاڍي سختي سان وصول ڪندا هئا هي قبيلا پاڻ ۾ به وڙهندا هئا ۽ هن تي اهي دولت مند يهودي جڙ حڪومت ڪندا هئا. غرض ته اهي ٻئي قبيلا ڪجهه ته پاڻ وڙهي وڙهي ۽ ڪجهه يهودين جي چنبي ۾ ڦاسي ڏاڍو تباهه ٿي ويا هئا.

يهودين جي آسماني ڪتابن ۾ هڪ پيغمبر جي اچڻ جي خبر هئي ۽ يهودين جي محفلن ۾ گهٽوڪري ان جي پيدائش جي گالهه ٻولهه ٿيندي رهندي هئي. اهي گالهيون اوس ۽ خزرج جي ڪن تائين به پيون پهچنديون هيون. نبوت جي ڏهين سال رجب جي مهيني ۾ هنٻني قبيلن جا ڪجهه ماڻهو مڪي آيا. پاڻ سگورا عقبه جي هنڌ تي انهن کي گڏيا ۽ خدا جو ڪلام انهن کي پڌرايائون انهنماڻهن هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي چيو ته هي اهو پيغمبر ٿو معلوم ٿئي ڪتي ائين نه ٿئي جو يهودي اسان کان گوءِ ڪٽي وڃن اهو چئي سڀني گڏجي اسلام قبول ڪيو اهي چهه ماڻهو هئا.

ٻئي سال يثرب کان ٻارهن ماڻهو اچي مسلمان ٿيا انهن خواهش ڏيکاري ته اسان سان ڪو اهڙو ماڻهو گڏ امانيو وڃي جيڪو اسان کي اسلام جون گالهيون سيکاري ۽ اسان جي شهر ۾ هلي وعظ ڪري پاڻ سگورن ان ڪم لاءِ مصعب بن عمير کي چونڊيائون. هي عبدمناف جو پوٽو ۽ پراڻن مسلمانن مان هو. هو انهن ماڻهن سان گڏجي يثرب آيو ۽ هتي اچي ماڻهن جي گهرن ۾ وڃي. اسلام جو وعظ شروع ڪيائين ان وعظ جي اثر کان ماڻهو مسلمان ٿيڻ لڳا ۽ هڪ سال جي اندر هن شهر جا اڪثر ڪتب مسلمان ٿي ويا.

عقبه جي بيعت:

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

اڳئين سال جڏهن ڄ جو وقت آيو تہ يثرب مان ٻاهرماڻهو حضور ﷺ جن سان ملڻ آيا ۽ لڪي پاڻ سگهرن جي هٿ تي بيعت ڪيائون ان وقت پاڻ سگهرن سان گڏ سندن چاچو حضرت عباس رضہ بہ هو جيڪو جيتوڻيڪ اڃان مسلمان ڪونہ ٿيو هو پرپاڻ سگهرن سان محبت هئي هن انهن ماڻهن کي مخاطب ٿي چيو تہ "محمد ﷺ پهنجي ڪٽنب ۾ وڏي عزت ۽ احترام سان رهي آهن دشمن جي مقابلي ۾ اسين سدائين سندن ساٿ ڏيندا رهياسون هاڻي اوهان وٽ اچڻ گهرن ٿا جيڪڏهن اوهين مرڻ گهٽيءَ تائين ساڻن ساٿ ڏيئي سگهوتہ .بهترنہ تہ هينئرئي جواب ڏيئي ڇڏيو." يثرب جي هڪ سردار براء چيو تہ "اسين ماڻهو تلوارن جي ڇانو هيٺ پليا آهيون"هن اڄا ايتروئي چيو هو تہ هڪ ٻئي سردار ابوالهيثم چيو "يا رسول الله ! اسان جا ۽ يهودين جا لاڳاپا اهن بيعت ڪانپوءِ اهي لاڳاپا ٽٽي ويندا ائين نہ ٿئي تہ جڏهن اسلام کي قوت ۽ اقتدار حاصل ٿي وڃي تہ توهان اسان کي ڇڏي هليا وڃو."پاڻ سگهرن ﷺ مُرڪي فرمايو"اوهان جو رت منهنجو رت آهي اوهين منهنجا آهيو ۽ آئون اوهان جو آهيان."

انڪانپوءِ پاڻ سگهرن ﷺ انهن مان بارهن نقيب چونڊيائون جن جا نالا خود انهن ماڻهن ئي چوڊي ٻڌايا هئا انهن بارهن مان نَوَ خزرج ۽ ٽي اوس مان هئا.

هجرت

مدينہ ۽ انصار :

يثرب ۾ مسلمانن کي امن جي جاءِ ملي ويئي هئي تنهنڪري حضور صلعم جن مڪہ جي مسلمانن کي موڪل ڏني تہ هو پهنجو ديس ڇڏي يثرب شهر ڏانهن هليا وڃن.هاڻي مسلمانن آهستي آهستي يثرب ڏانهن هجرت ڪرڻ شروع ڪئي پاڻ ۾ خود حضور صلعم جن بہ مڪہ ڇڏي هجرت ڪرڻ گهري.قريش جي ماڻهن کي بہ ان جي خبر پئجي چڪي هئي هن پاڻ ۾ گڏجي اهو فيصلو ڪيو تہ رات جو هر قبيلي جو هڪ هڪ ماڻهو گڏ ٿئي ۽ سڀ گڏجي هڪ ٿي محمد ﷺ کي ستي قتل ڪري ڇڏين.خدا

پاڻ سڳورن کي هن جي انهي صلاح جي خبر ڏيئي چڏي.

مڪ وارن کي حضور ﷺ جن جي مذهب سان جيتوڻيڪ سخت مخالفت ڪئي پر پوءِ به سپني کي پاڻ سڳورن جي ديانت ۽ امانت تي وڏو پروسو هو تنهنڪري گهٽن ئي ماڻهن جون امانتون وٽن رکيل هيون .پاڻ سڳورن اهي امانتون حضرت علي رضہ جي حوالي ڪيون ۽ فرمايو ته اڄ رات تون منهنجي هنڌ تي آرام ڪج ۽ صبح جو ماڻهن کي سندن امانتون ڏيئي تون به هليو اچج.انهيءَ حڪم مطابق حضرت علي رضہ رات جو حضور صلعم جي هنڌ تي آرام ڪيو.قريش جا ماڻهو صبح تائين گهر کي گهيرو ڪريو ويٺا هئا صبح جو سويراهو ڏسي حيران ٿي ويا ته محمد ﷺ جي هنڌ تي محمد ﷺ جي بدران علي ابن طالب آهي.

حضور صلعم جن ۽ حضرت ابوبڪر رضہ ۾ هجرت جي صلاح اڳ ۾ ئي ٿي چڪي هئي پئي پهنجي گهرن مان نڪري مڪ جي ڀر ۾ ئي ثور جبل جي هڪ غار ۾ لڪي ويا صبح جو ڪافرن پاڻ سڳورن جا پيرڪٽ شروع ڪيا ۽ گولينديگولينديان غار جي منهن تائين اچي پهتا.حضرت ابوبڪر رضہ گهبرائجي چيو يا رسول الله! دشمن ايترو ويجهو اچي ويا آهن جو جيڪڏهن هو پهنجن پيرن ڏانهن نهارين ته اسان کي ڏسي وٺندا پر حضور صلعم جن جي اطمينان جو اهوئي حال هو فرمايائون. "گهبراءِ نہ خدا اسان سان گڏ آهي."

حضور اڪرم ﷺ جن ۽ حضرت ابوبڪر رضہ ٽن ڏينهن تائين ان غار ۾ ترسيا.حضرت ابوبڪر جو پٽ عبدالله رات جو اچي مڪ وارن جي حالتن ۽ صلاحن جي خبر ٻڌائيندو هو.ٿوري رات گذرئي حضرت ابوبڪر رضہ جو ٻانهو مان ميڙ ۾ هٿي ڪريون وٺي ايندو هو.پاڻ سڳورا ۽ ابوبڪر رضہ انهن جو ڪير پير وٺندا هئا.

چوٿين ڏينهن پاڻ سڳورا ۽ حضرت ابوبڪر رضہ غار مان نڪتا هڪ رات ۽ ڏينهن لڳاتار اڻين هلندا رهيا پئي ڏينهن منجهند وجو هڪ جابلو چوٽي جي هيٺيان چانو ۾ ساهي پٽيائون هڪ بڪرار ڪريون پئي چاريون ابوبڪر رضہ ان کان ڪير ورتو ۽ پاڻ سڳورن وٽ آيو.پاڻ صلعم جن ڪير پيتو ۽ پوءِ آگتي وڌيا.قريش پٺهو گهمايو هو ته جيڪو

محمد(صلعم)يا ابوبڪر رضہ کي جهلي وڃي ايندو ان کي هڪ سو اُٺ انعاماً ۾ ڏنا ويندا.سُراقہ بن حيشم جيڪو مڪي جو هڪ ناهوکو سپاهي هو تنهن اهو پڙهو ٻڌو ته لالچ ۾ هٿيار ٻڌي گهوڙي تي چڙهي نڪتو ۽ ٿيڪ ان محل ان جابلو چوٽي وٽ پهتو جيڏي محل پاڻ سڳورا اتان روانا ٿي رهيا هئا.هن پاڻ سڳورن کي ڏسي ورتو۽ مرضي ٿيس ته گهوڙو دوڙائي ويجهو پهچي پر گهوڙي ٺاهوڪاڏو۽ هو ڪري پيو.بٽيءَ مان تير ڪڍي عرب جي رواج مطابق فال وڌائين جواب"نہ" ۾ آيو.پر هن نہ مڃيو ٻيهر گهوڙو دوڙايائينهائي گهوڙي جا پير گوڏن تائين زمين۾ گهڙي وڃا تڏهن هو دنو۽ سمجهيائين ته هي ڳالهہ ڪا ٻي آهي حضور صلعم جن کي عرض ڪيائين اي خدا جا رسول امن بخشيو وڃي حضور صلعم جن سندس درخواست قبول فرمائي ورتي.

مدينہ :

مدينہ عربي ۾ شهر کي چوندا آهن.حضور ﷺ جن جي يثرب۾ تشريف آڻڻ کان پوءِ يثرب جو نالو "مدينة النبي" نبي جو مدينو يعني شهرمشهور ٿيوءِ ان وقت کان وٺي ان جو نالو مدينہ ٿي ويو.

مدينہ جي ماڻهن کي حضور صلعم جي اچڻ جي خبر پئجي چڪي هئي ۽ سڀ اوسيئڙي واري حالت ۾ هئا بارہ خوشي ۽ جوش ۾ گهٽين پاڙن ۾ چوندا وٽندا هئا ته "اسانجا پيغمبر اچي رهيا آهن" نديون نديون چوڪريون چٽين تي چڙهي پاڻ سڳورن جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ گيچ گائيندڙيون هيون نوجوان هٿيار ٻڌي شهر کان باهر نڪري ويندا هئا ۽ پهرن جا پهر پاڻ سڳورن جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪندا هئا هڪ ڏيهن هو اوسيئڙو ڪري واپس وريا ٿي پئي ته هڪ يهودي هڪ نديڙو قافلو ايندي ڏسي ٽڙڪئي اي ماڻهو! اوهين پيا جنهن جو اوسيئڙو ڪندا هئا اهو اچي ويو.اهو آواز ٻڌندي ئي شهر تڪبير جي نعري سان گونجي ويو۽ مسلمان هٿيار ٻڌي باهر نڪري آيا اها ربيع الاول جي اٺين تاريخ ۽ نبوت جو تيرهون سال هو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

پهرين مسجد :

مدينہ کان ٽي ميل باهر ٿوري اوچائي تي آڳ ۾ هڪ نندي آبادي هئي. جهن کي عاليہ ۽ قبا چون ٿا هتي مسلمانن جا ڪيترائي معزز ڪٽنب رهندا هئا. ڪلثوم بن هدم انهن جو سردار هو. حضور صلعم جن ان جا مهمان ٿياڻ چوڏهن ڏينهن سندس مهمان رهيا. حضرت علي رضہ به پهچي چڪو هو ۽ اهو به اتي ترسيل هو. هرتي رهڻ واري وقت ۾ حضور ص جن پاڻ پهنجن هٿن سان هڪ نندڙي مسجد جي پيڙهہ رکي جهن جو نالو مسجد قبا آهي.

پهريون جمعة المبارک :

چوڏهن ڏينهن کانپوءِ پاڻ سڳورن شهر مدينہ جو رخ ڪيو هو جمع جو ڏينهن هو. واٽ تي بني سالم جي پاڙي ۾ نماز جو وقت ٿي ويو اها حضور اڪرم ﷺ جن جي امامت ۾ جمع جي پهرين نماز هئي نمازکان آڳ خطبو پڙهيائون هي خطبو اهڙو هو جو جهن به ٻڌو اهو ان جي اثر ۾ ٻڌي ويو.

مدينہ ۾ داخل ٿيڻ :

نمازکانپوءِ حضور ﷺ جن آڳتي وڌيا پاڻ سڳورن جا ناناڻکا عزيز ٻنو نجار هٿيار پهري سندن پير چمڻ لاءِ آيا. قبا کان شهر مدينہ تائين هر قبيلي جا معزز ڪس جي بهي پاسن بيٺا هئا. پاڻ سڳورا جهن قبيلي جي آڳيان ٿي لنگهيا تہ انهن عرض ٿي ڪيو تہ ايندا جا رسول هي گهر هي مال ، هي جان حاضر آهي. پاڻ شڪريو ادا ٿي ڪيائون خيرجي دعا ٿي فرمايائون. شهر جي ويجهو آيا تہ مسلمانن جي جوش جو جوهيءُ حال هو جو عورتون چتين تي چڙهي آيون ۽ گائڻ لڳيون .

طَلَعَ الْبَدْرُ عَلَيْنَا مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاعِ
وَجَبَ الشُّكْرُ عَلَيْنَا مَا دَعَا لِلّٰهِ دَاعٍ

چوڏهين جو چند اسان جي آڳيان نڪتو آهي وداع جي لڪ مان

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

اسان تي خدا جو شڪر واجب آهي جيسيتائين دعا گهرڻ واري دعا گهرن

جتي هاڻي مسجد نبوي آهي اتي ايوب انصاري جو گهر هو اتي ابو ايوب انصاري جيڪو بخار جي ڪٽنب مان هو پاڻ سگهارا ڏاچي تي چڙهيل هئا هر ڪنهن ماڻهو جي مرضي هئي ته ڪيس پاڻ سگهرن کي مهمان بنائڻ جي عزت ملي تنهنڪري ان ڏاچي کي پنهنجي گهر جي آڳيان روڪڻ تي گهريو.پاڻ فرمايائون ته ان کي چڏي ڏيو جتي خدا جو حڪم هوندو اتي هيءَ وڃي ترسندي.جڏهن اها حضرت ابو ايوب جي گهر وٽ پهتي ته وهي رهي.حضرت ابو ايوب جي خوشي جيڪهڙي ڳالهه ڪجي هان ۽ ڏري پيس.حضورصه جن کي پاڻ وٽ مهمان ڪري لاتائين ۽ هرطرح جي آرام ۽ سُک جو سامان رسايائين حضورصه جن ستن مهينن تائين سندس ئي گهر ۾ رهيا.

انصار :

هي عربي لفظ آهي .ناصر جو جمع آهي هن جي معني مددگار آهي.مدينہ جي مسلمانن اسلام جي ۽ مڪ جي پريشان حال مسلمانن جي جنهن نموني خدمت ڪئي ۽ آڏرياڻ ڪيو ان جو لحاظ ڪري الله تعالي مدينہ وارن مسلمانن جو نالو انصار يعني مددگار رکيو ۽ ان وقت کان هو انصار چوڻائڻ لڳا ۽ جيڪي پنهنجا گهرچڏي مديني هليا آيا هئا انهن کي مهاجر(گهرچڏيندڙ) جو خطاب مليو.

انصار انهن مهاجرن کي پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ رهايو انهن کي پنهنجي ملڪيت مان پتيڏني ۽ پنهنجي ڏنڊي ۾ پائيوار ڪيو.هاڻي تيرهن سالن کان پوءِ هي پهريون موقعو هو جو مسلمانن سڪ جو ساهه ڪيو.

مسجد نبوي ۾ حجرن جو ٺهڻ :

مدينہ ۾ مسلمانن کي سڀ کان پهرين خدا جو گهر يعني مسجد ٺاهڻي هئي پاڻ سگهرن جي رهڻ واري هنڌ جي پرڀرئي بخار قبيلي جي بن يتيم پارن جي هڪ اجائي پيل زمين هئي.پاڻ صه اها مسجد لاءِ پسند ڪيائون پهي يتيمن پنهنجي طرفان اها زمين بنا ملهه جي نذر ڪرڻ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

گهري پرپاڻ سگهون اهو پسند نه ڪيو.هڪ انصاري ملهم ڏنو زمين ستئين ڪري مسجد ٺهڻ شروع ٿي هن مسجد کي ٺاهڻ وارا راڄا ۽ مزدور ڪير هئا؟ خود پاڻ سگهوارا خود پاڻ سگهوارا ۽ سندن جانثار سپني گڏجي هڪ ڪچي پڪي مڪان جي ٽڙ ۽ پٿن جي چت ٺاهي.اها ئي پهرين مسجد نبوي هئي.مسجد جي ويجهو ئي پٿنجي لاءِ اهڙي نموني جا ڪجهه حُجرا ٺهرائون جن ۾ پاڻ سگهوارا ۽ سندن گهر جا ماڻهو(اهل بيت)رهڻ لڳا.پاڻ سگهون جي صاحبزادي حضرت فاطمه رضه ۽ پاڻ سگهون جون گهروارين حضرت عائشه رضه ۽ حضرت سوده رضه مڪ مان اچي هتي رهيون.

صفه وارا:

صفه عربيءَ ۾ "سنهه" کي چوندا آهن.مسجد نبوي صه جي اڳڻ ۾ هڪ سنهه ٺاهيو ويو هو.هي انهن مسلمانن جو ٺڪاڻو هو.جن جو پيو ڪٽي ۽ ٺڪاڻو ڪونه هو هو ڏيهن جو جهنگ مان ڪاٺيون ڪري اچي وڪڻندا هئا ۽ رات جو هڪ استاد کان لکڻ پڙهڻ ۽ دين جون ڳالهيون سکندا هئا.اهي حضور پاڪ صه جن وٽ گهڻو وقت رهندا هئا ۽ پاڻ سگهون جا ارشاد ٻڌي ياد ڪندا هئا.ڪٿي ڪٿهداعي يا مبلغ يعني اسلام پکيڙڻ ۽ سيکارڻ واري جي ضرورت ٿيندي هئي ته انهن مان اماڻيو ويندو هو.

نماز جي پورائي ۽ قبلو:

مڪ ۾ جيئن ته امن وامان ڪونه هو نه ظاهر ظهور نماز پڙهڻ جي موڪل هئي تنهنڪري فرض نماز به رڪعتون ئي هئي مديني اچي جڏهن مسلمانن سڪ جو ساهه کنيو ۽ مذهب ۾ آزادي ملي ته اڳين۽ وچين۽ ۽ سوهڻيءَ جون چار چار رڪعتون پوريون ڪيون ويون سج لٿي واري جون ٽيرهيون ۽ صبح جو به چوته صبح جيمل ڏکي قرات يعني رڪعتن جي پاران گهڻو قرآن پڙهڻ جو حڪم هو.

جماعت سان گڏ نماز پڙهڻ لاءِ ضرورت ان جي هئي مسلمانن کي مقرر ٽيل وقت تي سڏڻ لاءِ ڪا نشاني مقرر ڪئي وڃي.هندن ۾ ان لاءِ سنک.عيسائين ۾ گهنڊيال ۽ يهودين ۾

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

قرناءِ جو رواج هو اسلام ۾ راند روند جي انهن بيمعني آوازن جي بدران انسان جي فطري آوازڪي پسند ڪيو ويو. تہ ڪو اڻي ٻيهي الله اڪبر الله اڪبر اشهد ان لااله الاالله ۽ اشهد ان محمد رسول الله (الله سڀني کان وڏو آهي آئون ساهدي ڏيان ٿو تہ الله کانسواءِ ٻيو ڪو به پوڄا جي لائق ڪونهي ۽ محمد ﷺ خدا جو رسول آهي) زور سان چوي ۽ سڀ مسلمان اهو آواز ٻڌي سڏو مسجد ڏانهن هليا اچن.

جمع جي نماز به مڪ ۾ ڪانه ٿي سگهي مدينہ اچي اهو فرض پورو ڪرڻ جو موقعو ملیو تنهنڪري سڀ کان پهرين حضرت مصعب بن عمير رضہ جنهن کي حضور صہ جن آڳ ۾ ئي امام بڻائي مدينہ اماڻيو ويو هو مدينہ اچي جمع جي نماز پڙهي پوءِ جڏهن حضور صہ جن آيا ۽ قبا ۾ ڪجهہ ڏينهن ترسي مدينہ ۾ وڃڻ لڳا تہ اهو جمع جو ڏينهن هو پاڻ سگورن ان ۾ خطبو ڏنو ۽ مسلمانن کي جمع جي نماز پڙهائي.

نماز ۾ سيني کي ڪنهن هڪ پاسي منهن ڪري بيهڻ کپي. ان پاسي يا طرف کي قبلو چوندا آهن يهود بيت المقدس ڏانهن منهن ڪندا هئا. اها حضرت دائود ۽ سليمان عہ جي ٺهرايل مسجد هئي ۽ عرب واڻن جو قبلو ڪعبہ هو جيڪا حضرت ابراهيم عہ جي مسجد هئي. حضور پاڪ ﷺ جيسيتائين مڪ ۾ رهيا ڪعبي جي اهڙي پاسي کان بهندا هئا جو بيت المقدس به سامهون اچي ويندو هو مدينہ آيا تہ صورت بدلجي ويئي مديني جي هڪ پاسي ڪعبہ هوتہ ٻئي پاسي بيت المقدس تنهنڪري انهن بهي مان هڪ ئي قبلہ ناهي ٻيو سگهجي. پهرين تہ پاڻ يهودين واڱر حضرت دائود عہ جي مسجد بيتالمقدس ڏانهن ئي منهن ڪري نماز پڙهندا رهيا پر چمن مهين ڪانپوءِ خدا جو حڪم آيو تہ حضرت ابراهيم جي مسجد يعني ڪعبہ ڏانهن منهن ڪريو چو تہ اهو ئي خدا جو سڀ کان پهريون گهر آهي. ان وقت کان وٺي ڪعبہ مسلمانن جو قبلہ مقرر ٿيو.

پائپي :

مسلمان هونءَ به هر ڪتب مان هڪ هڪ به به ٿي مسلمان ٿيا هئا ۽ وري انهن کي پنجنجو گهر بار ۽ مال ملڪيت سڀ ڪجهہ ڇڏي ٻئي ديس نڪرڻو پيو. مدينہ آيا تہ اهي مسلمان بلڪل پريشان ۽ تباهہ حال هئا حضور ﷺ جن هيئن ڪيو جو هڪ هڪ بي گهر مسلمان کي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

هڪ هڪ انصاري جو ياڻ بنائي چڏيو پوءِ اهڙا ياڻ ٻڌيا جيڪي رت جي رشتن کان به وڌيڪ ٿيا. هر ڪنهن پنهنجي ياڻ کي پنهنجي گهربار زمين ۽ جاءِ ڏني پنهنجي مال ملڪيت مان پتي ڏني پنهنجون زمينون ورهائي ڏنيون پنهنجي ڏندي ۽ واپار ۾ پائيوار ڪيو.

يهود جو انجام اقرار

حضور انور ﷺ جي مدينہ اچڻ کان اڳ مدينہ جا ٻئي قبيلا اوس ۽ خزرج وڏهي وڏهي ٽڪي پيا هئا ۽ مرضي ٿي هئين ته عبدالله بن ابي بن سلول کي پنهنجو بادشاهه ٿاهين مدينہ ۾ هڪ ٻيو گروهه يهودين جو آباد هو. هي حجاز جا سوداگر ۽ مهاجڻ هئا ۽ هتان کان وڃي شام جي سرحد تائين هن جون واپاري ڪوٺيون ۽ ڳوٺ هئا ۽ پنهنجي ٻڌن جي زور تي مدينہ جا حاڪم بنيا ويٺا هئا پنهنجي مصلحت جي لحاظ کان ڪڏهن اوس جو ساٿ ڏيندا هئا ته ڪڏهن خزرج جو.

حضور سائين ﷺ جن جڏهن مدينہ آيا ته شروع شروع ۾ هن شايد اهو سمجهي ڌاڻ سگهون جي مخالفت ڪانہ ڪئي ته هڪ اهڙو مذهب کڻي آيا آهن جيڪو اسان جي مذهب کي گهٽو ويجهو آهي. ڌاڻ سگهون شهر جي بي اطميناني ۽ بد امني واري حالت ڏسي اهو مناسب ڄاتو ته مسلمانن ۽ يهودين جي وچ ۾ هڪ اهڙو ناهه ٿي وڃي جي ٻئي ڌريون هن شهر ۾ آزاديءَ سان رهي سگهن هر ڪنهن جو مذهبي حق محفوظ هجي ۽ شهر جا سڀئي رهاڪو مسلمان هجن توڙي يهودي باهران حملو ڪندڙن جي مقابلي ۾ هڪ هجن. تنهنڪري ڌاڻ سگهون يهودين سان گڏهه بولهه ڪري ان قسم جي هڪ ناهه تي انهن کي راضي ڪري ورتو ۽ هن ان جو پڪو انجام ڪيو پر ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن کي ڏسڻ ۾ آيو ته اسلام جي طاقت ڏينهن ڏينهن وڌندي پئي وڃي ۽ سندن پهريون زور ٽٽندو وڃي اهو ڏسي هو دل ۾ سڙڻ لڳا.

عبدالله بن ابي جو خيال هو ته جيڪڏهن محمد ﷺ مدينہ نہ اچن ها ته مدينہ جي بادشاهي کيس ملي ها تنهنڪري جيتوڻيڪ هو ۽ سندس ساٿي منهن تي مسلمانن خلاف ڪجهہ ڪونہ چوندا هئا پر دل ۾ اهي به مسلمانن جا مخالف ۽ يهودين سان گڏ هئا انهن کي ئي منافق چون ٿا.

مڪ وارن جون سازشون ۽ شرارتون :

جيڪي مسلمان مڪ ڇڏي مدينہ هليا آيا هئا مڪ وارن انهن جي گهرن ۽ ملڪيتن تي قبضو ڪري ورتو۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ هي ڪيائون تہ خانہ ڪعبہ ۾ اچڻ ۽ ج ڪرڻ بہ انهن لاءِ بند ڪري ڇڏيائون ڪوبہ ڏوهہ ڪري ۽ سرتريءَ تي رکي وڌو هجي جيڪي مسلمان يا ننڍا ٻار۽ عورتون مدينہ نہ اچي سگهيا هئا انهن تي پهرو ويهاري ڇڏيائون تہ جيئن وڃي نہ سگهن.

رڳو ايتري تي ئي بس ڪانہ ڪيائون پراهو ڏسي تہ هن جا ڏوهاري يعني مسلمان سندن پٺ ڪان ٻاهر مدينہ ۾ زور وٺي رهيا آهن هن يهودين ۽ مدينہ جي منافقن سان دعا سلام شروع ڪري ڏني ۽ انهن کي چوائي موڪليائون تہ اوهان اسان جي ڳچ ڏوهارين کي پنهنجن گهرن ۾ پناهہ ڏني آهي.سڻ ائين ٿيندو تہ انهن کي ڪڍي ڇڏيو نہ تہ اسين اچي اوهان جي شهر تي حملو ڪنداسين.

مسلمانن جا ٻي دشمن :

مڪ ۾ مسلمانن جوهڪ ئي دشمن هو يعني مڪي جا ڪافر مدينہ ۾ اچي هن جا ٻي دشمن ٿي ويا.مڪ جا ڪافر،مدينہ جا منافق۽ حجاز جا يهود مڪ جا ڪافر تلوار جا ڌڻي هئا تنهنڪري هن تلوار سان فيصلو ڪرڻ گهريو ٿي.مدينہ جا منافق پنهنجين اتڪلن ۽ سازشن سان نقصان رسائيندا هئا سڄي حجاز ۾ پنهنجي دولت ۽ ملڪيت جي زور تي گوڙ مچايو ويٺا هئا.عرب جي سموري دولت هن جي قبضي ۾ هئي،عرب منورين جي پوک ۽ پنيءَ جي پيداوار جا مالڪ بڻيا ويٺا هئا .ملڪ جو سموري واپار۽ ڏنڊو هن جي هٿ ۾ هو۽ هو پنهنجن وياج تي وياج ۽ پين هماڇٽي هٿ نالن سان عرب جا بي تاج بادشاهہ ۽ ملڪ جي پلائي واري هر ڪنهن ڪوشش جا مخالف هئا.

اسلام کي اڃان ٿهي طاقتور جوهڪ ئي وقت مقابلو ڪرڻ پيو۽ انهن مان هر ڪنهن کي هٿائڻ لاءِ ڏاڍو سوچ ڪرڻي پئي.

منافقن سان ورتاءُ :

منافق جيئن تہ مسلمان ٿيڻ جي دعويٰ ڪندا هئا تنهنڪري هن جي پڌري مخالفت

کانه ڪئي ويئي ۽ نه وري سندا ڏيئي هن کي وڏيڪ دشمن بنايو ويو پرپاڻ سگهرن سدائين هن سان نيڪيءَ جو وراڻ ڪيو،هنجي ڏوهن تي ڏيڪ ڪندا هئا ۽ پچا ڳاچا ڪوڙ ڪندا هئا مقصد هي هو ته مسلمانن جي نيڪ وراڻ ۽ شريفاڻي سلوڪ کان هو نيٺ متاثر ٿي پکا مسلمان ٿي ويندا.هڪ اڌ پيرو ڪهن صحابي پاڻ سگهرن جي خدمت ۾ عرض ٻه ڪيو ته يارسول الله مونکي موڪل ملي ته ڪن منافقن جا سر لاهي ڇڏيان فرمايائون ته "ڇا تون ماڻهن کي اهو جو موقعو ڏيڻ ٿو گهرين ته محمدﷺ پهنجن ماڻهن کي پاڻ مارايو ڇڏي"فرمايائون ته جنهن لااله الا الله ۽ محمد رسول اللهﷺ پڙهي ڇڏيوان جي ڪٽپ مسلمانن ۾ آهي ان جي اندر جو معاملو خدا جي حوالي آهي.

منافقن جو سردار عبدالله بن ابي جڏهن مئوته پاڻ سگهرن هن جي نيڪ دل مسلمان پٽ جي درخواست تي پهنجي قميص مبارڪ ان کي پارائي ڪفن ڏيارايتو نه پرڪن مسلمانن جي عرض معروض جي ابتڙان جي جنازي جينماز به پڙهيائون.

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو پاڻ سگهرابنوحارث جي پاڙي مان گذهه تي سوار ٿي لنگهي رهيا هئا واٽ تي هڪهنڌ ڪجهه مسلمان ڪجهه يهود ۽ ڪجهه منافق ويڙيا هئا جن ۾ انهنجو سردار عبدالله بن ابي به هوگذهه جي هلڻ جي ڪري ڪجهه مٽي اُڏائي ته عبدالله حقارت سان چيو ته مٽي نه اڏاءِ پاڻ سگهرن ڪوبه خيال ڪونه ڪيو ۽ ميڙ کي سلام ڪيائون ۽ انکي الله جا ڪجهه حڪم ٻڌايائون .ان تي عبدالله وري چيو "اي صاحب! مون کي اهو نٿو وڻي جيڪڏهن تنهنجي ڳالهه سچ به هجي ته به اسان جي مجلس ۾ اچي اسانکي ستائيندو نه ڪر،جيڪو تو وٽ اچي ان کي ٻڌائيندو ڪر".مسلمانن کي هن جي انهيءَ وراڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي پر پاڻ سگهرن هن کي سمجهائي آڻت ڏيئي ٺڏو ڪيو ۽ اڳتي وڌي ويا.

پرپوءِ به جيئن ته هو جا پيدي هئا تنهنڪري مسلمانن کي هن کان چوڪسي رهڻ جو تاڪيد ڪيو ويو،هن کان ڪجهه لڪائي ويندي هئي ۽ مسلمانن کي هن تي پروسو ڪرڻ کان پري رهڻ ۽ دوستي کان جهليو ويو،هي گروهه اسلام جي غلبي کان پوءِ پاڻهي فنا ٿي ويو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

مڪ جي ڪافرن جي رندِ روڪ :

مڪ جا ڪافر تلوار جا ڌڻي هئا تنهنڪري انهن جي رندِ روڪ لاءِ ڊڪ ڊوڙ جي ضرورت پيئي مڪ وارن هيٺ مسلمانن کي مدينہ اچڻ کان جهلي هن کي جڙ ته پاڻ وٽ قيد ڪري ڇڏيو هو پاهران مسلمانن کي مڪي اچڻ نٿي ڏنائون ان حد تائين جو ڪعبي جو طواف ۽ حج جيڪو سڄي عرب لاءِ گڏيل هو مسلمانن لاءِ اهو بہ بند هو پاڻ سگهون مڪ وارن کي اهو ورتاءُ بدلائڻ لاءِ مجبور ڪرڻ لاءِ هيٺ ڪيو جو انهن جي واپارين کي جيڪي شأ ويندا هئا بہ بہ چار چار ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏهہ ٻارهن مسلمان اماڻي ڏيجارڻ لڳا ته جيئن هو پهنجي واپار خاطر مسلمانن سان صلح ڪري وٺن ۽ مسلمانن تان پهنجون پابنديون کڻي ڇڏين پر انهن ائين ڪونہ ڪيو ۽ لڳاتار پهنجي هوڏ تي قائم رهيا ۽ مسلمان ٻهانهن جي واپار جو رستو روڪڻ تي اٽل رهيا. مدينہ ،شأ ۽ حجاز جي وچ ۾ اچي ٿو تنهنڪري مڪ وارا پهنجو رستو ڦرائي بہ نٿي سگهيا.

ان سان گڏوگڏ پاڻ ﷺ هي ڪيائون جو مدينہ جي پرپاسي ۾ جيڪي عرب قبيلا اهڙا هئا جن جي بگڙي وڃڻ يا مڪ وارن جو ساٿ ڏيڻ سان مدينہ جو امن وامان خراب ٿي وڃي ها انهن سان صلح جو ناهہ ڪرڻ لڳا. اهڙي ريت پهرين جهينہ جي قبيلي سان پوءِ بنو ضمرہ سان صلح ۽ دوستي جا ناهہ ٿيا.

مڪي جا ڪافر اهو ڏسي هيڪاري سڙڻ لڳا ۽ سمجهيائون تہ ان سان محمد ﷺ جو زور اڃان بہ وڌندو جهن جو توڙ ضروري آهي. تنهنڪري مڪي جي هڪ رئيس ڪُرز بن جابر فهري مدينہ جي چراگاهہ تي هلان ڪئي ۽ پاڻ سگهون جا اُٺ ڦري مديني هليو ويو مسلمان پويان پيا پر هو هٿ نہ ڪري ويو.

هن واقعي جي ٽئين مهيني پاڻ سگهوارا بہ سو مهاجرن کي وٺي بني مُدلج جي قبيلي ۾ پهتا ۽ ان سان بہ دوستي جو ناهہ ڪيائون.

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ هيئن ٿيو تہ رجب 2 هجري ۾ پاڻ سگهون ٻارهن مهاڻن کي نخلہ جي واسي ۾ اماڻيو ۽ هن کي هڪ بند خط ڏيئي فرمايائون تہ هن کي ٻن ڏينهن کانپوءِ کولجو بن ڏينهن کانپوءِ جڏهن خط کوليو ويو تہ ان ۾ لکيل هو تہ "نخلہ ۾ ترسي قريش جي ارادن جي خبر وٺو ۽ اطلاع

ڏيو".اتفاق سان مڪ جي ڪجھ ماڻھو جيڪي شآ ڪان واپار جو سامان کڻي پئي ايا سامھون لنگھيا مسلمانن جي ھن دستي رسول الله ﷺ جي اجازت کانسواء انھن تي حملو ڪري ڏنو.انھن مان ھڪ شخص عمر بن حضرمي مارجي ويو ۽ جملجي پيا ۽ قافلي جو سامان قبضي ورتو ويو.حضور اڪرم ﷺ جن کي جڏھن ان جي خبر پيئي تہ ناراضگي ڏيکاريائون ۽ فرمايائون تہ مون اوھان کي اھو تہ ڪونہ چيو ھو اوھان تہ لڙائي جي باھ لڳائي ڇڏي ۽ ان سان گڏ عرب جي قاعدي موجب ھن دستي جيڪو سامان قبضو ھو اھو بہ ان کي موڪلائي ڏنائون مڪ جو جيڪو ماڻھو مارجي ويو ھو اھو قريش جي ھڪ وڏي سردار جو حليف(جنھن سان ھر ڏکئي وقت ۾ مدد ڪرڻ جو قسم کاڌل ھجي) ۽ جيڪي بہ ماڻھو جھليا ويا ھئا اھي بہ قريش جي ھڪ پئي سردار جا پوٽا ھئا.ھن واقعي مڪ ۽ مدني ۾ بدلي وٺڻ جو نئين جوش پيدا ڪري ڇڏيو.

بدر جي لڙائي :

بدلي وٺڻ لاءِ ھڪ وڏي لڙائي ضروري ھئي ۽ لڙائي لاءِ سھمايو بہ ضروري ھو.مڪ ۽ مدني ۾ پھنجو سمورو سھمايو ڏيئي ھڪ قافلو شآ اماڻيو آڳئين واقعي کان بہ اڳائي ھميا پوءِ رمضان 2 ھجري ۾ اھو قافلو واپس اچي رھيو ھو تہ مڪ ۽ مدني کان ابوسفيان جي ھلان ڪرڻ واري آھن.اھا خبر ٻڌندي ئي قريش جا وڏا وڏا سردار ھڪ ھزار سپاھين کي ساڻ ڪري مڪ کان نڪتا.ھو ڏاڍن حضور ﷺ جن کي ان جو اطلاع مليو تہ پاڻ سگھارا بہ ڪجھ مسلمانن سان گڏ مدينہ کان روانا ٿيا.قافلو بچي مڪي پھچي چڪو ھو پر مڪ ۽ مدني چيو تہ اسين بدر پھچي خوشي ملھائينداسين ۽ نچڻ گائڻ ۽ شراب ڪباب جون محفلون ڪنداسين بدر ھڪ ڳوٺ جو نالو ھو .جتي ھر سال ھون ڪ ميلو لڳندو ھو.

مدني کان ھڪ ميل باھر نڪري پاڻ پڙاءُ(لشڪر جو ترسڻ ڪيمپ) ڪيائون .مدينہ ۾ منافقن ۽ يھودين جو ڏپ ھو تنھنڪري ابولبابہ صحابي کي مدني جو حاڪم بڻائي مدني واپس موڪليائون ۽ پن خابرو ئڻ کي آگتي روانو ڪيائون ہ قريش جي خبر ون.جڏھن بدر کي ويجھو پھتا تہ خابرو ئڻ خبر ڏني تہ قريش وادي جي ٻئي ڏنگ تائين اچي ويا آھن اھو ٻڌي پاڻ سگھارا اتيئي ترسي پيا.

سڄي رات پئي لشکر آهون سامهون پيا هئا.مسلمانن به هٿيار لاهي آرام کيو.پر خدا جو رسول ﷺ سڄي رات ٻيٺو نماز ۽ دعا ۾ رڌل رهيو.صبح ٿيڻ واروهو ته مسلمانن کي نماز جو سڏ ڏنائون ۽ نماز کانپوءِ جهاد تي وعظ فرمايائون:

هي مسلمانن جو پهريون لشکر هو ۽ کافرن سان هن جي هي پهرين لڙائي هئي.

هڪ نيڪدل قريشي گهريو ته لڙائي نه ٿي وڃي ۽ ابن حضرمي جو خون ٻها ان جي وارثن کي ڏيئي ڇڏجي.عتبه قريش جو هڪ پيو سردار ۽ حضرمي جو حليف ان لاءِ تيار هو.پر ابوجهل ان ڳ کي کاميابه ٿيڻ نه ڏنو.

صبح ٿيو ته پئي فوجون ميدان ۾ اچي بيٺيون.هڪ پاسي هڪ هزار جو وڏو ميڙ هو جيکو لوهه ۾ ٻڏو پيو هو ۽ پئي پاسي ٽي سو تيرهن مسلمان هئا.جن وٽ پورا هٿيار به کونه هئا.پر حق جو نور انهن جي باهن ۾ هو ۽ دين جو جوش انهن جي سينن ۾ اُپري رهيو هو.الله جا رسول ﷺ لڙائي جي ميدان کان ٿورو پرپرو هڪ ڇپر جي ڇانءَ ۾ بارگاهِ الاهي ۾ ڪنڌ نمائي فتح جي دعا گهري رهيا هئا ۽ عرض ڪري رهيا هئا ته "خداوندا! جيڪڏهن اڄ هي تهنجا اڳرين ڪٽڻ جيترا پوڄيندڙ ختم ٿي ويا ته پوءِ زمين تي تهنجي عبادت ڪانه ٿيندي."

لڙائي هن ريت شروع ٿي ته پهرين ابن حضرمي جو ياءُ عامر جهن کي پهنجي ياءُ جي رت جي دعويٰ هئي اڳتي وڌيو.هڪ غلام مسلامن هن جي مقابلي لاءِ نڪتو ۽ هو مارجي ويو.ان کانپوءِ عتبه جيکو قريش جي لشکر جو سردار هو.وڏي شان سان آيو.ان سان گڏ وليد ۽ شيبه به اڳتي وڌيا.هيڏانهن مسلمانن طرفان به مدينه جا ٽي انصاري مقابلي لاءِ آيا.عتبه هنن کان نالو ۽ نسب پڇيو ۽ جڏهن خبر پيس ته مدينه وارا آهن ته زور سان چيائين "محمد ﷺ! اهي ماڻهو اسان جي برابري جا ڪونهن.حضور ﷺ جن جي چوٽ تي اهي انصاري موڪي آيا ۽ هاڻي حضرت حمزه،حضرت علي ۽ حضرت عبيده ميدان ۾ آيا.

عتبه حضرت حمزه سان ۽ وليد حضرت علي سان سامهون ٿيا ۽ مارجي ويا پر شيبه حضرت عبيده کي زخمي ڪري وڏو.اهو ڏسي حضرت علي اڳتي وڌيو ۽ شيبه جو ڪم

پوروکري ڇڏيائين.حضرت زبيرسعيد بن العاص جو مقابلو ڪيوءِ اهڙي ڇڪي بڙچي هنيائينس جوهن ٽڪاءُ اچي پٽ تي ڪيو.

هاڻي عاڙ شروع ٿي ويو.مدينہ ۾ ابوجهل جي شرارت ءِ مسلمانن سان دشمني جو چوپول عاڙ هو.انصار جا ٻہ نوجوان هن جي تاڙ ۾ نڪتا ءِ ماڻهن کان پڇندا ٻارواڻگر هن تي اهڙو لاماروڏنائون جو اڪ چنپ ۾ هو زمين تي رت ۾ ٻڏو پيو هو.هڪ ٻئي مسلمان وڏي وڃي هن جو سر ودي ورتو.

عتبہ ءِ ابوجهل جي مرڻ سان قريش هٿيار ڦٽا ڪيا ءِ مسلمانن انهن کي جهلڻ شروع ڪيو.قريش جا سترماڻهو جيڪي مڪ جا وڏا وڏا ريئس هئا.مارجي ويا ءِ ايترائي ماڻهو گرفتار ٿي پيا.ءِ مسلمانن مان رڳو چوڏهن ٻهادرن کي شهادت ملي.

خدا جي عجيب قدرت آهي تہ ٿي سو تيرهن ماڻهن جن وٽ هٿيار ٻہ پورا ڪونہ هئا هڪ هزار فوج کي شڪست ڏيئي ڇڏي.هي حق ءِ باطل ،سوجهري ءِ اوندهہ جي جنگ هئي حق جي فتح ٿي ءِ باطل شڪست کاڌي.اوندهہ ختم ٿي ءِ سوجهرو ڄاڻجي ويو.

دشمنن سان سلوڪ :

بدر جي قيدين سان مسلمانن ڏاڍو سٺو سلوڪ ڪيو مسلمان انهن کي کاڌو کارائيندا هئا ءِ پاڻ کجور کائي وٺندا هئا.جن وٽ ڪپڙا ڪونہ هئا انهن کي ڪپڙا ڏنائون.قيدين ۾ هڪ ماڻهو سهيل بن عمر جهلجي آيو هو.هو ڏاڍو زوردار مقرر هو.عاڙ ميڙن ۾ مسلمانن جي خلاف تقريرون ڪندو هوءِ ماڻهن کي اُڀاريندو هو.ڪن صحابين چيو تہ يارسول اللہ ﷺ هن جا ڏند ڪڍائي ڇڏيوتہ جيئن سڻي نموني ڳالهائي نہ سگهي پاڻ سگهون انهيءَ ڪاءِ کي ناپسند فرمايائون"جيڪڏهن آئون هن جي بدن جو ڪو عضو ڪاريندس تہ جيتوڻيڪ نبي آهيان پر خدا ان جي بدران مهنجي بدن جو ڪو عضو ٻہ ڪاريندو."ڪجهہ جوش وارن صحابين جي مرضي هئي تہ انهن قيدين کي قتل ڪري ڇڏجي.پر پاڻ سگهون هن جي ڳالهہ ڪانہ مڃي.ءِ فيصلو ڪيائون تہ انهن مان جيڪي اميرآهن اهي فديہ ڏيئي ڇڏي وڃن.ءِ جيڪي غريب هجن پر لکڻ پڙهڻ ايندو هجن اهي

ڏهن مسلمان پارن کي لڪ ٽڙهڻ سيکارين ۽ جيڪو اهو به ڪونہ چاڻندو هو ان کي خدا جي واٽ ۾ آزاد ڪري چڏيو ويو.

بدر جي فتح مسلمانن جي قسمت بدلائي چڏي.هاڻي هو ڪو هڪ مذهب ۽ هڪ نظام الاهي جا داعي ڪونہ هئا پر اُبريندڙ سياسي قوت هئا.جن جو مقصد نہ رڳو عرب جي سوين نندين نندين بي نظام رياستن جي جاءِ تي هڪ مضبوط ۽ باقاعدہ حڪومت قائم ڪرڻ ،بلڪ قيصر وڪسريٰ جي ظالم حڪومتن کي ختم ڪري دنيا ۾ عدل و انصاف ۽ مساوات ۽ برابري واري سلطنت قائم ڪرڻ هو.

قريش جو وڏو زور ٽٽي ويو هو.مڪ جا گھٽا رئيس مارجي ويا.انهن جي جاءِ انهن سپني جو رئيس ابوسفيان بڻيو.هن فتح منافقن جون دليون بہ ڏکائي چڏيون ۽ انهن کي خبر پئجي وئي تہ هاڻي ساهمي جو ڪمزور پُڙ گم ٿيو ٽئي.هوڏانهن يهودي بہ هوشيار ٿي ويا ۽ انهن کي اهو دپ ٿيڻ لڳو تہ جيڪڏهن جلد هن نئين طاقت کي چٽيو ويو تہ پوءِ سندن ڪٽي بہ ٽڪاٽو ڪونہ هوندو.

بدر جو پلاند :

بدر جي لڙائي تہ هڪ حضرمي جي خون جي ڪري شروع ڪئي وئي هئي.هاڻي قريش کي پنجن ستر مقتولن جي خون جي پلاند جي مٽي ۾ ڪيري هئي.بدر ۾ جيڪي مارجي ويا هئا.انهن جو ماتم پئي ٿيو.مرثيا پڙهيا پئي ويا.سازشون پئي ٿيون تہ مسلمانن کان ان جو پلاند ڪيئن وٺجي؟ابوسفيان کي هاڻي مڪ جو رئيس هو.تنهن قسم کنيو هو تہ جيستائين مسلمانن کان پلاند نہ وٺندس تيستائين دنيا جو لطف ڪونہ وٺندس.بدر جي ٽن مهين کانپوءِ هن پنجنجو قسم هيئن پورو ڪيو جو به سو اُٺ سوار وٺي مدينہ جي ڀرپاسي ويو ۽ يهود سردارن سان گالھ ٻولھ ڪيائين.يهودين هن کي مديني تي حملي جا راز ٻڌايا.صبح جو واپس موٽندي هڪ مسلمان کي قتل ڪيائين ۽ مسلمانن جي ڪجھ گھرن ۽ گاھ جي ڍڳ کي باھ ڏيئي چڏيائين.مسلمانن کي خبر پيئي تہ اهي پڇي ايا پر هو نڪري چڪو هو.هن واقعي کي غزوہ سويق چون ٿا.

چو تہ ابوسفيان جي همراهن جو ڪاڏو هن سفر ۾ سويق يعني سَتُو(سويق يا سَتُو

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ڳچل ڪٽڪ کي چئبو آهي) جيڪو تڪڙ ۾ هو هاريندا ويا هئا.حضور پاڪ ﷺ جن کي هن پاسي کان اطمينان ٿيو ته کين هڪ خانگي فرض پورو ڪرڻ جو خيال آيو اها حضرت فاطمہ رضہ عنها جي نڪاح جي تقريب هئيءِ اها به رسمن جي سلسلي جو هڪ وڏو سڏارو هو.

حضرت فاطمہ رضہ عنها جو نڪاح-سن ذي الحج 3 هجري

حضور پاڪ ﷺ جي اولاد ۾ سڀني کان لاڏلي ۽ نياڻين ۾ سڀني کان ننڍي هئي.پاڻ سڳورن کي پهنجي سموري اولاد مان ساڻس گهڻي محبت هئي ۽ هوءَ به پهنجي والد بزرگوار تي فدا هوندي هئي.پاڻ سڳورن کي ٿوري به تڪليف رسندي هئي ته هوءَ بيقرار ٿي ويندي هئي.نيڪي ۽ پاڪائي ۾ بي مثال هئي.شادي جا پيغام اڇڻ لڳا.پر حضور ﷺ جن جي دل ۾ ڪا بي گالهه هئي.خيال اهو هون ته هن لاءِ اهڙو ئي برابري وارو چوڪرو به ملي.اهو حضرت علي هو.جيڪو حضور پاڪ ﷺ جن جي هٿ هيٺ ئي نپيو هو.حضرت علي پهنجي درخواست پيش ڪئي.ته جڏ اها پيش ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي منظور ٿي چڪي هئي.حضرت بيبي فاطمہ رضہ کان پڇيائون ته هوءَ مان ٿي ويئي.اهو جڏ راضپي جو اظهار هو.پوءِ حضرت علي کان پڇيائون ته تو وٽ مهر ڏيڻ لاءِ ڇا آهي؟ چيائين ڪجهہ ڪونهي...فرمايائون ان نرهہ جو ڇا ٿيو جيڪا بدر ۾ هٿ آئي هئي.عرض ڪيائين ته اُها موجود آهي.فرمايائون اها گهٽي آهي.

هن ڪتاب جي پڙهندڙن جو خيال هوندو ته اها نرهہ ڏاڍي قيمتي شئي هوندي.پر هن کي اهو ڏڻ عجب لڳندو ته ها ڪو سوا رپئي جي هئي.نرهہ کان سواءِ بدر جي هن هيرو جي جيڪا ملڪيت هئي.اها هيءَ هئي.هڪ ردِ جي کل ۽ هڪ پراڻي ٻمني چادر.اهائي ملڪيت هئي جيڪا گهوٽ ڪنوار جي رهڻ لاءِ پيش ڪيو.جيڪو پاڻ قبول فرمايائون.

"مقدس پيءُ پهنجي لاڏلي ڏيءَ کي جيڪو ڏاج ڏنو.اهو واڻ جي هڪ کٽ.چمڙي جو هڪ وهاڻو جنهن ۾ کابر(کجيءَ جا پن) پريل هئا.هڪ پاڻي پرٽ جو ڏول هڪ مشڪ ۽ چڪيون ۽ ٻه مٽي جا گهڙا هئا.

گھوٽ ڪنوار جڏھن نئين گھر ۾ وڃي رھيا تہ حضورﷺ جن ڏسڻ لاءِ ويا. پھرين درتي بيھي موڪل گھرائون. پوءِ اندر ويا. ھڪ ٿانءَ ۾ پاڻي گھرائون. ٻئي ھٿ ان وڌائون ۽ ھٿ ڪڍي اھو پاڻي ھن تي ڇٽڪاريائون ۽ نياڻيءَ کي چيائون ڏيءَ! مون تنھنجو نڪاح ڪتب جي سپ کان. بھتر شخص سان ڪيو آھي.

الله اڪبر! ڪيڏي نہ سادگي ۽ بي تڪلفي واري تقريب ھئي. مسلمانن جي خوشي جي رسمن لاءِ ان کان ستو پيو ڪو نمونو ٿي سگھي ٿو؟ ھي ڇڙ حضورﷺ جن مسلمانن جي اڳيان پنھنجي ۽ پنھنجي اولاد جي زندگيءَ جو مثال پيش ڪيو ھو.

روزو:

نماز کانپوءِ ھن سال روزي جي بي عبادت فرض ٿي ۽ ان لاءِ رمضان جو مھينو چونڊيو ويو. چو تہ ھي اھو مقدس مھينو ھو "جنھن جي ھڪ رات ۾ خدا جو پيغام ھن خاص ٻانھي (محمدﷺ) تي حرا جي غار ۾ لٿو ھو. انھي يادگار طور ھي مھينو عزت ۽ حرمت جو مھينو مقرر ٿيو. جھڙي ريت ھن برگزيدہ نبيﷺ انھن ڏينھن ۾ حرا ۾ ڏينھن گذاريا ھئا يعني ڏينھن جو کائڻ پيئڻ کان پرھيز ۽ رات جو جي عبادت. ھر شريعت پنھنجي لاءِ ڏڻ جو ڪو ڏينھن پنھنجي خوشي ۽ مسرت لاءِ مقرر ڪيو آھي. اسلام ان لاءِ رمضان جي روزن کانپوءِ شوال جي پھرينءَ کي عيد جو ڏينھن مقرر ڪيو. ھن ۾ عيد نماز جون ٻہ رڪعتون نماز سنت ڪئي وئي تہ جيئن سپ خدا جي آڏو بيھي قرآن جي نعمت ۽ اسلام جي دولت ملڻ تي خدا جو شڪر ادا ڪن ۽ ان لاءِ تہ ھن خوشي جي ڏينھن ڪوبہ پاڻ بکيو نہ رھي. ھي انتظام ڪيو ويو تہ ھر ھڪ واري تي فطر جو صدقو واجب ڪيوويو. ھي پھريون پيرو ھو جو حضور پاڪﷺ جن مسلمانن کي ڳڏ وٽي ھڪ ميدان ۾ عيد جي نماز ادا ڪئي. نماز کانپوءِ خطبو ڏنائون جنھن ۾ فطر جي صدقي جون خوبيون بيان فرمايائون.

ھي عيد جي نماز مسلمانن جي معاشرتي ھڪ جھڙائي ۽ مذھبي خوشي جو ڏيک آھي.

احد جي لڙائي –شوال 3 هجري :

مڪي ۾ بدر جي پلاند واري ٻاھ اندر ئي اندر ۾ ئي دکي.ابو سفيان ان جوش مان فائدو ورتو.قريش جو واپاري سڀ مايو لڙائيَ جي خرچن لاءِ منظور ٿيو.عربن ۾ جوش ۽ ڪاوڙ ڏيارڻ جو سڀني کان ڪمائتو هٿيار شاعري هئي.قريش جي ٻن شاعرن اهو ڪم پنهنجي هٿ ۾ کنيو.هنن مان هڪ اهو ئي هو جيڪو بدر ۾ قيد ٿي ڇڪو هو.پر رحمت عالمﷺ جي حلم ۽ ڪرم سان ڇٽي ويو هو.هن ٻئي قريش جي قبيلن ۾ وڃي پنهنجي بيان جي گرميَ سان ٻاھ ٻاري ڏني.

قريش جي عورتن ۾ سپاهين جون دليون وڌائڻ لاءِ ڪم ڪيو.وڏن وڏن گهراڻن جون نالون جن جي سردار ابوسفيان جي نال "هند" هئي.پنهنجي ڳچن سان سپاهين جي رڳن ۾ شجاعت ۽ مردانگي جو رت ٽهڪائڻ لاءِ سفر تي سنيريون.هند جو پيءُ عتبہ ۽ جُبير بن مطعم جو چاچو ٻئي بدر جي ميدان ۾ حضرت حمزہ جي هٿان مارجي ويا هئا.هند جبير جو حبشي ٻانهي جي آزادي جو ملهه حضرت حمزہ جو سر مقرر ڪيو.

مڪي ۾ تياريون ٿي رهيون هيون پر مدينہ ۾ اچان ان جي خبر ڪانہ هئي.حضور پاڪﷺ جن جو چاچو حضرت عباس جيڪو اسلام آڻي چڪو هو.تنهن هڪ تڪو قاصد اُماڻي مديني ۾ اها خبر پهچائي.ايتري ۾ خبرون پهتيون تہ قريش جي فوج هلان ڪري مدينہ جي ويجهو پهچي ويئي آهي.ٻاڻ سگهون ڪجهہ مسلمانن کي پهري جي ڪمۂ دشمن جي جانچ تي مقرر ڪيو.صبح ٿيو تہ صلاح مصلحت ڪيائون.گهڻن اهو رايو ڏيکاريو تہ عورتن کي ٻاهرئين قلعي ۾ اماڻجي ۽ مرد آبادي ۾ ترسي پٽين جي آڙوٽي دشمن کي منهن ڏين.منافقن جي سردار عبدالله بن ابي بن سلول ٻہ اهو رايو ڏنو پر نوجوان مسلمان جيڪي جوش ۾ ٻڌل هئا ان تي زور پيو تہ شهر مان نڪري ميدان تي مقابلو ڪجي.انهيَ ڏهاڙي ڪانپوءِ حضورﷺ جن گهر هليا ويا ۽ نرهہ پهري ٻاهر آيا ۽ پين مسلمانن ٻہ تياري شروع ڪري ڇڏي.

قريش مدينہ جي پر۾ پهچي احد جبل وٽ اچي لٿا ۽ ٻہ ڏينهن هتي ٽڪيا پيا هئا.ٽيون ڏينهن جمع جو هو.حضورﷺ جن جمع جي نماز پڙهي هڪ هزار مسلمانن سان گڏ ٻاهر نڪتا.انهن ۾ عبدالله بن ابي بن سلول جا ٻہ سئو ماڻهو هئا پر هو اهو چئي پنهنجا ماڻهو گڏ

وٽي واپس هليو ويو ته محمدﷺ منهنجو رايو نه ڪيو.هاڻي ڪو ست سئو مسلمان وڃي رهيا جن مان ڪو سئو ماڻهن وٽ زرهون هيون.

سهن لڙائي ۾شريڪ ٿيڻ جي موڪل ملڻ لاءِ ڪن ننڍي ڄمار جي نوجوان مسلمانن عجيب وغريب جوش ڏيکاريو.رافع بن خُديج کي جڏهن اهو چيو ويو ته تون ڄمار ۾ ننڍو آهين ته هو پٺ تي اچو ٿي بيهي رهيو.سچ آهي ته قوم جي زندگي واري باهه نوجوانن جي عمل جوش ۾ ساڻ سان ئي برندي آهي.

مسلمانن احد جبل ۾ هڪ لڪ هو.جتان ڊپ هو ته متان دشمن پٺيان اچي حملو نه ڪري تنهنڪري پنجاهه تيراندازن جو هڪ دستو ان جي سنڀال لاءِ بيهاريو ويو ۽ هن کي سمجهائي ڇڏيائون ته "لڙائي ۾ اسين کٽي ٻ رهيا هجون ته ٻ هو پهنجي جاءِ تان نه چُرن"

لڙائي جي شروعات هن ريت ٿي ته قريش جون عورتون دف تي فخريه شعر ۽ بدر جي قتل ٿيلن جو درد ڀريو مرثيو پڙهندي ڳچي وڌيون پوءِ قريش جي لشکر جي علمبردار طلحه صف مان نڪري سڏيو.علي مرتضيٰ ان جو جواب ڏنو ۽ ڳچي وڌي تلوار هٿ ۾ طلحه جو لاش زمين تي وڃي ڪريو.ان کانپوءِ هن جي پٺ جرئت ڪئي ۽ نيٺ حضرت حمزه جي تلوار هن کي ٻ پورو ڪري ڇڏيو.هاڻي عاڄ جنگ شروع ٿي ويئي.حضرت حمزه .حضرت علي ابودجانه انصاري فوجن جي ميڙ ۾ گهڙڻي ويا ۽ دشمن جون صفن جون صفون اونڌيون ڪري ڇڏيائون.

حضرت حمزه بهي هٿ ۾ تلوارون ڪٽي لاشن مٿان لاش ڪيرائيندو پئي ويو.جبير جو حبشي غلام وحشي جهن سان هند اهو واعدو ڪيو هو ته جيڪڏهن حمزه کي قتل ڪندو ته ڪيس آزاد ڪيو ويندو.حضرت حمزه جيئن ئي هن جي نشاني ۾ آيو.هن حبشين جي خاص انداز ۾ جهن ۾ هن کي وڏي مهارت هوندي آهي.هڪ ننڍو نيزو اڇلائي هنيو.جيڪو "دن" ۾ لڳ ۽ پار ٿي ويو.حضرت حمزه ڪري هن تي حملو ڪرڻ گهريو پر لوڏو کائي ڪري پيو ۽ روح پرواز ڪري ويو.

حق ۽ باطل جي ڪهڙي نه عجيب لڙائي هئي.پيءُ پهنجي پٽ ۽ پٽ پهنجي پيءُ جي سامهون تلوار هلائي رهيو هو.حنظله هڪ صحابي هو جيڪو مسلمان ٿي چڪو هو.هن پهنجي پيءُ جي مقابلي ۾ وڃڻ جي اجازت گهري پر رحمت عالمﷺ ان جي اجازت نه ڏني.

مسلمان .بهادر ايمان جي جوش ۾ ٻڏل هئا. هو ڪافرن کي سيني پاسن کان سوڙهو

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

گھٽيندا آگتي پئي وڃيا. نيٺ هن جي زوردار حملن جي ڪري دشمن جا پير نڪري ويا. هاڻي مسلمانن دشمن جي بدران انهن جو مال اسباب لٽڻ شروع ڪري ڏنو. اهو ڏسي لڪ جي پهري تي بيهاريل تيراندازن پنهنجي چونڪي ڇڏي ڏني. تيراندازدستي جي سردار عبدالله بن جبير گهٽ ئي هن کي جهليو پراهو ڏسي ته لٽائي پوري ٿي ويئي آهي، هو به قُرلُٽ ۾ شامل ٿي ويا. خالد جيڪو پوءِ اسلام جو وڏو سپهه سالار ثابت ٿيو، ان وقت مڪ جي فوج ۾ هو، ان جي جنگي نگاهه کان دشمن جي اها ڪمزوري لڪي ڪانه سگهي، هو سوارن جو هڪ دستو وٺي لڪ وٽان ٿي آگتي وڃيو. عبدالله بن جبير ۽ سندس ٿورن ساٿين پيرکوڙي منهن ڏنو۽ سڀ جا سڀ شهيد ٿي ويا. خالد هاڻي آگتي وڃي مسلمانن تي پٺيان حملو ڪيو. مسلمان قرلٽ ۾ رڌل هئا، پوئتي وري ڏنائون ته تلوارون پئي وسيون. بدحواسي جي اها حالت ٿي جو مسلمان پاڻ ۾ ئي هڪ پئي تي چڙهي ويا. مصعب بن عمير جيڪو مسلمانن جو علمبردار ۽ شڪل ۾ حضور ﷺ جن سان ملندڙ جلندڙ جو، اهو هڪ ڪافر جي هٿان شهيد ٿي ويو. تنهن تي ڪافرن وٺي هل ڪيو ته مُحَمَّد شهيد ٿي ويا. انهي آواز سان مسلمانن جو رهيو ڪهيو هوش به اڏامي ويو. انهن جون صفون ٽٽي ويون. ڪافرن جو سڄو زور اوڏانهن هو، جتي حضور سائين جن هئا. صفن جي ٽٽڻ سان پاڻ سگورن تائين پهچڻ لاءِ دشمن جو رستو بلڪل صفا هو، ڪويا رڻ جان نثار پتنگن وانگر نبوت جي شمع جي چوڌاري هئا. انهن ۾ علي ، ابوبڪر صديق، سعد بن وقاص، زبير ۽ طلحه جا نالا مهاجرن مان ۽ ابودجانه جو نالو انصارين مان معلوم آهن. باقي بين صحابين کي پاڻ سگورن جي ڪابه خبر ڪانه هئي. اوچتو پاڻ سگورن کي هڪ صحابي پري کان سڃاتو ۽ ٽهڪ ياڻين. مسلمانو! رسول الله ﷺ هتي آهن. اهو ٻڌي سڀني پاسن کان جان نثار وري پيا ۽ پاڻ سگورن ﷺ کي دائرہ ۾ وٺي ورتائون. ڪافرن سڀني پاسن کان هٿي انهي پاسي تي زور لڳايو. ٽولي جو ٽولو ميڙ ڪري وڏيو ٿي. پر ذوالفقار جي ڪنوڙ سان اهو ڪيڙ قاڻي ٿي پيو. هڪ دفعو ميڙ ٿيو ته فرمانائون ڪير مون تي جان ڏيندو؟ يڪدم ست انصاري هڪ پئي جي پويان وڃيا ۽ هڪ هڪ جڻي وڙهي ساهه ڏنو. ابودجانه انصاري جهڪي ڏال بنجي ويو، جيڪي تير آيا ٿي هن جي پٺن ۾ ٿي لڳا. طلحه تلوارن پنهنجن هٿن تي جهليون، حضرت سعد پاڻ سگورن طرفان تير پئي هلايا. ابوطلحه ڏال سان پاڻ سگورن جي منهن مبارڪ کي اوٽ ڪريو بيٺو هو، پاڻ ڪنڌ مٿي ڪٽي لٽائي جو منظر ڏسڻ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

گهرندا هئا ته هو عرض ڪندو هو ته پاڻ ﷺ ڪنڌ مٿيرونہ ڪٽن ڪو تيرنہ لڳي وڃي. منهنجو سينو حاضر آهي. انهي حال ۾ قريش جو هڪ ڪٿور جيڪو وڏو پهلوان سڏبو هو، جان نثارن جو دائرو توڙي اڳتي وڌيو ۽ منهن مبارڪ تي تلوار هنيائين جنهن جي ڏڪ ڪان ٽوپيجون ۽ ڪڙيون منهن مبارڪ ۾ گهڙي ويون. آ عمارہ رضہ صحابيہ هن کي تلوار هڻي جيڪا هن جي زوجہ ۾ ڏيڊي وڃي لڳي. ڪنهن ڪافر پري کان ڪو پٿر اڇلايو جيڪو حضور پاڪ ﷺ جن جي منهن مبارڪ تي اچي لڳو جنهن سان اڳيان ۽ ڏند شهيد ٿي ويا. انهي حالت ۾ پاڻ سڳورن جي زبان مبارڪ مان هي اثر وارو جملو نڪتو جيڪو جيسين دنيا قائم آهي تيسين ياد رهندو" يا خدا! منهنجي قوم جا ڏوهہ معاف ڪر هو نادان آهن."

ان کان پوءِ ڪجهہ ثابت قدم صحابين سان گڏ پاڻ سڳورن ﷺ جبل جي چوٽي تي چڙهي ويا. ابوسفيان ڏسي ورتو فوج وٽي جبل تي چڙهيو پر حضرت عمر ۽ ٿورن ساٿين پٿر وسايا جنهن ڪري هو اڳتي وڌي نہ سگهيو پر سامهون واري ٻئي چوٽي تي چڙهي هن هبل بت جو نعرو هنيو. حضرت عمر هن جي مقابلي ۾ الله اڪبر جو نعرو هنيو.

پاڻ سڳورن ﷺ جي وفات جي خبر مدينہ تائين پکڙي وئي. حضرت فاطمہ رضہ زهرہ خدا جاڻي ڪهڙي ريت بيتابيءَ واري حالت ۾ والد صہ جي قدمن تائين اچي وهتي. منهن مبارڪ مان رت پئي وهيو. حضرت علي رضہ ڊال ۾ پاڻي پري آيو. حضرت فاطمہ رضہ ڏڪ ڏوتا ٿي، پر رت بند نٿي ٿيو. نيٺ تڏيءَ جو هڪ ٽڪر ساڙي ڏڪن تي رکيائون جنهن سان رت بند ٿي ويو.

هن لڙائيءَ ۾ ستر مسلمان مارجي ويا. شهيدن ۾ سيني کان وڏي هستي حضرت حمزہ رضہ جي هئي. حضور جن تي ان جو ڏاڍو اثر هو پر ڇا مجال جو صبر جو دامن هٿان ڇڏي وڃي. ايترو فرمايائون تہ "آهہ! حمزہ تي ڪو روئڻ وارو بہ ڪونهي." انصار ڀڏو تہ پهنجن عورتن کي هدايت ڪيائون تہ پهرين حمزہ جو ماتم ڪريو. حضور پاڪ جن اهو ڏسي فرمايو "اوهان جي همدردي جو شڪريو ادا ٿو ڪريان، پر مُردن تي روئڻ جائز ڪونهي."

قريش جي عورتن خاص ڪري ابوسفيان جي زال هند مسلمان لاشن جي بي ادبي ڪري دل جي باهہ ڪڍي. انهن جا نڪ، ڪن ڪپي ورتائون ۽ انهن جو هار ناهي ڳچي ۾ وڌائون. هند حضرت حمزہ رضہ جو پيٽ چيريو ۽ جگر ڪڍي چٻاڙيو پر گيهي نہ سگهي. پوءِ هڪ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

مٿاهين هنڌ تي چڙهي ڪجهه شعر ڳايائون ته اڄ بدر جو پلاند ٿي ويو.

هن لڙائي ۾ يهودين جي ڊپ کان مسلمانن پنهنجن زالن، ٻارن ۽ هيٺن پائين کي قلعي ۾ رهايو هو. پر جيڪي عورتون ۽ مائر هيون اهي جنگ جي ميدان ۾ موجود هيون. مٿي ڏٺهي چڪا آهيو ته حضرت فاطمه رضه زهره ، والد جي ملهم پتي ڪري رهي هئي ۽ حضرت عائشه رضه ، حضرت اُم سليط رضه ۽ حضرت اُم سليمه رضه پنهنجن ڪلهن تي مشڪون پري پري آندیون پئي ۽ زخمين کي پياريائون پئي.

حضور پاڪ ﷺ جن جي ڦٻي ۽ حضرت حمزه رضه جي ڀيٽ حضرت صفيه شڪست جي ڳالهه ٻڌي مدينه مان نڪتي حضور ﷺ جن سندس صاحبزادي زبير کي سڏي چيو ته هوءَ حضرت حمزه رضه جو لاش، جيڪو ٽڪر ٽڪر ٿيو پيو هو جيئن نه ڏسي. حضرت زبير رضه اچي اهو ٻڌايو ته هن چيو آئون پنهنجي ڀاءُ جي سموري ماجرا ٻڌي چڪي آهيان، پر خدا جي راهه ۾ اها ڪا وڏي قرباني ڪانهي. حضور پاڪ ﷺ جن موڪل ڏني ته لاش تي وئي. رت جو جوش هو ۽ پياري ڀاءُ جا ٽڪرا ٽڪرا پيا هئا پر انا لله وانا اليه راجعون کان سواءِ زبان مان پيو ڪجهه به ڪونه نڪتو.

هڪ انصاري عورت جو پيءُ ڀاءُ ۽ مڙس ٽيئي هن لڙائي ۾ مارجي ويا هئا. هوءَ حال معلوم ڪرڻ لاءِ بيتابيءَ سان نڪتي. واري واري سان هن ڏٺي سخت حادثن جي صدا سندس ڪن تي پوي ٿي. پر هوءَ هر پيري اهو ئي پڇي ٿي ته اسان جو رسول ﷺ ڪيئن آهي. جواب مليو خيريت سان آهن. هن جي خاطري ڪونه ٿي پر ۾ اچي منهن مبارڪ ڏٺائين ته شڪري چيائين پاڻ سڳورا ﷺ خيريت سان آهن ته پوءِ سڀ مصيبتون ڪجهه ڪونهي.

شهيدن جي ڪفن لاءِ به تنگدست مسلمانن وٽ ڪجهه ڪونه هو. مدينه جي پهرئين امام ۽ مصعب بن عمير جو جنازو تيار هوهن جي ڪفن جو ڪپڙو ايترو ننڍو هو جو ان جو مٿو ڏيکيائون ته پير پاهر ٿي نڪتا ۽ پير ڏيکيائون ٿي ته مٿو نٿي ڏيکيو. نيٺ مٿي کي ڏيکي پيرن تي گاهه وڌو ويو. هي اهڙو نظارو هو جو ان کانپوءِ ڪوبه مسلمان جڏهن انهيءَ واقعي کي ياد ڪندو هو ته روئي پوندو هو. شهيدن کي وهنجارڻ کان سواءِ ائين رت سان رڳيل قبرن ۾ لاٿو ويو ۽ بيڪسيءَ مظلوميءَ جا هي مجسما زمين جي حوالي ڪيا ويا.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

مسلمانن کي هلڻ ڦرائي ۾ جيتوڻيڪ جانين جو وڏو نقصان سهڻو پيو هو، پرهن جي نظر ۾ سندس شڪست اڻپوري هئي، دڀ هو ته ابوسفيان کي جيڪڏهن ان جو خيال آيو ته کٽي ائين نه ٿئي جو ٻيهر حملو ڪري، تنهنڪري حضور پاڪ جن انهي حالت ۾ هن جي پويان پوڻ جو فيصلو ڪرڻ ضروري سمجهيو، ان ۾ اها به مصلحت هئي ته پرپاسي واري قبيلا اهو نه سمجهن ته مسلمانن جو زور ٽٽي ويو، هاڻي جنهن کي وڏي اهو مٽن حملو ڪري سگهي ٿو، گهٽ ئي مسلمان جيتوڻيڪ زخمن سان چور هئا، پر جنهن وقت پاڻ سڳورن خدا جو اهو حڪم ٻڌايو ته ستر مسلمانن انهيءَ ڪم لاءِ پاڻ کي پيش ڪيو جن ۾ حضرت ابوبڪر رضہ ءِ زبير رضہ به هئا.

ابوسفيان کي ٿورو پري نڪري وڃڻ کانپوءِ خيال آيو ته سندس ڪم اڌورو رهجي ويو، پر خزاعہ قبيلي جو رئيس معبد جيڪو گجهو گوهه ۾ مسلمانن سان گڏ هوءِ شڪست جي خبر ٻڌي آيو هو موٽي وڃي ابو سفيان کي چيو ته آئون ڏسندو پيو اچان ته محمد ﷺ اهڙي سازو سامان سان تنهنجي پٺيان پيو اچي جو سندس مقابلو ناممڪن آهي. اهو ٻڌي ابو سفيان مڪي هليو ويو ءِ حضور پاڪ صہ جن حمراء ٻهچي مديني موٽي هليا آيا.

يهودي خطري کي پاڙان اکيڙڻ:

مديني ۾ اسلام لاءِ هي تيون خطرو هو ءِ اهو سيني کان وڌيڪ هو چوته يهودي دولت ۾، واپار ۾ ءِ جنگي جاڻ عربن کان گهڻو وڌيڪ هئا. هن جو سلسلو حجاز کان وڻي شآم جي حدن تائين پکريل هو، هن جي واپار ءِ ڏنڊي جي ڪري سڄي عرب تي هن جو اثر هو ءِ هو عرب ۾ مذهبي روايتن ءِ علم و فضل جي لحاظ کان مٿاهان سمجهيا ويندا هئا. مدينہ ءِ ان جي پرواهن شهرن ءِ گوٺن ۾ هن کي پهنجي دولت، وجاهت ءِ واپار جي ڪري وڏو اقتدار مليل هو ءِ سڀ هن جي سرمايہ دارانہ نظام جي بار هيٺان دٻيل هئا . اوس ءِ خزرج جا هاري ءِ مزور جيڪو مال پيدا ڪندا هئا اهو سڀ هن جي قلعن ءِ ڪوٺين جي نذر ٿي ويندو هو. عربن جي ملڪيت يهودين جي هٿن ۾ رهندي هئي، تنهنڪري هن کي پهنجي محنت جو ڦل ڪونہ ملندو هو. يهودين جو هڪ قبيلو جيڪو بني قينقاع سڏبو هو اهو سون، چاندي ءِ سوناڻن جو ڪم ڪندو هو ءِ مدينہ جي پر ۾ ئي رهندو هو. هن جو پيو قبيلو بني نضير هو ءِ ٽيون قبيلو بني قريضہ سڏبو هو. هن

هن ڪتاب جا سڀ حق ءِ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

سيني پاسن ڏي وڃ جو ڏنڏو پکيڙي چڏيو هو. سموري آبادي هن جي بارهيٽ هئي ۽ جيئن ته اڪيلا هوئي دولت جا ملاڪ هئا تنهنڪري ڏادي بي قياسي سان وياج جا وڏاوڏا اڳهه مقرر ڪندا هئا ۽ قرض جي پورائي ۾ ماڻهن جا ٻارڇا ايتري قدر جو زالون به گروي رکائيندا هئا .

جڏهن اسلام جو مرڪز مڪ مان ڦري مدينه ٿيو ته يهودي جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو هو پهرين ڏاڍا خوش ٿيا چوته اسلام جيڪي ڪجهه چيوٿي اهو سڀ هن جي ڪتابن ۾ هو. ان هن آسماني ڪتابن جي پيشڪائي ۽ هن جي پيغمبرن جي تصديق ڪئي ٿي ۽ ان مان هن کي اها اميد هئي ته عربن جي هي نئين تحريڪ سندن اقتدار کي اڃان به وڌائيندي ۽ ان لاءِ هو اسلام سان اتحاد ۽ ناهه لاءِ اڳتي وڌياڻ دشمن جي حملي جي صورت ۾ مدينه جي بچاءُ جو اڃا اقرار ڪيائون ۽ سمجهيائون ته عربن جي هي نئين طاقت يهودين ۾ جذب ٿي ويندي.

پر هن کي هڪ سال جي اندر ئي اها خبر پوڻ لڳي ته هي نئين تحريڪ هڪ مستقل طاقت آهي، جنهن کي جيڪڏهن خاتمو ڪري چڏيندي. هاڻي هيئن ٿيو ته بجاءِ ان جي جو هو اسلام ڏانهن ان لاءِ وڌن ته اهو سندن ئي اصلي دين کٽي آيو آهي، پر هو مخالفت ڪرڻ لڳا . ان تي اجاين اعتراض جي پيمار ڪرڻ لڳا. منهن تي هڪ ۽ پٺيئي گالهه چوندا هئا ۽ پورو زور لڳائيندا هئا ته اسلام ڏانهن ماڻهن جي عقيدت گهٽجي وڃي، پر ان ۾ هن کي ڪاميابي ڪانه ٿي. اٽلو خود يهودين کان جيڪي ماڻهو ٿوري به حق ۽ انصاف جا طالب هوا هئا اهي ظاهر ظهور مسلمان ٿي ويا ۽ ڪن ته مسلمان ٿي پهنجي دولت به اسلام جي واٽ ۾ وقف ڪري چڏي.

اها صورتحال هئي جو قريش ۽ مسلمانن ۾ لڙائي جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. هاڻي هن قريشن سان ۽ قريش هن سان سازباز شروع ڪئي. هڪ ئي سال کانپوءِ بدر جو واقعو ٿيو ۽ مسلمانن جي فتح ٿي. اها يهودين لاءِ خطري جي گهنٽي هئي. هن ڪن ڪڙا ڪيا ۽ سامان ستروگڊ ڪرڻ لڳا. مسلمانن اهو ڏٺو ته هن کي سمجهايائون ۽ کين سندن اڃا اقرار ياد ڏياريائون ۽ نه مڃڻ جي حالت ۾ ڌمڪي ڏنائون ته جيڪو قريش جو حال ٿيو آهي اهڙوئي اوهان جو به ٿيندو. يهودين چيو ته اسان کي قريش متان سمجهو. هو لڙائي جهيڙي وارا ماڻهو ڪونه هئا اسان وڙجنگ جو سڀ سامان ۽ هٿيار آهن ۽ اسان جا وڏا وڏا قلعا آهن انهن قلعن کي فتح ڪرڻ سولو ڪوٿي.

يهودين کي خبر هئي ته محمد ﷺ جي سڄي طاقت جو راز مدينه جي بن قبيلن اوس ۽

خزرج جو اسلام جي جھنڊي هيٺ اچي هڪ ٿيڻ هو. هن هيڻن کيو جو انھن جي ڪچھرين ۾ ويھي انھن بنھي جي پاڻ ۾ لڙائين جون گالھيون پچارڻ لڳا. جيڪي هو اسلام کان آڳ هڪ ٻئي جي خلاف وڙھندا هئا تہ جيڻ بنھي جي عداوت جا پيڙھياتا جذبات ايرن ۽ سندن اسلام جي اتحاد واري رشتو ٽٽي پوي. هڪ پيرو انائڪل سان ايترو ٿيو جو ٻئي قبيلا وري مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. رسول الله ﷺ جن کي خبر پيئي تہ اچي بنھي کي سمجھيائون ۽ اھڙي ريت اھو جھيڙو ٽري ويو.

مدينہ ۾ منافقن جو جيڪو گروھ ھو اھو يھودين سان ملي ھو. منافقن جو سردار عبدالله بن ابي يھودين جي قبيلي بني نضير ۽ بني قينقاع جو حليف ھو.

يھودين ۾ سڀني کان ھمت واري ۽ پھلوان قبيلو بني قينقاع ھو. احد ۾ مسلمانن جي شڪست ان کي اھا ھمت ڏياري تہ ھو اسلام جي طاقت جي خلاف کنڊ کٽي. تنھنڪري يھود ۽ مسلمانن ۾ صلح جو جيڪو اڳاڙا اقرار ٿيو ھو ان کي پڄي ھن اڳواڻ شرارت جي اڳرائي ڪئي.

بني قينقاع سان لڙائي (شوال 2 هجري)

شوال 2 ھ ۾ ھڪ اتفاقي واقعي چٽڪ کي وڏيڪ ڪايو. ھڪ مسلمان عورت بني قينقاع جي پاڙي ۾ ڪنھن ڪم سان انھن جي دڪان تي ويئي. ھن ان سان ڇيڙ ڇاڙ ڪري بي حرمتي ڪئي. اھو ڏسي ھڪ مسلمان پاڻيءَ مان نڪري ويو ۽ ان يھودي کي ماري ڪيرائي وڌائين. يھودين ان مسلمان کي ماري وڌو. انھي واقعي ھڪ وڏي جھيڙي جي شڪل اختيار ڪري ورتي. مسلمانن پھرين ھن کي گھٽ ئي سمجھايو پر ھن کي پنھنجي ھٿيارن ۽ قلعن تي ايڏو نازھو جو ھو صلح لاءِ تيار نہ ٿيا. ھاڻي مسلمانن ھنن کي پٺي واري چُھرو جاڻي سڀ کان پھرين ھن کي منھن ڏيڻ ضروري سمجھيو.

لڙائي جو اعلان ٿيو تہ بني قينقاع پنھنجو قلعو بند ڪري مقابلو ڪيو. مسلمانن ھن جي قلعي کي گھيرو ڪيو ۽ پندرھن ڏينھن تائين گھيرو ڪري وينا رھيا. مسلمانن جي اھا مڙسي ڏسي قلعي واڙا گھبرائجي وڃا ۽ نيٺ ان تي راضي ٿيا تہ رسول الله ﷺ جن جيڪو فيصلو ڪندا اھو اسان کي قبول آھي. عبدالله بن ابي جيڪو ھن جو حليف ھو تنھن اچي حضور اڪرم ﷺ کي عرض ڪيو تہ ھن لاءِ ايتري سزا ئي گھٽي آھي تہ ھو ھتان ڪڍي ڇڏيا وڃن. پاڻ سڳورن منظور

ھن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ڪرڻ فرمايو ۽ بني قينقاع به ان تي راضي ٿي ويا ۽ پنهنجي سموري زمين ملڪيت ڇڏي شام جي ملڪ ۾ هليا ويا.

مسلمان مبلغن جو بيدردي ۽ سان قتل :

حضور اڪرم ﷺ جن هڪ دين ڪٽي آيا هئا. ان لاءِ لڙائي جهيڙي ۽ خون خرابي جي ڪا ضرورت ڪانه هئي. پر هيسيتائين جيڪي حلات پڙهي آيا آهيون. ان مان سمجهي ويا هوندا ته جاهل ۽ نادان عربن کنهن به طرح مسلمانن کي سک سانت سان رهڻ ئي نٿي ڏنو آخ ۾ ته اڪيلو قريش سان لڙائي هئي. هاڻي آهستي آهستي اها باهه ٻئي پاسي به پکڙندي پئي ويئي ۽ نجد تائين وڃي پهتي. انهن خطرن ۾ وڪوڙجي به جيڪي ڪجهه ٿي سگهيو ٿي مسلمان هن دين جي تبليغ ۽ اشاعت ڪري رهيا هئا ۽ هاڻي يمن جي ڪنارن ۽ بحرين جي علاقن تائين هي تعليم هوريان هوريان قبول ڪئي پئي ويئي. صفر 4 ھ ۾ ڪلاب قبيلي جي رئيس خواهش ڏيکاري ته ڪجهه مسلمان والين (والي جو جمع ، تبليغ دين ڪرڻ وارن صحابين جو خطاب يا عهدو) کي گڏي ڏيوم ته منهنجي قوم ۾ وڃي اسلام پکيڙين ۽ ماڻهن کي مسلمان ڪن. پاڻ سگهون فرمايو ته مونکي نجد جي پاسي کان ڊپ آهي. هن چيو " انهن جوآڻون ضامن آهيان" ان تي اعتبار ڪري پاڻ سترانصاري مبلغ ۽ معلم سائٽس گڏي ڏنائون. بني سليم جي علاقي ۾ معونه نالي هڪ کوهه وٽ پهچي هنن هٿين خالي دستي جنهن جو مقصد امن ۽ سلامتي جي اشاعت کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونه هو،ڏاڍو ڪيو ان پاسي جي رئيس عامر بن طفيل اچي هڪ کانسواءِ باقي سڀني کي گهيرو ڪري قتل ڪري ڇڏيو. اهو هڪ عمرو بن اميه هو جنهن مدينه اچي پهنجن ساٿين جي مظلومي جو قصو سڀني کي ٻڌايو.

انهن ڏيهن ۾ غضل ۽ قارة جا ڪجهه ماڻهو پاڻ سگهون جي خدمت ۾ آيا ته اسانجي قبيلي اسلام قبول ڪري ورتو آهي. اوهان ٿورا مسلمان اسان گڏ ڏيو ته اسان وٽ هلي اسان کي اسلام جو گاڙهيون سيکارين. پاڻ سگهون ڏهه ماڻهو گڏ ماڻيا. جڏهن اهو هٿين خالي قافلو رجيعجي هنڌ تي پهتو ته انهن ظالمن بد عهدي ڪئي. بني لحيان جي به سو تيرهلائيندڙن هنن کي گهيرو ڪري ورتو هي ٿورا آگرين تي ڪٽ جيترا مسلمان هڪ نندي ٽڪري تي چڙهي ويا ۽ بن کانسواءِ سڀئي خدا

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

جي راھ ۾ مارجي ويا. جيڪي به بچي ويا اهي خبيب ۽ زيد هئا جن کي انهن جهلي مکي وڃي قريش وٽ وڪڻي ڇڏيو خبيب احد جي لڙائي ۾ حارث بن عامر کي ماريو هوتنهنڪري حارث جي چوڪرن هن کي خريد ڪري ورتو۽ پنهنجي پيءُ جي پلاند ۾ هن کي سوري تي چاڙهي ماري ڇڏيائون سوري تي چڙهڻ کان اڳ هن پنهنجن قاتلن کان موڪل گهري ته هو به رڪعتون نماز پڙهي وٺي انهن ان جي موڪل ڏني ته هن به رڪعتون ادا ڪيون ۽ ان وقت کان وٺي اها مسلمانن شهيدن جي رسم پئجي ويئي. سوري چڙهڻ وقت به شعر سندس زبان تي هو:

"جڏهن آئون اسلام جي واٽ ۾ ماريو پيو وڃان ته مونکي ان جي ڪا پرواھ ڪانهي ته آئون ڪهڙي پاسي (نموني) ماريو ويندس."

زيد کي هڪ ٻئي قريشي ان لاءِ خريد ڪيو هوته مڪ جي تماشائين جي اڳيان هن جي قتل جو رنگين تماشو ڏيکاريندو جڏهن قاتل تلوار کڻي اڳتي وڌيو ته ابو سفيان پڇيس سچ ٻڌائج جيڪڏهن هن وقت تنهنجي بدران محمد ﷺ قتل ڪيا وجن ها ته چا تون خوش ڪونہ ٿئين ها؟ چيائين خدا جو قسم رسول الله جي پيرن جي ترين کي ڪنڊ کان بچائڻ ۾ منهنجي جان ڪراچي وڃي ها ته منهنجي لاءِ سعادت هجي ها. ان جملي سان گڏ هڪ تلوار واري ۽ هن جو سر ڏڙڪان ڌار ٿي ويو الله اڪبر هن خدا جي بندن تي حق جو نشو ڪيڏونہ چٽهيل هو.

ابن ابي الحقيق جو ڪتب:

يهودين ۾ ابن ابي الحقيق جو ڪتب سڀ کان وڌيڪ دولتمند هو. وڏن وڏن يهودي عالمن کي هن گهرکان ڳهارون ملنديون هيون. اسلام جي دشمني ۾ هن ڪتب جا ڪي ممتاز ماڻهو سپني کان اڳرا هئا. ڪعب بن اشرفهن ڪتب جو ڏوهتو هو. هن جو پيءُ عرب ۽ ماندان جي يهودڙ هئي. تنهنڪري عربن ۽ يهودين ٻنهي ۾ هنجو اثر هو. هن جي وياج واري ڏنڊي جي اها حالت هئي جو هو عربن جا ٻار ٻچا ۽ زالون به قرض ۾ گروي رکندو هو. بدر جو واقعو پيش آيو ته هن کي ڏاڍو ڏک پهتو. شاعر به هو. هن انهيءَ واقعي تي اثر پرياشعر لکيا ۽ پاڻ ۾ مڪ وڃي قريش جي سردارن سان مليو ۽ انهن کي بدر جي پلاند لاءِ اڀاريائين. مدينہ موٽي آيو ته شريف انصاري عورتن جا نالا وٺي پنهنجن شعرن ۾ انهن سان عشق ظاهر ڪيائين ٿي. جهنڪري انصار ۾ ڪاوڙ

پکڙي ۽ نيٺ هڪ انصاري محمد بن سلمہ وڃي هن کي ماري وڌو. اهو ربيع الاول 3ھ جو واقعو آهي. يهود جا پيا ممتاز افراد جيڪي اسلام جا دشمن هئا ابو رافع سلام بن ابي الحقيق ڪنانہ. ابن لاربيع ۽حيي بن اخطب هئا جيڪي بني نضير سان هئا.

بني نضير جي جلاوطني ربيع الاول 4 ھ :

بنو نضير يهودين جو پيو طاقتور قبيلو هو. هاڻي هن قريش سان سازباز شروع ڪئي ۽ انهن کي مدينہ جي ڪمزور حصن جا اطلاع ڏيڻ لڳا. ان جي ڪري ۽ مسلمانن سان ٿاھ جي مطابق تہ جيڪڏهن ڪنهن مسلمان يا بني نضير جي ڪنهن ماڻهو جي هٿان ڪو مارجي وڃي تہ ٻئي تي بہ ان جي خون بها پري ڏيڻ ضروري هو. بني عامر جا بہ ماڻهو هڪ جنگي غلطي جي ڪري هڪ مسلمان جي هٿان اتفاق سان مارجي ويو. جيتوڻيڪ انهن وٽ رسول الله ﷺ جن جو امان نامو موجود هو انهن مقتولن جي خون بها مسلمانن تي واجب ٿي. مسلمانن بني نضير کي بہ ان ۾ شريڪ ٿيڻ جي خواهش ڪئي ۽ ان لاءِ رسول الله ﷺ سندن پاڙي ۾ آيا. ظاهري طرح تہ انهن گهٽي چستي ڏيکاري ۽ شرڪت تي راضپو ڏيکاريو پر لڪ ۾ هنن گهريو ٿي تہ رسول الله ﷺ تي جيڪي هڪ پٿ جي هيٺيان بيٺا هئا مٿان هڪ وڏو پٿر ڪيرائي ماري چڏين. رسول الله ﷺ جن کي ان جي خبر پئجي ويئي ۽ اڪيلا اٿي سڌو مدينہ هليا آيا.

بنو نضير وارن چوائي موڪليو تہ اوهان ٽهہ ماڻهن کي وٺي اچو. اسين پنهنجا عالم وٺي اينداسين. جيڪڏهن هو اوهان جي گالهہ مڃي وٺندا تہ اسان کي ڪو عذر ڪونہ ٿيندو. پاڻ ۾ سگهون جواب ڏنو تہ جيسيتائين اوهين هڪ عهد نامون لکي تہ ڏيو. اسان کي اوهان تي اعتبار ڪونهي. پر هو ان تي راضي نہ ٿيا. يهود جو ٽيون قبيلو جيڪو بنو قريظہ سڏبو هو. پاڻ سگهون انهن کي بہ ٻيهر عهدنامي جو چيو ۽ ان قبول ڪيو. هاڻي بني نضير وارن بہ چوائي موڪليو تہ اسان کي اهو منظور آهي تہ اوهان ٽي ماڻهو وٺي سان وٽ اچو. پاڻ سگهون ﷺ قبول ڪيائون. پر رات تي کين خبر پئجي ويئي تہ يهودي تلوارن ٻڌي تيار بيٺا آهن تہ جڏهن پاڻ سگهوار پهچن تہ کين قتل ڪري چڏين. پاڻ ﷺ وري موٽي هليا

آيا.

بني نضير وڏن وڏن قلعن جا مالڪ هئا. جن تي هن کي گهمنڊ هيوءِ مدينہ جا منافق بہ هن کي هُشي ڏيئرهيا هئا. ۽ چوائي موڪليندا هئا تہ اوهين جهڪجو نہ. بني قريظہ اوهان جو ساٿ ڏيندا ۽ اسين بہ بن هزارن جي جٿي سان تيار آهيون.

مسلمانن کي اهي حالات معلوم ٿيا تہ اهي بہ اگوات تياريون ڪري اگتي وڌيا ۽ بني نضير جي قلعي کي گهيرو ڪري ورتائون ۽ پندرهن ڏينهن تائين گهيرو ڪريو وينا رهيا. نيٺ هن شرط تي راضي ٿيا تہ جيترو بہ مال ملڪيتائن تي کٽي سگهن کٽي وڃن۽ مدينہ کان باهر هليا وڃن. تنهنڪري سڀئي گهر ڇڏي ۽ ڦهنجو مال ملڪيت کٽي لڏي هليا ويا ۽ هن مان سندن معزز رئيس ابو رافع سالم بن ابي الحقيق ڪنانہ بن الربيع ۽ حيي بن اخطب خيبر هليا ويا.

خندق يا احزاب جي لڙائي ذي قعدہ 5 هجري :

بنو نضير مديني مان نڪرڻ کي تہ ڪري ويا پر خيبر پهچي هن ڦهنجين سازشن جو چار سڄي عرب ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏيو. هنجي رئيس مڪ وجي قريش کي اياريو. قبيلي غطفان کي خيبر جي اڌ پيدائش جي لالچ ڏيئي پاڻ سان گڏيو. بني اسد هن جا حليف هئا. اهي بہ اٿيا. غرض تہ سڀ گڏجي 24 هزارن جي وڏي فوج مديني ڏانهن روانہ ٿي.

حضور اڪرم ﷺ جن کي جڏهن اهو حال معلوم ٿيو تہ مسلمانن سان مشورو ڪيائون. مسلمانن کي احد جي جنگ جو تجربو ٿي ويو هو. حضرت سلمان فارسي رضي الله عنہ جيئن تہ ايران جو هو تنهنڪري ايران جي جنگي طريقن کان ڪجهہ واقف هيو. هن رايو ڏنو تہ شهر جا ٿي پاسا تہ گهرن ۽ باغات سان وڪوريل آهن رڳو هڪ پاسو کليل آهي. اتان خندق (کڏ يا کاهي) کوٽي ڇڏجي. تہ جيئن دشمن ان پاسي کان شهر ۾ داخل نہ ٿي سگهن. اهو رايو سڀني قبول ڪيو. حضور پاڪ ﷺ جن ٿي هزار مسلمانن کي گڏوڻي باهر نڪتا ۽ خندق کوٽڻ جي تياري شروع ڪري ڇڏيائون. ٽن هزارن مبارڪ هٿن وهن ڏيهن ۾ هي ڪم پورو ڪيو ۽ اهڙي ريت پورو ڪيو جو خود خدا جا رسول ﷺ بہ هن ۾

هڪ عالم منزور وانگر ڪمر ڪري هيا هئا. ڪئين ڪئين ڏينهن فاقي ۾ لنگهيا ٿي ويا. ان تي به اسلام جي شيدائين جو جوش ٽڏو ڪونه ٿيو. هتن سان مٿي کوٽيائون ٿي ۽ پٽن تي کٽي ٿي اچلايائون ۽ آوازسان آواز ملائي هي ترانو ڳايائون ٿي:

" اسين آهيون جن محمد ﷺ جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي ته جيسيتائين سسيءَ ۾ ساهه آهي اسين خدا جي واٽ ۾ وڙهندا رهنداسون."

دشمن هاٿي ويجهو اچي ويو هو. هن جي ويجهو اچڻ جون گالهيون ٻڌي ٻڌي بزدلن ۽ منافقن جا هوش پئي اڏاڻا ڪوڙا ڀهانا ڪري پهنجن گهرن ڏانهن پئي موٽيا. يهود جو هن جو رويو ستو ڪونه هو تهنڪري به سئو ماڻهن جو دستو هن جي چوڪسي لاءِ ڏار ڪيو ويو هو.

بنو قريظه اچان تائين پڏرا ٿي ساهون ڪونه آيا هئا. بني نضير جو يهودي سردار حيي ابن اخطب جيڪو هاٿي خيبر ڪانپوءِ بنو قريظه جي سردار کي جيڪو مسلمانن سان ناه ٽوڙڻ تي ان ڪري راضي ڪونه پئي ٿيو ته هي باهر جا ماڻهو هليا ويندا. پوءِ مسلمانن کي اڪيلو اسان منهن ڏيڻو پوندو. اهو چئي پاڻ سان ملائي ورتائين ته آڻون هن وقت محمد ﷺ جي خلاف سڄي عرب کي اڀاري آيو آهيان هن جي طاقت کي ختم ڪرڻ جو موقعو وري هن کان ستو هٿ ڪونه ايندو. انهي دليل کان لاچار ٿي هو به دشمن سان ملي ويو ۽ حيي هن کي يقين ڏياريو ته جيڪڏهن قريش ۽ غطفان توکي بي يارو مددگار ڇڏي هليا ويندا ته اسين اوهان جو ساٿ ڏينداسين.

ڪافر ويهن ڏيهن تائين مدينه جي چوڌاري گهيرو ڪريو ويٺا هئا ۽ شهر تي حملي ڪرڻ جي ڪا واٽ نٿي سجهيس. هڪ هنڌ ڪاهي جي ويڪر گهٽ هئي. هڪ ڏيهن هن وڏي تياري ڪري ان پاسي کان حملو ڪرڻ گهريو. عمرو بن وُد جيڪو قريش جو سپني کان وڏو پهلوان هو هو گهوڙو ڪڏائي پئي پاسي اچي ويو. هيڏانهن ذوالفقار وارو هٿ وڏيو ۽ هڪ ئي وار ۾ تلوار ڪلهن تائين لهي ويئي. حضرت علي رضي الله عنه الله اڪبر جو نعرو هنيو ۽ فتح جو اعلان ٿي ويو.

حملي جو هي ڏيهن ڏاڍو سخت لنگهيو. دشمن سپني پاسن کان تير ۽ پٿر پئي وسايا.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

مسلمان عورتون جنهن قلعي ۾ محفوظ هيون اهو بنو قريظه واري وٽ هو. بنو قريظه اهو ڏسي ته مسلمان ته هوڏانهن فاتل آهن. هيڏانهن هن خالي قلعي تي قبضو ڪري وٺجي. هڪ يهودي قلعي جي ڀاڪ وٽ پهچيو هو ته حضرت زبير رضي الله عنه جي ماءُ ۽ حضور جن ڦٻي صفيه رضي الله عنها آڪٿي وڌي هن جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو ۽ هن جو سر وڍي ميدان ۾ اڇلايو. اهو ڏسي بنو قريظه واري سمجهيو ته قلعي ۾ به ڪجهه فوج آهي تنهنڪري اوڏانهن جي همت ڪانه ڪيائون.

گهيرو جيترو ڊگهو ٿيندو پئي ويو دشمن جي گڏيل محاذ ۾ رندڪون پوندیون پئي ويون. غطفان جو قبيلو مديني جي ڪجهه پيدائش سالياني وٽي مونڊ تي راضي هو. هنجو هڪ رئيس جيڪو ڪجهه گوهه ۾ مسلمان ٿي چڪو هو پر هن جي مسلمان هجڻ جي احسان سپني کي خبر ڪانه هئي. قريش ۽ يهود وٽ وڃي ڏاڙ ڏاڙاهڙيو گالهيون ڪيون جنهن سان بهي ۾ قيٽرو پئجي ويو. خدا جي ڪرڻي ٿي جو انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ رات جو اهڙو تکو مٽي جو طوفان آيو جو دشمن جي خيمن جون طنابون (رسا) اکڙجي ويون. ڪاڏي جا ديگڙا چلهين تي اونڌا ٿي پئي ويا سيءَ ۾ هوا جي ان تکي لوهه به ڪافرن جون دليون ڏڪائي وڌيون.

انهن سپني گالهين گڏجي اتحادي فوجن (احزاب) جا پير ڪيڙي ڇڏيا. بني قريظه هن جو ساٿ ڇڏي ڏنجي قلعن ۾ هليا ويا غطفان به روانا ٿي ويا. اهو ڏسي قريش به لاچار گهيرو ڇڏي هليا ويا. ۽ مدينه جو افق ويهه باويهه ڏينهن تائين مٽيءَ سان ڀريل رهي صفا ٿي ويو.

بني قريظه جو خاتمو:

بني قريظه هڪ اهڙي نازڪ موقعي تي مسلمانن سان بد عهدي ڪئي. اها معاف ڪرڻ جهڙي نه هئي. حيي بن اخطب جيڪو عربن ي هن گڏيل فتني جو باني هو. بني قريظه واري سان گڏ انهن جي امان هيٺ هو. تنهنڪري حضور پاڪ ﷺ جن گڏيل فوج جي ڦيٽاڙي سان گڏ ئي بنو قريظه جو رخ ڪيو. هن جا قلعا بيند ٿي ويا. مسلمان هڪ

مهيني تائين هن جو گهيرو ڪيو ويٺا هئا. نيٺ هن اها درخواست ڪئي ته هن جو معاملو سندن حليف قبيلي اوس جي مسلمان سردار سعد بن معاذ جي حوالي ڪيو وڃي، هو جيڪو فيصلو ڪندو اهو اسان کي خوشي سان قبول آهي. سعد بن معاذ خندق جي لڙائي ۾ تير جو زخم کائي پويان پساهه ڪٽي رهيو هو، پوءِ به هو آيو. هن جي قبيلي وارن ماڻهن جي مرضي هئي ته هن جا خطا معاف ڪري ڇڏجي. پر سعد اهو نه ڪيو ۽ هي فيصلو ڪيائين ته هن ۾ جيڪي وڏهڻ جهڙا آهن اهي قتل ڪيا وڃن ۽ عورتون ۽ ٻارقيد ٿين ۽ مال ملڪيت مسلمانن ۾ ورهايو وڃي. ان فيصلي تي عمل ٿيو ۽ يهود جي هن ننڍين قبيلي جو به خاتمو ٿيو ۽ ان جي سرمايه دارن جون زمينون ۽ ملڪيتون غريب ڪمزور مسلمانن ۾ ورهايون ويون.!!!

اسلام قانون جي شڪل ۾ :

اسلام جنهن ڏينهن کان دين بنجي آيو، ان ڏينهن کان اهو سلطنت به هو. دين ۽ دنيا جي ڪاروبار سڀاڻپ هن جي تعليم ناهي.دنيا ئي زندگي ۾ خدا ۽ ان جي مخلوقات جي جيڪي فرض اسان تي آهن، اهي چڱي طرح پورا ڪرڻ ئي دين آهي.تنهنڪري حڪومت ۽ سلطنت اسان جي دين ۾ ڪا ڪاروبار ۽ ڪوشش.مدينه منوره جيڪو اسلام جي مرڪز هو، ان جي سياسي قوت جو مرڪز به بنيو پئي ويو. اسلام جيسيتائين پکڙندو هو، اوستائين ان جي حڪومت جي اراضي به وڌيامن وامان جو دور قائم ٿي ويو ٿي. چوريون بند ٿي ويون ٿي، ڏاڙا ختم ٿي ويا ٿي، بدڪاريون متجي ٿي ويون ۽ عربن جي نظام زندگي جي جاءِ تي اسلام جي ناهيل زندگي شروع ٿي ويئي ٿي.امام ، موذن، محصل ۽ قاضي مقرر ٿيڻ لڳنبدا هئا. ۽ اسلامي قانون جي حڪومت سيني تي هڪ جهڙي جاري ٿي ويندي هئي.

اسلام شروع شروع ۾ رڳو عقيدي جي درستي تي زور ڏنو. جڏهن اهو مقصد ٿورو ٿُريو ته خدا جي عبادت ۽ اطاعت جو سبق پڙهايو ويو. جڏهن طبيعتن ايڏانهن به لاڙو ڪيو ته اسلام جو قانون لهڻ لڳو.

هن ڪان اڳ تائين ته اهو حالو هو جو پيءُ مسلمان ته پٽ ڪافر، ماءُ اسلام آندو

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

آهي ته ڏيءَ ڪافرياڻي آهي. مڙس مسلمان ٿي ويو پر نڑال اڃان تائين ڪفر واري حالت ۾ آهي. بدر ڪانپوءِ مسلمانن واري خانگي زندگي پيدا ٿيڻ لڳي ۽ لڙائين جي ڪري مارجي وڃڻ جو تعداد به وڌيو هوندو. تنهنڪري 3 هجري ۾ وراثت جو قانون لڳو. چوڪريون جيڪي عربن ۾ ترڪو (مري ويل جي ملڪيت جو حصو) وڏڻ جون حقدار ڪونه هيون. اسلام انهن کي به سندن جائز حق ڏنو. هن وقت تائين مشرڪ نڑال سان مسلمان نڪاح ڪري وٺندا هئا. هاڻي اهو وقت آيو جو خانگي زندگي کي سانگار بنائڻ لاءِ انهن سان نڪاح ناجائز ٺهرايو ويو.

4 هجري ۾ بدڪاري جي خاتمي لاءِ ڏوهاري کي پٿرن سان ماري ڇڏڻ جو حڪم جيڪو تورات ۾ هو، جاري ڪيو ويو. کي چون ٿا ته شراب پيئڻ پيارڻ به ان سال بند ٿيو. عرب ۾ گود ورتل پٽن جو رواج عام هو. جن کي متيني چون ٿا ۽ جن سان حقيقي پٽن واري وهنوار رکيو ويندو هو ۽ انهن جون نڑالون حقيقي ڌُهرون سمجهيون ويندڙيون هيون. 5 هجري ۾ اسلام ان وهمي نسب جو خاتمو آندو. جاهليت جي زماني ۾ عورتون هار سينگار ڪري ميلن ملاکڙن ۾ ۽ مردن جي زماني ۾ بنا روڪ ٽوڪ ايندڙيون ويندڙيون هيون. جنهن سان معاشري جي بدنامي هئي. اسلام 5 هجري ۾ انهن گالهين ۾ مناسب سڌارا آندا گهرڪان نڪرو ته هڪ وڏي چادر ويڙهيو. چاتيءَ کي پلئه سان ڍڪيو. گهنگهرو ۽ وڇندڙ زيور پائي ڏماڪي سان نه هلو. مردن سان چلولائي سان نه گالهيو. ڪنوارن لاءِ بدڪاري جي سزا سئو ڪوڙا مقرر ٿي. ڪن قسمن جي طلاقن ۾ سڌارو ڪيو ويو.

اسلام لاءِ به رندڪون:

اڄ کان ٿورا سال اڳ ، اسلام جي راهه ۾ مشڪلن جا پهاڙ آڏا هئا پر هاڻي حضور پاڪ ﷺ جن جي اعجاز ، اخلاق ۽ تدبير سان ۽ مسلمانن جي خلوص، قرباني ۽ ڪوشش سان اهي هڪ هڪ ٿي هٿي ويا ۽ هاڻي اسلام جي ترقي جي راهه ۾ به ٿي رندڪون رهجي ويون. هڪ هڪ جا مشرڪ ۽ يهود خيبر جا يهود. مڪ جي مشرڪن کان حضور ﷺ جن ڳچ اهو گهريو ٿي ته هو اسلام جي تحريڪ کي امن ۽ امان سان اڳتي وڌڻ ڏين. ۽ جيڪي ماڻهو خوشيءَ سان ان حلقي ۾ اچڻ گهرن، انهن کي اهو موقعو ڏنو

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

وڃي. مڪ ۾ غريب ۽ هيٺ مسلمان ٻارن ، عورتن ۽ بيوس مسلمانن کي جيڪو نظر بند ڪيو ويو آهي. انهن کي مدينہ اچڻ ڏنو وڃي ۽ مسلمانن کي مڪ اچڻ وڃڻ ۽ ڪعبي جي طواف ۽ ڄ جي آزادي ملي.

خيبر جي يهودين کان ڪجهہ ايترو ٿي گهريو ويو تہ جيڪڏهن اسلام جي دين ۾ نٽا اچڻ گهرن تہ هوان جي سياسي طاقت آڏو ڪنڊ جهڪائين تہ جيئن ملڪ ۾ هڪ قسم جو نظام قائم ڪري سگهجي.

حديبہ جو صلح ــ ذيقعدہ ــ 6 هجري :

مسلمانن جي وڏي خواهش هئي تہ هو مڪ وڃيخانہ ڪعبہ جي طواف ۽ زيارت سان پهنجون اکيون ٺارين. جهن جي ديدارکان هو سالن جا سال محروم ڪري ڇڏيا ويا هئا. انهم ارادي سان پاڻ سڳورن ﷺ چوڏهن سو مسلمانن کي گڏ وٺي مڪي ڏانهن روانا ٿيا. لڙائي جي نيت قطعي ڪانہ هئي. منع ڪيل هئي تہ تلوارن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ هٿيار پاڻ سان نہ ڪنيو وڃي۽ تلوارون بہ ميان ۾ هجن. قرباني جا ان گڏ هئا ۽ عرب جي ٻچي ٻچي کي خبر هئي تہ جيڪو سفر اهڙي پاڪ مقصد لاءِ ڪيو وڃي ان ۾ وڙهڻ تہ پري رهيو، تلوار کڻڻ بہ جائز ڪونهي.

جڏهن پاڻ سڳوار مڪ جي ويجهو پهتا تہ هڪ خبرو کي حال احوال وٺڻ جي لاءِ مڪي اماڻيائون. ان خبر آندي تہ قريش هڪ وڏو ميڙ وٺي مسلمانن کي روڪڻ جي ارادي سان وڌندا پيا اچن. پاڻ صلعم رستو ڇڏي حديبہ جي هنڌ تي وڃي لٿا ۽ هڪ سفير قريش وٽ پيغام ڏيئي اماڻيائون تہ اسين ڪجهہ عمرہ (هڪ ننڍو ڄ) ادا ڪرڻ آيا آهيون. وڙهڻ جو ارادو ڪونہ اٿئون ۽ ڇڪو ائين آهي تہ قريش ٿوري مدت لاءِ اسان سان صلح جو معاهدہ ڪن ۽ مونکي عرب جي هٿن ۾ ڇڏي ڏين.

سفير قريش جي سردارن جي آڏو وڃي اها تقرير ڪئي. عروہ بن مسعود ثقفي هڪ نيڪ دل سردار قريشن کي چيو تہ چا اوهان کي مون ۾ ڪا بدگماني تہ ڪانهي. هنن چيو تہ نہ. تڏهن هن چيو تہ مونکي موڪل ڏيو تہ محمد ﷺ سان ملي هن معاملي کي طئي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ڪريان. ماڻهن راضپو ڏيڪاريو ته هو حضورﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ قريش جو پيغام پڌرايائين. عروه هئي پهچي مسلمانن جي روحاني انقلاب جو جيڪو نظارو ڏٺو ۽ رسول الله ﷺ سان انهن جي حيرت انگيز عقيدت جو جيڪو منظر ڏٺائين ته ان سندس دل تي ڏاڍو اثر ڪيو. قريش کي وڃي چيائين ته مون قيصر وڪسريٰ ۽ نجاشي جون درٻارون ڏٺيون آهن. عقيدت ۽ محبت جي هيءَ تصوير مونکي ڪٿي به ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. محمد ﷺ ڳالهائي ٿو ته سڀني پاسن سناٽو ڇانڻجيو وڃي. ڪوبه ادب کان اک کٽي هن ڏانهن نٿو نهاري. وضو ڪندي جيڪي قڙا ڪرن ٿا، عقيدتمند اهي کٽي هٿن ۽ منهن تي مکين ٿا..

ان تي به ڳالهه اڏوڻي رهي. پاڻ سڳورن وري هڪ سفير موڪليو. قريش ان تي حملو ڪيو پر هو بچي ويو. هاڻي قريش وڌيڪ لاءِ هڪ دستو اڳتي اماڻيو. مسلمانن ان کي جهلي ورتو پر حضور پاڪ جن ڇڏي ڏنو ۽ معافي ڏيئي ڇڏي ۽ حضرت عثمان کيسفير بنائي مڪه اماڻيو. هو پهنجي هڪ عزيز جي حمايت ۾ مڪه ويو ۽ حضورﷺ جن جو پيغام پڌرايائين.قريش هن کي قيد ڪري ورتو۽ مسلمانن تائين اها خبر پهتي ته حضرت عثمان کي شهيد ڪري ڇڏيو ويو. مسلمانن ۾ ڏاڍو جوش پيدا ٿيو. پاڻ سڳورن فرمايو ته عثمان جي خون جو پلاند وٺڻ فرض آهي. اهو چئي پير جي هڪ وڻ هيٺان ويهي رهيا ۽ صحابين کان جان نثاري جي بيعت ورتائون. ان جو نالو "بيعت رضوان" آهي يعني خدا جي خوشنودي جي بيعت چو ته ان جي باري ۾ خدا قرآن ۾ پهنجي خوشنودي ظاهر فرمائي.

پوءِ خبر پيئي ته حضرت عثمان جي شهادت واري خبر صحيح ڪانه هئي. پر مسلمانن جي ان جوش وخروش ۽ سچائي جو اثر اهو ٿيو جو قريش همت هاري ويٺا. هنن به پهنجو هڪ سفير حضور اڪرم ﷺ جن وٽ موڪليو ۽ پهريون شرط هي پيش ڪيائون ته مسلمان هن سال واپس هليا وڃن ايندڙ سال اچن ۽ ٽي ڏينهن رهي موڪي وڃن. ٿوري ڦيرڦار کانپوءِ ڏهن سالن لاءِ لڙائي بند ٿي ۽ هي شرط منظور ٿيا ته:

(1) مسلمان هن سال واپس وڃن ۽ ايندڙ سال ٽن ڏينهن لاءِ اچن. (2) تلوار

کان سواءِ پيوکوبہ هٿيارگڏ نہ هجين. ۽ تلوارون بہ ميان ۾ هجن. (3) ويندي وقت مکہ ۾ جيکيمسلمان رهجي وڃن انهن کي پاڻ سان گڏ نہ وٺي وڃن. (4) قريش مان کوبہ مسلمان ٿي مدينہ هليو وڃي تہ واپس کيو وڃي ۽ جيکڏهن کوبہ مسلمان مدينہ ڇڏي مکہ هليواڃي تہ اهو واپس نہ کيو وڃي عرب قبيلن مان جيکو جهڙ ڏرسان وڙيس معاهدي ۾ شريک ٿئي.

هن معاهدي کان پوءِ مسلمان مدينہ واپس هليا آيا.

اسلام جي فتح :

معاهدي جا اهي شرط جيتوڻيڪ ظاهري طرح ڏکيا هئا ۽ انهي کري کن جوشيلن مسلمانن کي انهن جي محڻ ۾ هچکچاهٽ ٿي رهي هئي. پر جڏهن خود خدا جي رسول ﷺ ان کي مڃي ورتو هو تہ پوءِ کنهن کي انکار جي جرئت ٿي سگهي ٿي؟ ٿورن ڏينهن کانپوءِ خبر پئجي ويئي تہ اهي شرط اسلام جي حق ۾ حد کان وڌيڪ فائدمند هئا.

هن وقت تائين مسلمان جهڙ اصول جي خاطر قريش سان معاملو کري رهيا هئا اهو هي هو تہ اسلام کي پهنجي اشاعت جي آزادي جو حق ملي ۽ قريش ان وات جو کنڊو نہ بنجن. قريش کي اهو محڻ ۾ هيستائين انکار هو. حديبہ جي ٽاهہ اهو اصول مڃرائي ورتو ۽ اسلام کي پهنجي اشاعت جي آزادي جو حق مليو ويو اها ئي ان جي فتح هئي. خود خدا قرآن ۾ آيت لاٿي:

انا فتحنا لک فتحا مبينا

ترجمو: اسان توکي ڏڙي فتح عنايت کئي.

دنيا جي بادشاهن کي اسلام جي دعوت ـ 6 هجري :

اسلام کي پهنجي زندگي جي اٺوهين سال هي موقعو مليو تہ هو دنيا کي اطمينان سان پهنجو پيغام ڏڻائي سگهي. ان زماني ۾ ماڻهو پهنجن پهڃن ريئسن ۽ بادشاهن جي تابع هوندا هئا. جيکي اهي کندا هئا اهو سڀ کندا هئا. ٿهنکري پاڻ سگهرن

ﷺ هڪ ڏيهن مسلمانن کي مسجد ۾ گڏ ڪري فرمايو. ماڻهو خدا مونکي سڄي دنيا جي رحمت بنائي اماڻيو آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ان رحمت کي دنيا وارن ۾ ورهايو. اُٿو ۽ حق جو پيغام سڄي دنيا کي ٻڌايو.

ان کانپوءِ پاڻ پنهنجن ساٿين مان ڪجهه هوشيار مسلمان چونڊيائون ۽ انهن کي اسلام جي دعوت واري خط ڏيئي پرپاسي جي رئيسن ۽ بادشاهن وٽ اماڻيائون. عرب جي رئيسن کي ڇڏي عرب سان پرپاسي واريون بادشاهتون هي هيون: حبش، ايران ، روم ۽ مصر.

حبش جي بادشاهه اسلام قبول ڪيو. ايران جي بادشاهه ان خط کي ڪاوڙ ۾ ڦاڙي ڦٽو ڪيو. پاڻ سگهون ﷺ فرمايو الله ائين ئي هن جي ملڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندو. اها پيشگوئي اکر بہ اکر پوري ٿي. مصر جي بادشاهه جيتوڻيڪ اسلام قبول نہ ڪيو پر حضور ﷺ جن جي خط جو جواب شائستگي سان ڏنائين. روم جو قيصر ان وقت سڄي مشرقي عيسائي دنيا جو تاجدار هو. هن خط ملڻ تي حڪم ڏنو ته حجاز جا سوداگر جيڪڏهن ڪٿي لڀن ته انهن کي گهرايو. ڪهڙي نہ عجيب گالهه آهي ته ان ڪم لاءِ اهو ماڻهو هٿ آيو ته جيڪو ان وقت اسلام جو سڀ کان وڏو دشمن هو يعني ابو سفيان پنهنجن ٻورن ساٿين سميت قيصر جي دربار ۾ حاضر ڪيو ويو. قيصر هن کي چيو ته آئون اوهان کان ڪجهه پڇڻ گهران ٿو. اوهان مان هڪ ماڻهو جواب ڏئي ۽ ٻيا ٻڌن جيڪڏهن هي ڪجهه غلط چوي ته اوهين ٻڌائجو. اهو چئي هن پڇيو ۽ ابو سفيان جواب ڏنا.

قيصر: هي جيڪو پيغمبر هجڻ جي دعويٰ ٿو ڪري ان جو ڪٽنب ڪيئن آهي؟

ابو سفيان: شريف.

قيصر: هن جي ڪٽنب مان ڪنهن ٻئي ڪڏهن پيغمبر هجڻ جي دعويٰ ڪئي هئي؟

ابو سفيان: نہ

قيصر: جن هن جي مذهب کي قبول ڪيو آهي. اهي هيٺا ماڻهو آهن يا وڏا وڏا رئيس آهن؟

ابو سفيان: هيٺا

قيصر: هن کي ڇڙ وارا وڏن پيا يا گهٽجن پيا؟

ابو سفيان: وڏندا وڃن.

قيصر: ڪڏهن اوهان کي هن جي ڪوڙڪالهائڻ جو به ڪو تجربو آهي؟

ابو سفيان: نه

قيصر: چا هو ڪڏهن انجاڻ اقرار ڪري ڦريو آهي؟

ابو سفيان: اجا تائين ته ائين ڪونه ڪيو اٿس. هاڻي جيڪو ٿاهه هن سان ٿيو آهي. ڏسون ته هو اهو پورو ڪري ٿو يا نه!

قيصر: چا اوهين ڪڏهن هن سان وڙهيا به آهيو؟

ابو سفيان: ها

قيصر: لڙائي جو نتيجو چا نڪتو؟

ابو سفيان: ڪڏهن اسان کٽيو ڪڏهن هن.

قيصر: هو چا ٿو چوي؟

ابو سفيان: هي چوي ٿو ته هڪ خدا کي ڇوڙ ان کي پوڄيو. ان کان دعائون گهرو. نماز پڙهو. پاڪباز بنجو. سچ ڳالهايو. مٽي مائٽي جو حق ادا ڪريو.

قيصر: ابو سفيان جا اهي سڀ جواب ڏڻ ڄڻي ڏنو ته جيڪڏهن تو سچ ئي چيو آهي ته هڪ ڏينهن اهو ايندو جو هو منهنجي پيرن جي هيٺان واري مٽي تي به قبضو ڪري وٺندو. جيڪڏهن ٿي سگهي ها ته آئون وڃان ها ۽ هن جا پير ڌوئاريان ها.

هڪ دشمن کان ايتري سچي شاهدي جو مثال ڪهن ٻئي هنڌ ملي سگهندو.

عرب جي ڪيترن ئي رئيسن اسلام قبول ڪيو. بحرين ۾ اسلام جو پيغام هن کان اڳ پهچي ويو ۽ عبدالقيس جو قبيلو هتي مسلمان ٿي چڪو هو. حبش وڃڻ وارن مسلمانن جي ذريعي هن ملڪ ۾ به هي مذهب پکڙي رهيو هو. بلڪيمن جي ڪنارن تائين ان جو آواز پهچي ويو هو. اوس جو قبيلو گهٽگ اڳ مسلمان ٿي ويو هو. اشعر جو قبيلو به اسلام جو نالو وٺڻ لڳو هو. عمرو بن عنبسه، جيڪو سيلم جي قبيلي جو هو، جيتوڻيڪ جي وقت ۾ ئي مسلمان ٿي ويو هو، هاڻي جڏهن انهن کي ماڻهن جي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وت محفوظ

www.sindhsalamat.com

واتان مدينہ ۾ اسلام جي ترقي جي خبر پيئي تہ مدينہ اچي پهنجي اسلام جو اعلان ڪيائون. هن جي مسلمان ٿيڻ جو قصو ڏاڍو وڻندڙ آهي. هن کي ڪهن نموني خبر پيئي تہ مڪہ ۾ ڪو پيغمبر پيدا ٿيو آهي، هو ان جا مشتاق بنجي مڪہ پهتا. هتي ان وقت ڪافرن جو ڏاڍو زور هو. پر هو ڪهن نموني لکي پاڻ سگورن جي خدمت ۾ پهچي ويا ۽ پڇيائون تہ اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون، آئون پيغمبر آهيان، چيائون پيغمبر ڪهن کي ٿا چون؟ ارشاد ٿيو تہ مونکي خدا پيغام ڏيئي اماڻيو آهي. پڇيائون تہ ڪهڙو پيغام ڏيئي اماڻيو آهي؟ فرمايائون، "هي پيغام تہ قرابت جو حق ادا ڪيو وڃي. بت پڳا وڃن، هڪ خدا کي ماڻيو وڃي ۽ ڪنہ کي بہ خدا جو شريڪ نہ سمجهيو وڃي. عمرو پڇيو هن وقت تائين اوهان جا ماڻيندڙ ڪيترا ٿيا آهن. فرمايائون هڪ آزاد (ابوبڪر) ۽ هڪ غلام (بلال) عمرو چيو، آئون اوهان جي مذهب ۾ اچڻ گهران ٿو. فرمايائون هن وقت تہ ائين نٿوٿي سگهي، تون ڏسين پيو تہ ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي هينئر پهنجي گهر موٿي وڃ، جڏهن منهنجي ڪاميابي جو احوال ٻڌين تہ اچج. هن مرد خدا کي هاڻي جڏهن ڪاميابي جو احوال معلوم ٿيو تہ دوڙي آيو.

غفار جو ڏاڏو قبيلو، حضرت ابوذر غفاري جي تبليغ سان آگيئي مسلمان ٿي ويو هو ۽ اڌ هن وقت مسلمان ٿيو جڏهن پاڻ ﷺ مدينہ آيا. جهنيہ جي قبيلي يڪو گڏ هڪ هزار جي ميڙ سان اسلام قبول ڪيو. اهڙي طرح اسلم، مزلينہ ۽ اشجع جي قبيلن هن سڃائي جي آوازتي لبيڪ چيو.

حديبہ جو ناهہ اسلام جي فتح جو نغارو هو. مقصد تہ اهو هو تہ لڙائي جهيڙو ٿري، دشمني ۽ عداوت وارو جذبو ٽڏو ٿئي ۽ مخالفت جو رنگ اڏامي وڃي. ۽ ماڻهن کي اسلام جو روحاني انقلاب ڏسڻ ۽ اسلام جي تعليم سمجهڻ جو موقعو ملي. حديبہ جي ناهہ اهو موقعو ڏنو. ڪافرن کي مسلمانن سان ميل ملاپ ڪرڻ ۽ هن جي ڳالهين ٻڌڻ، ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ جو موقعو مليو. نتيجو اهو نڪتو تہ بن سالن جي اندر ۾ مسلمانن جو تعداد ٻيڻو ٿي ويو. خود مڪہ جي هر گهر ۾ اسلام پهچي ويو هو.

قريش جا بہ وڏا جرنيل خالد ۽ عمرو بن العاص هئا. ڏسي آيا آهيو تہ احد جي

ميدان ۾ ڪو خالد جي جنگي مهارت مسلمانن جي ڪتيل لڙائي هارائي ڇڏي. حديبہ جو ناهہ ٿي ويو تہ هو مڪ مان نڪري مدينہ ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي عمرو بن العاص گڏيس. پڇيائين ڪٿي جو ارادو آهي؟ چيائين مسلمان ٿيڻ پيو وڃان. عمرو چيو منهنجو بہ اهوئي ارادو آهي. ٻئي گڏجي مدينہ پهتا ۽ اسلام جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا. آڳتي هلي هنن مان هڪ اهو ٿيو جنهن (خالد) شاهہ جي ملڪ قيصر ڪان ڪسي ورتو ۽ ٻئي (عمرو) مصر جي سلطنت رومين کان وٺي اسلام جي پيرن ۾ اڇي وڌي.

هڪ روايت ۾ آهي تہ عمرو بن العاص جي دل تي اسلام جو اثر هيئن ٿيو تہ جن ڏينهن اسلام جو قاصد اسلام جو پيغام ڪٽي حبش جي بادشاهہ نجاشي جي دربار ۾ پهتو تہ عمرو اتي هو. اتي هن ڏٺو تہ حبش جو بادشاهہ هن سلطنت هوندي بہ ان جو ڪلمو پڙهڻ لڳو تہ هن تي وڏو اثر ٿيو. نيٺ ان اثر کي لڪائي نہ سگهيو. ۽ مڪ واپس اچي مسلمان ٿي ويو.

قيصر جي دربار ۾ ابو سفيان اسلام جي سچائيجو جيڪو نظارو ڏٺو. اهو بہ بي اثر ڪونہ رهيو پر ويري بہ اڃان وقت جو انتظار هو.

يهود جو آخري قلعو خيبر - ڇاڙي 6 هجري يا شروع 7 هجري :

هاڻي يهود جي آبادي حجاز جي سڀني ڪنڊن کان سوڙهي تي حجاز جي آخري ڪنارې تي ملڪ شاهہ جي ويجهو خيبر ۾ گڏ ٿي ويئي هئي. هتي هنن جون وڏيون وڏيون ڪوٺيون ۽ قلعا هئا ۽ هاڻي يهود هتي اسلام جي مقابلي ۾ آخري سهارو ونڊ لاءِ زور لڳائي رهيا هئا. هنن جو هڪ سردار ابو رافع سلام بن ابي الحقيق جيڪو حجاز جو واپاري سڏبو هو. 6 هجري ۾ غطفان وغيرہ قبيلن کي وٺي مدينہ تي هلان ڪرڻ جو ارادو ڪري رهيو هو تہ هڪ انصاري جي هٿان پهنجي قلعي ۾ ستل مارجي ويو.

سلام جي جاءِ هاڻي اسير بن رزاهہ ورتي. هن بہ انهن ئي قبيلن جو دورو ڪري هڪ وڏي فوج تيار ڪئي. مدينہ ۾ خبر پهتي تہ پاڻ سگورن تحقيق جي لاءِ ماڻهو اماڻيا. انهن اچي تصديق ڪئي. پاڻ صلعم صلح لاءِ ڪجهہ ماڻهو موڪلياڻون ۽ اسير کي مدينہ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

گهرايائون ته صلح پکو ٿي وڃي. هو ٿيڻ ماڻهو ڪري ساڻ هليو ويا ۽ تي هن جي دل ۾ لائي ڪهڙي ڳالهه آئي جو مسلمان دستي جي آفيسر جي هٿ مان تلوار کسڻ گهرائين. ان تي بهي پاسن تلوارون اپيون ٿي ويون ۽ اسيران ۾ پورو ٿي ويو.

هاڻي خيبر وارن غطفان وارن کي باغن جي اڌ پيدائش ڏيڻ جي لالچ ڏيئي پاڻ سان گڏي ورتو. غطفان جي هڪ قبيلي بنو فزاره اها همت ڪئي جو محرم 7 هجري ۾ مدينہ جي چراگاهه تي حملو ڪيائين ۽ هڪ مسلمان کي قتل ڪيائين. هاڻي مسلمانن جي صبر جو پيالو ڀرجي ويو. خيبر تي حملي جو اعلان ٿيو . سورهن سئو مجاهد پاڻ سگهرن سان گڏ مدينہ مان روانا ٿيا. فوج سان گڏ ڪجهه مسلمان عورتون به آيون هيون ته جيئن اجايلن کي پاڻي پياري سگهن. زخمين جي ملهم پٽي ڪري سگهن. لڙائي جي ميدان مان تيرڪٽي آڻي ڏين. هي پهريونپيرو هو جو اسلام جي فوج جو جهنڊو جهولايو. ٿي علم (جهنڊا) تيار ٿيا. هڪ حباب بن منذر کي پيو سعد بن عباده کي ۽ ٽيون علم جهن جو ڦڙڪو (ڪپڙو) حضرت عائشہ جي چُني مان ٺاهيو ويو هو. شير اسلام حضرت علي المرتضيٰ جي حوالي ٿيو. وات تي هن مقدس فوج جو ترانو هي هو:

" خداوند! جيڪڏهن تون نہ هجين ها ته اسان کي هي هدايت نہ ملي ها. اسان جون جانيون قربان. اسان کي معاف ڪري ڇڏ ۽ اسان تي تسلي لاهه ۽ اسان جا پير پختا ڪر. ظالمن اسان ڏانهن هٿ وڌايو آهي ۽ فتنو اپو ڪرڻ گهرن ٿا ته اسين هنن کان هيسجڻ وارا نہ آهيون. اسين تهنجي مهرباني کان بي نيازنٿا ٿي سگهون."

ايمان جو هي جوش سان پريل دريا. ائين چوليون هٽندو پئي ويو جو رات جو اونداهي ۾ خيبر جي قلعي سان وڃي لڳو. موقعو هو ته رات جي اوندهه ۾ هنن تي حملو ڪري ڏجي ها پر پاڻ سگهرن ائين نہ ڪيو ۽ حڪم ڏنائون ته صبح جو انتظار ڪيو وڃي. صبح ٿيو ۽ يهودين معمول مطابق قلعن جا ڦاٽڪ کوليا ته سامهون فوج پيل ڏنائونم. ڏڪري وين ته محمد ﷺ جي فوج! پاڻ ﷺ اچا تائين وڙهڻ نٿي گهرائون. تهنڪري هاڻي به حملي جو حڪم ڪونہ ڏنائون پر يهودين صلح جي بدران لڙائي جو ارادو ڪيو. اهو ڏسي پاڻ سگهرن مسلمانن کي آڳ ۾ نصيحتون ڪيائون پوءِ جهاد جو حڪم

پڌايائون.

مسلمانن پهرين ناعمر نالي قلعي تي هلان ڪئي. محمود بن مسلمہ هڪ بهادر مسلمان هن دستي جو آفيسر هو. هو تماڻ سڀني ٻنهي وڙهيو پر گهمي جا ڏيڻ هئا ٿوري ساهي ڪٽ لاءِ قلعي جي پٽ جي چانءَ ۾ ويهي رهيو. يهودي سردار ڪنانہ لڪي لڪي پٽ تي چڙهي ويو ۽ اتان جنڊ جو پڙهن جي مٿان اڇلايائين جنهن جي ڏڪ سان هو مري ويو پر هن قلعي جا دروازا کولي ورتا. قموص جي قلعي تي مرحب نالي هڪ مشهور يهودي پهلوان مقرر هو. هن جي مقابلي لاءِ ڪيترن ئي تائين وڏا وڏا صحابي فوجون وٺي وڃا. پر فتح جو فخر ڪنهن ٻئي جي قسمت ۾ هو. جڏهن مهم ڊگهي ٿي ويئي تہ هڪ ڏيڻ شاڻ جو پاڻ سڳورن ارشاد فرمايو تہ " سپاٽي آڻون جهنڊو ان شخص کي ڏيندس جنهن جي هٿان خدا فتح ڏيندو ۽ جيڪو خدا ۽ خدا جي رسول کي پائي ٿو ۽ خدا ۽ خدا جو رسول هن کي پائين ٿا." هي رات اميد ۽ انتظار جي رات هئي وڏن وڏن صحابين سڄي رات ان اوسيئڙي ۾ گذاري تہ ڏسون تہ فخر جي هي دولت ڪنهن کي ٿي هٿ اچي.

صبح ٿيو تہ اوچتو ڪنن تي هي آواز پهتو " علي ڪٿي آهي؟" هن جون اکيون اڻل هيون. هن کي گهرايو ويو. پاڻ سڳورن هن جي اکين تي پهنجي وات جي پڪ لڳائي ۽ دعا فرمائي ۽ خيبر جو فتح جو جهنڊو عنايت ٿيو. عرض ڪيائين تہ چا يهود کي وڙهي مسلمان بنيايان . فرمايائون " هن جي آڳيان نرمي سان اسلام پيش ڪر جيڪڏهن هڪ ماڻهو بہ تنهنجي هدايت سان مسلمان ٿي وڃي ٿو تہ اهو گاڏهن اڻن جي دولت کان سٺو آهي." مرحب قلعي مان پهنجي پهلواني جو هي ترانو گائيندو باهر نڪتو:

" خيبر کي خبر آهي تہ آڻون مرحب آهيان. لوهہ ۾ پُڌل تجربيڪار ۽ پهلوان آهيان."

مرحب جي جواب ۾ شيرخدا هي رجز پڙهيو:

" آڻون اهو آهيان جو مهنجي ماءُ مهنجو نالو شينهن رکيو هو. جهنگل جي شينهن وانگر ڊيڄاريندڙ ۽ پوائتو آهيان."

شير خدا ايڏي زور سان تلوار هنئي جو مٿي کي وڍيندي ڏندن تائين لهي آئي. مرحب مارجي ويو ۽ قلعي جو قائڪ مسلمانن جي هٿ ۾ هو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

لڙائي ۾ پنڌرهن مسلمان ڪم آيا. يهودين ناهه ڪيو ۽ ناهه جو هي شرط وڌائون. زمين اسان جي قبضي ۾ ڇڏي وڃي. پيدائش جو اڌ پاڻ اسين مسلمانن کي ڏينداسين. يهودين جي اها درخواست منظور ٿي. هي جڙ زميندارين جو پهريون سبق هو جيڪو يهودين مسلمانن کي سيکاريو ۽ حضور پاڪ ﷺ جن هن تي ترس آڻي ان کي قبول ڪري ورتو. خيبر جي اڌ زمين جي ملڪيت مجاهدن ۾ ورهائي ويئي ۽ اڌ بيت المال جي ملڪيت ۾ آئي. انهيءَ مان حضور اڪرم ﷺ جي لاءِ به پنجون حصو (خمس) مقرر ٿيو. جنهن جي اپت پاڻ سڳورن جي خانگي ضرورتن ۽ اسلام جي بين ڪمن ڪارين ۾ ڪم ايندي هئي.

سال ۾ جڏهن بٽائي جو وقت ايندو هو ته حضور ﷺ جن عبدالله بن رواحه صحابي کي خيبر امٽيندا هئا هو وڃي سموري پيدائش جي ڏڳ کي ٻن هڪ جيترن حصن ۾ ورهائيندو هو ۽ يهود کي چوندو هو ته انهن مان جيڪو وڏيو اوهين کڻو. يهود جي اکين لاءِ هن عدل ۽ انصاف جو نظارو بلڪل نئون هو. هو چئي ڏيندا هئا ته " زمين ۽ آسمان هن ئي عدل سان قائم آهن."

فتح ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ٿورا ڏينهن خيبر ۾ رهيا. جيتوڻيڪ يهود کي سڀ رعايتون ڏنيون ويون هيون ۽ هنن کي هر طرح جو امن ۽ امان بخشيو ويو هو پر پوءِ به هنن جي فطري بدنيتي هنن جو ساٿ نه ڇڏيو. هڪيهودي عورت پاڻ سڳورن ۽ سندن ڪجهه صحابين جي دعوت ڪئي ۽ ڪاڌي ۾ زهر ملائي ڇڏيو. پاڻ سڳورن گرهه وات ۾ وجهي ڪائڻ کان هٿ جهلي ورتو ۽ فرمايو ته ڪاڌي ۾ زهر ملايو ويو آهي. پر هڪ صحابي ان کي چگي طرح ڪاڌو. پاڻ ﷺ ان يهودڻ کي سڏائي پڇيائون ته هن ڏوهه قبول ڪيو. تنهن تي به پاڻ سڳورن هن کي ڇڏي ڏنو پر جڏهن ان صحابي انهي زهر جي ڪري وفات ڪئي ته هوءَ ان جي قصاص ۾ ماري ويئي.

خيبر وٽ ئي هڪ ديرو هو جنهن کي "وادي القريٰ" چوندا هئا. ان ۾ "تيماء" ۽ "فدڪ" وغيره يهودين جا ڪجهه گوٺ هئا. مسلمان اوڏانهن به وڌيا. اتان جي يهود خيبر واري شرطن تي صلح ڪري ورتو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

هن واقعي تي يهود جي لڙائي جو خاتمو ٿي ويو.

مدت جي آس ـ عمرہ ذيقعدہ 7 هجري :

عمرہ هڪ قسم جو نندوڙ آهي جنهن ۾ احراماً سان ڪعبي جي چوڌاري ڦيرا ڏيئي ۽ "صفا" ۽ " مروہ" جي ٽڪرين جي وچ ۾ ٽکوهلي ڪجهہ داعائون پڙهيون وڃن ٿيون. ياد رهي تہ گذريل سال حديبہ ۾ فيصلو ٿيو هو تہ ايندڙ سال مسلمان مڪ اچي عمرہ پل ادا ڪن. ان شرط موجب حضور پاڪ ﷺ عمرہ جي اعلان ڪيو ۽ مسلمانن جو هڪ وڏ حصو جوش سان روانو ٿيو. شرط هو تہ مسلمان هٿيار لاهي مڪ ۾ گهڙندا. جيتوڻيڪ هي شرط پورو ڪرڻ خطري کان خالي ڪونہ هو پر مسلمانن خانہ ڪعبہ جي زيارت جي شوق ۽ ناه جي احتراماً ۾ اهو شرط پورو ڪيو. مڪ کان ان ميل پري ئي سمورا هٿيار لاهي رکيا ويا ۽ يہ سو سوارن جو هڪ دستو انهن جي حفاظت تي مقرر ٿيو. باقي مسلمانن مڪ ۾ گهڙي جوش و خروش سان جهولندي جهمندي عمري جا ارڪان پورا ڪيا.

ٽن ڏينهن کانپوءِ شرط موجب پاڻ سگورا مڪ مان نڪتا.

مڪ مان نڪرندي محل هڪ عجيب اثر وارو نظارو ڏسڻ ۾ آيو. حضرت حمزہ جي يتيم نياڻي حضور ﷺ کي چاچا چاچا سڏيندي آئي. حضرت علي هن کي چو تہ سندس پائيتي هئي. هنج ۾ ڪنيو. حضرت علي جي پاڻ حضرت جعفر ۽ حضرت زيد بن حارث پهنجيون پهنجيون دعاوائون ڪون. حضرت جعفر چيو ٿي تہ هيءَ منهنجي چاچي جي ڌيءَ آهي. زيد چيو ٿي تہ حمزہ منهنجو مذهبي پاڻ هو. چاهي نانڻ ۽ محبت جي لڙائي ان لاءِ ڪانہ هئي جن کي اسلام کان آڳ جيئرو زمين ۾ پوري ڇڏيو ويندو هو. اسلام خيالن ۾ ڪهڙو نہ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو هو.

هڪ نئون دشمن ـ موتہ جي لڙائي جمادي الاول 8 هجري :

هن وقت تائين اسلام کي ملڪ عرب جي اندر وارن يهود ۽ مشرڪن جي قبيلن کي منهن ڏيڻو هو. هاڻي آڳيان عيسائي رومين جي طاقت واري سلطنت جي ديوار آڏي هئي. عيسائي رومين جي هٿ هيٺ هڪ عرب ڪٽنب بصريٰ تي حڪومت ڪندو هو. هن

ڪتب جي رئيس ان مسلمان مبلغ کي جيڪو وٽس اسلام جي دعوت جو خط ڪٽي ويو هو. قتل ڪري ڇڏيو هو. حضور پاڪ ﷺ ان شهيد جو پلاند وٺڻ لاءِ ٽي هزار فوج مدينہ مان روانہ ڪئي. حضرت جعفر، حضرت عبدالله بن رواح ۽ زيد بن حارث ان ۾ خاص طور تي اماڻيا ويا هئا. فوج جي سرداري زيد بن حارث کي ڏني وئي. ان سان گڏ فرمائي ڇڏيائون تہ هي شهيد ٿئي تہ جعفر ۽ هوبہ شهيد ٿي وڃي تہ عبدالله بن رواحہ فوج جو افسر ٿئي.

حوارن جي بادشاهہ کي خبر پئجي ويئي هئي. هن اٽڪل هل لک فوج تيار ڪئي. خود قيصر روم بہ شمار فوجن سان اچي " موآب" تي خيما کوڙيا. پاڻ سگهرن صحابہ کي تاڪيد ڪيو هو تہ لڙائي کان اڳ ۾ دشمن کي ٽاهہ جو موقعو ڏجو ۽ اسلام جو پيغام پهچائجو. اسلام جي فوج جڏهن ويجهو پهتي تہ ڏٺائون تہ ٽي هزار مسلمانن کي لکن جي لشکر سان منهن ڏيڻو آهي. پر مسلمان تہ خدا جي واٽ ۾ پهنجا سر تريءَ تي رکي پئي هليا. هو شهادت جي شوق ۾ دنا ڪونہ. عبدالله بن رواحہ چيو تہ اسين تعداد جي ٿورائي گهٽائي ۽ طاقت جي پروسي تي ڪونہ وڙهندا آهيون. اسين تہ مذهب جي طاقت سان وڙهون ٿا. ان تي ٽن هزارن جي نندي گروهہ هڪ لک فوج تي حملو ڪري ڏنو.

حضرت زيد بڙچيون کائي شهيد ٿيو هن جي جاءِ تي حضرت جعفر اڳتي وڌي اسلام جو جهنڊو پهنجي هٿ ۾ کنيو ۽ اهڙي ريت بهادري سان وڙهيو جو هڪ هٿ وڍجي ويو تہ ٻئي هٿ ۾ جهنڊو جهليائين ۽ ٻيو هٿ بہ وڍجي ويو تہ ڇاتي سان لڳائي ڇڏيائين. نيٺ تلوارن ۽ برڇين جا نوي زخم کائڻ کانپوءِ ڪريو ۽ شهادت ماڻيائين. ان کانپوءِ عبدالله بن رواحہ جهنڊو هٿ ۾ کنيو ۽ هوبہ شهيد ٿيو. هاڻي حضرت خالد پاڻ اڳتي وڌيو ۽ مسلمانن جي ڪمان پهنجي هٿ ۾ ورتائين ۽ اهڙي بهادري سان وڙهيو جو دشمن کي جيتوڻيڪ جهڪائي نہ سگهيو پر مسلمانن کي هن جي حملي جي وجهہ کان ڪڍي آيو.

ڪعبہ جي جيت تي اسلام جو جهنڊو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

مڪ جي فتح رمضان 8 هجري :

دين حنيف جوسڀ کان پهريون فرض هي هو ته هو حضرت ابراهيم عليه السلام جي ٺاهيل دنيا جي سڀ کان پهرين عبادتگاهه ڪعبہ کي جيڪو اسلام جوقبلو ۽ دين جو مرڪز هو. بت جي گندگي کان پاڪ ڪري. هيستائين جيڪي ڪجهہ ٿيو ظاهري طرح اهو هن فرض کان ڌارهو پر حقيقت هي آهي ته جيڪي ڪجهہ ٿيندو رهيو ۽ جنهن جي ڪري هي رت جون نديون وهنديون رهيون. اهو سڀ ان جو منڊ هو. جو ته مڪ تي قبضي ڪرڻ ۽ ڪافرن جي اگهاڙين تلوارن کي پڇڻ کانسواءِ انهن بت کي پڄي حرم جي اڳڻ کان باهر نٿي پئي اچلائي سگهيو. هاڻي جڏهن ڪوڙن معبودن جي حفاظت لاءِ جن ۾ تلوارن جي خبر هئي. اهي پڄي چڪيون ته هاڻي وقت اچي ويو هو ته ڪعبہ کي انهن گندگين کان پاڪ ڪرڻ ۾ دير نہ ڪئي وڃي.

حديبہ جي ناهہ جي ڪري مسلمانن پاڻ مرادو هاڻي مڪ تي حملو نٿي ڪري سگهيا پر خدا جي قدرت ڏسو ته ان جو موقعو خود مڪ وارن پيدا ڪري ڏنو. حديبہ واري ناهہ موجب ڪجهہ قبيلن مڪ وارن جو ساٿ ڏنو ۽ ڪجهہ مسلمانن سان گڏ هئا. انهن مان خزاعہ جو قبيلو مسلمانن سان گڏ ۽ ان جا دشمن بنو بڪر واڙا قريش سان مليل هئا. ناهہ موجب قريش جي ساٿين مان ڪنهن جو مسلمانن جي ڪنهن ساٿي قبيلي تي حملي ڪرڻ ، ناهہ کي لوڙڻ هو.

خزاعہ ۽ بنوبڪر جي وچ ۾ زماني کان لڙائيون هلنديون پئي آيون. جيسيتائين اسلام سان مقابلو هو سڀ گڏيل هئا. هاڻي جڏهن حديبہ جي ناهہ مطمئن ڪري چڏيو ته بنوبڪر سمجهيو ته هاڻي دشمن پلاند ڪرڻ جو وقت اچي ويو. اوچتو هنن خزاعہ تي حملو ڪري وڌو. قريش جي گهڻن ئي پهلوانن راتين جو شڪليون بدلائي لڪائي خزاعہ تي تلوارون هلايون. خزاعہ وارن حرم ۾ پناهہ ورتي پر اتي بہ هنن کي پناهہ ڪونہ ملي سگهي. شرط موجب مسلمانن تي هنن جي مدد ڪرڻ فرض هو. خزاعہ جي چاليهہ ڄ سوارن فرياد ڪئي مدينہ جو گس ورتو. حضور اڪرم ﷺ جن حالات ٻڌا ته پاڻ سڳورن کي

ڏاڍو رنج ٿيو. پاڻ سگهون ﷺ قريش وٽ قاصد اماڻيائون ۽ ٽي شرط رکيائون ته انهن مان کوبه منظور کريو:

1. خزاعه جي قتل ٿيلن جي خون بها ڏيو.
2. بنوبکر جي پٽيرائي چڏي ڏيو.
3. اعلان کيو وڃي ته حديبه جو ناه ٽٽي ويو.

قريش جي سردارن قريش جي پاران ٽئين گالهه قبول کئي. يعني اهو ته حديبه جو ناه هاڻي کونه رهيو آهي. پر قاصد جي هليو وڃڻ کان پوءِ قريش ڏاڍو پڇتايو ۽ هن ابو سفيان کي پنهنجو سفير بنائيمدينه موکليو ته حديبه جي ناه کي ٻيهر نئون کري. ابوسفيان مدينه اچي پهرين نبوت جي بارگاه ۾ عرض کيو اتان کو جواب کونه مليو ته حضرت ابوبکر کي اچي چيائين انهن انکار کيو. هو حضرت عمر وٽ آيو هن چيس ته اهو مون کان کونه ٽي سگهندو. وري هو حضرت علي وٽ ويو. هن فرمايو ته رسول الله ﷺ جيکو طئي کري چکا آهن ان بابت کين کا ٻي صلاح نٿي ڏيئي سگهجي. چگو ائين آهي ته تون مسجد ۾ وڃي اعلان کري چڏ ته آئون حديبه جي ناه کي ٻيهر بحال کريان ٿو. هن ائين ئي کيو.

ابو سفيان مکه وڃي ماڻهن کي هي واقعو ٻڌايو. سڀني چيو "هي نکي ناه آهي جو اسين اطمينان سان ويهون ۽ نه وري هي جنگ آهي جو لڙائي جي تياري کريون."

حضور ﷺ جن مکه جون تياريون شروع کري چڏيون. ۽ احتياط کيائون ته مکه وارن کي خبر نه پوي. 10 رمضان المبارک جو ڏهه هزار فوجون مکه ڏانهن وڌيون. مکه کان هڪ منزل اوريان لهي رات جو ڌاپو کيائون. قريش کي خبر کانه هئي. ابوسفيان ۽ ٻه قريش سردار حال معلوم کرڻ لاءِ نڪتا. ٿوروپري هليا ته ڏٺائون ته ٻاهر هڪ فوج پيئي آهي. حضور پاڪ ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس کي جيکو اڳ ۾ ئي وات ۾ وڃي حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو هو. مکه وارن جي حال تي رحم آيو ۽ اهو سوچي ته جيکڏهن فوج جي مکه ۾ گهڙڻ کان پهرين مکه وارا پاڻ اچي امان گهرين ته هن جي مٿان مصيبت ٽري ويندي.

هن کتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

حضور پاڪ ﷺ جن جي خيمي مان نڪتم ۽ پاڻ سگهرن جي سواري تي ويهي مڪ جي واٽ ورتائين. اڃان ٿوروئي پرپرو ويو هو ته ابو سفيان وغيره گڏجي ويا. انهن کي ٻڌايائين ته اسلام جو لشکر مڪ وٽ اچي پهتو آهي. هاڻي قريش جو خير ڪونهي. ابو سفيان صلاح پچي. فرمايائين اوهين مون سان گڏ هليا اچو. هو گڏجي هليا. حضرت عباس هنن کي رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ وٺي هليو. وات تي حضرت عمر ڏسي چيو: " ڪفر جو سردار هاڻي اسان جي قبضي ۾ آهي." ۽ اهو چئي اُلر ڪيائين. پر حضرت عباس هنن کي وڏي تڪڙو حضور ﷺ جن جي خيمي ۾ گهڙي ويو. ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله ﷺ مون ابوسفيان کي پناه ڏني آهي. هي ڪهڙو ابوسفيان هو؟ اهو ئي جنهن اسلام جي خلاف بدر ڪان وٺي هن وقت تائين سڀ جنگيون جوٽيون هيون. عرب جي قبيلن کي اياري اياري هر پيري مدينه تي چاڙهي آيو هو. جنهن محمد رسول الله ﷺ جي قتل جون سازسون ڪيون هيون. هاڻي هو مسلمانن جي چنبي ۾ هو ۽ پنهنجي هر ڏوهه جي سزا جو حقدار هو. پر اسلام جو رحمت مجسم رسول انهن سڀني ڳالهين کي درگذر ڪري هن کي اسلام جي بشارت ٻڌائي ٿو ۽ ايترو ئي نه پر هن لاءِ هي فخر جي خلعت عطا ڪري ٿو ته عاڏ اعلان ڪيو وڃي ته "اڄ جيڪو ابوسفيان جي گهر ۾ پناه وٺندو ان کان ڪابه پڇا گاڇا ڪانهي." هي رحمت وڏيڪ عاڏ ٿئي ٿي ارشاد ٿئي ٿو ته جيڪو پنهنجو گهر بند ڪندو ان کي به امان آهي.

حضرت عباس کي حڪم ٿيو ته ابو سفيان کي جبل جي چوٽي تي وٺي وڃي ٿورو اسلامي لشکر جو سيلاب ڏيکار. ديرڪانپوءِ اسلام جون فوجون جوش ۾ ٻڏل اڳتي وڌيون. سڀني کان اڳ ۾ غفار قبيلي جو جهنڊو ڏسڻ آيو. پوءِ جهنيه. ڏڏيم ۽ سليم جا قبيلا هٿيارن سان جهنجهيل تڪبير جا نعرا هڻندا لنگهيا. ابوسفيان هر پيري مرعوب ٿي ويو ٿي. سڀني کان پڇاڙيءَ ۾ انصار جو قبيلو اهڙي سار و سامان سان آيو جو جبل گونجي ويو. سعد بن عباده جي هٿ ۾ انصار جو جهنڊو هو. ابوسفيان حيرت مان پڇيو هي ڪهڙو لشکر آهي؟ حضرت عباس نالو ٻڌايو. پڇاڙي ۾ خود رسالت جو آفتاب عالمتاب نظر آيو جنهن جي چئني پاسن کان جانثارن جو دائرو هو. حضرت زبير علم بردار هو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

هي سڄو لشکر جڏهن مکي جي ويجهو پهتو تہ امن جو پڙهو آيو ۽ حرم جو گهر جيکو ٿي سو سٺ بت جو نڪاڻو هو. ان گندگي کان صاف ٿيو ۽ ابراهيم عليہ السلام جي خداجو گهر هاڻي وري خدا جو گهر بنيو ۽ توحيد جي بانگ مسجد جي ماري تان بلند ٿي. مکي جا وڏا وڏا سردار جيکي حضور ﷺ جن جا دشمن ، مسلمانن جا قاتل ۽ اسلام جي وات جا کنڊا هئا، اڄ حرم جي اڳڻ ۾ هئا. حضور ﷺ جن هک نظر ڪٽي ڏنو ۽ پڇيو تہ ؟ اي مکي جا سردارو! اڄ آئون اوهان سان ڪهڙو ورتاءُ ڪندس." سپني چيو" توهان جوانن جا شريف پاءُ ۽ پوڙهن جا شريف پائينتا آهيو". ارشاد ٿيو " وڃو اڄ اوهان تي ڪا ملامت ڪانهي اوهين سڀ آزاد آهيو."

هي آواز ڪهڙو نہ توقع جي خلاف هو. پراهو دل جي گهرائين مان نڪتو هو ۽ دل جي گهرائين ۾ لهي ويو. هند، ابوسفيان جي زال، جنهن احد جي ميدان ۾ حضرت حمزہ جي لاش جا ٽڪرا ڪيا هئا، نقاب پائي آڳيان اچي ٿي ۽ حضور ﷺ جن جي عاڄ معافي واري پيغام کان خوش ٿي ٿڪري چوي ٿي تہ:

" يا رسول الله ! اڄ کان اڳي مونکي اوهان جي خيمي کان وڌيڪ ڪنهن بہ خيمي کان نفرت ڪانہ هئي، پر اڄ کان اوهان جي خيمي کان وڌيڪ ڪوبہ خيمو مون کي پيارو نٿو سڃهي."

اڄ ڪفر جون سڀ قوتون ٽٽي ويون، دشمن جا سمورا منصوبا ناڪاڄ ٿي ويا، ۽ اڄ اسلام جي فتح جو جهنڊو مکي جي ڪوٽ تي اوچو ٿي ويو. حضور پاڪ ﷺ جن هن موقعي تي تاثير ۾ ٻڏل هي تقرير فرمائي :

" هک کانسواءِ ٻيو ڪو خدا ڪونهي. هن جي خدائي ۾ ڪوبہ ٻيو شريڪ ناهي. هن پنهنجو واعدو سچو ڪيو. هن پنهنجي بانهي جي مدد ڪئي ۽ نيٺ هن ڪفر جي سمورن ٽولن کي اڪيلو توڙي ڇڏيو."

ها! اڄ ڪفر جا سمورا فخر ۽ غرور ۽ رت جا سڀ پراڻا پلاند ۽ جاهليت جا سمورا بدلا ۽ سمورين دعوائون منهنجي پيرن هيٺان آهن. رڳو بہ عهدا باقي رهندا، خانہ ڪعبہ جي توليت ۽ حاجين کي پاڻي پيارڻ جي خدمت.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

اي قريش جا ماڻهو! خدا هاڻي جاهليت جي غرور ۽ پيڙ ڏاڏن تي فخر کي ميسرايو. سڀ ماڻهو آدم عليه السلام جو سمورو نسل برابر آهي. اوهين سڀ هڪ آدم جو اولاد آهيو ۽ آدم عليه السلام مٽي مان ٺهيو هو. خدا فرمائي ٿو:

ماڻهو! مون اوهان سڀني کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي. ۽ مون اوهان کي قبيلن ۽ ڪٽنبن ۾ ان لاءِ ناهيو ته جيئن اوهين پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو. اوهان مان خدا وٽ سڀني کان شريف اهو آهيجيڪو سڀني کان وڌيڪ پرهيزگار آهي.

اڄ کان الله شراب جي وڪري ۽ وٺڻ ۽ وياج جي ڏنڊي کي حرام ڪري ڇڏيو.

ان وقت ڪعبه ۽ حرم جي حدن ۾ هُبل، لات، منات وغيره جا وڏا وڏا بت بيٺل هئا. اڄ انهن جي ڪوڙي خدائي جي مدت پوري ٿي ويئي. مسلمانن جي هڪ هٿ جي اشاري سان هاڻي اهي پٿرن جو ڍڳ هئا ۽ هرهنڌ توحيد جو نعرو بلند هو.

هوازن ۽ ثقيف جي جنگ ـ شوال 8 هجري :

مڪي جيڪو حجاز جو تخت گاهه ۽ عرب جو عبادت گاهه هو. جڏهن ان جي چت تي اسلام جو جهنڊو جهوليو ته سڄي عرب ان کي اسلام جي دين جي سچائي جو نشان ڄاڻيو. هر ڪنهن پاسي کان ماڻهو ڪفر جو ڪٽ ڪچي مان ڪڍي اسلام جي پناه ۾ آيا ٻئي. پر مڪي جي پر ۾ هوازن ۽ ثقيف به اهڙا طاقت وارا قبيلا آباد هئا. جن ڪنهن ٻئي قبيلي جي هٿ هيٺهڻ کي شرم ٿي ڄاتو. هوازن جي قبيلي جي سردارن ٻين کي به اياريو ۽ حنين ميدان ۾ اسلام جا مخالف هڪ ڳڙيل فوج وٺي آيا. مسلمانن جي ٻارنهن هزار فوج جنهن ۾ وڏ حصو قريش جي نون مسلمانن جو هو ڏاڍي سار و سامان سان هٿن جي مقابلي لاءِ نڪتي. هوازن جي ماڻهن جو تير هلائڻ ۾ جواب ئي ڪجوڻ هو. هٿن جي ڇهرين ئي ست سان مسلمانن پيرهٽي ويا.

جيتوڻيڪ مسلمانن تي هاڻي تيرن جو مينهن پئي وسيو ۽ هٿن جي ٻارنهن هزار فوج ڏڪ سان اڏامي وئي پر پاڪائي جو مجسمو ﷺ پهنجي جاءِ تي بيٺو هو. پاڻ سگورن ساڃي پاسي ڏنائون ۽ سڏيائون اي انصار جا گروهه! آواز سان گڏ صدا آئي. اسين حاضر

آهيون. ورِي پاڻ کانپوِ پاسي سڏيو. هينئر به اهوئي آواز آيو. پاڻ ﷺ سواريءَ تان لهي پيا جلال جي لهجي ۾ فرمايائون " آئون آهيان خدا جو اهو پاڻهوءِ ان جو پيغمبر آئون بنا شڪ (بيشڪ) پيغمبر آهيان ءِ عبدالمطلب جو فرزند آهيان." حضرت عباس مسلمانن کي سڏ ڪيو اي انصار جا گروهه! ءِ اي اهي ماڻهو جن اسلام تي سرڏيڻ جي بيعت ڪئي آهي اڳتي وڌو. انهن اثر ۾ پريل آواز جي ڪنن تائين رسڻ اسلام جا جانباز اڻلي پياءِ اهڙي جوش سان وڌيا جو نرهون لاهي اچلائي چڏيائون ءِ گهوڙن تان ٽپي لهي پيا. هاڻي ميدان جو رنگ ئي ڦري ويو. ڪافرن جي فوج "ڪائي"

(ڪائي : بيئل پاڻي تي جميل سائي ٿهه کي چئبو آهي.

سينور: پاڻي ۾ ڪا نرورد ار شيءِ ڪرڻ سان اهو ٿئي ذرا ذرا ٿي ويندو آهي. هي اردو ادب جي چوڻي آهي مترجم: ع.ب)

وانگر ذرا ذرا ٿي ويئي ءِ هنن جي لشڪر ۾ ڊڪ ڊوڙ مچي ويئي.

ڪافرن جو ڪجهه حصو پڄي اچي طائف ۾ گڏ ٿيو. طائف ۾ ثقيف جو قبيلو پاڻ کي قريش جي برابر سمجهندو هو. هنن جو قلعو به ڏاڍو مضبوط هو ءِ قلعي ۾ لڙائي جو سمورو سامان به هو.

هنن قلعي بند ٿي لڙائي شروع ڪئي. مسلمانن قلعي تي هڪ ٻئي پٺيان حملا ڪيا پر فتح ڪونه ٿيو. مسلمانن لاءِ قلعي کي هيئن ڇڏي هٽڻ دل نه ٻئي چاهيو. هنن رسول الله ﷺ کان هڪ ڏيهن جي مهلت گهري. موڪل ملي ته ٻئي ڏيهن ڏاڍي زور سان حملو ڪيائون پر ڪاميابي اڃان پري هئي. صحابين عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ! هنن (دشمن) بد دعا ڪريو. لب مبارڪ جُريا ته هي لفظ نڪتا" خداوندا ثقيف کي هدايت نصيب ڪرءِ هنن کي اسلام جي آستاني تي آڻ." الله اڪبر! دعا جو هي تيرڪيڏونه بي خطا هو. ٻه سال به ڪونه لنگهيا هئا جو ثقيف جي ماڻهن پاڻ مدينه ۾ حاضر ٿي اسلام جو ڪلمو پڙهيو.

غنيمت جي مال جي ورهاست ۾ حضور ﷺ جن جي تقرير :

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

طائف جو گهيرو ڇڏي پاڻ سڳورن ﷺ جعرانه جي هنڌ تي ڌاپو ڪيو. غنيمت جي مال جون اٺ ڪٽيون شيون گڏ هيون. ڇهه هزار قيدي، ڇوهه هزار اٺ ، چاليهه هزار بکريون ۽ چار هزار اوقيه چاندي. شفقت ڏسو ته قيدين کي وٺي پاڻ ﷺ هتي انتظار ڪندا رهيا ته انهن جا مائٽ اچن ۽ کين ڇڏائي وڃن. پر ڪيترا ڏينهن لنگهيا ۽ ڪير آيو ڪونه. تڏهين غنيمت جي مال جا پنج ڀاڱا ڪيا ويا. چار ڀاڱا سپاهين ۾ ورهائجي ويا ۽ پنجون ڀاڱو غريبن، مسڪينن ۽ اسلام جي ٻين ضروري ڪمن جي لاءِ رسول الله ﷺ جن جي هٿ وس رهيو.

پاڻ سڳورن ﷺ مڪي ۽ ٻيڀاسن جي گهٽن ئي نون مسلمان ٿيل رئيسن کي جن اڃا هاڻي اسلام آندو هو، هنن جي دلجوئي ۽ اطمينان خاطر غنيمت جي مال مان گهڻو ئي سامان عنايت فرمايو. انصار جيڪي انهي نڪتي کان واقف ڪونه هئا. انهن کي هي غلط فهمي ٿي ته حضور ﷺ جن قريش کي انعاماً ڏنو آهي ۽ اسان کي محروم رکيو اٿن. جيتوڻيڪ لڙائي جو اصل زور اسان سنڀاليو ۽ اڃا تائين اسانجين تلوارن مان قريش جي رت جا ڦڙا پيا ٽمن. ڪن نوجوان انصار چئي به ڏنو ته ڏکيائي جي مهل اسين ٿا ياد پئون ۽ انعاماً ٻين کي ٿو ملي.

حضور پاڪ ﷺ جن اهو چوپول ٻڌو ته انصار کي هڪ خيمي ۾ ڌار سڏائي پڇيائون ته ڇا اوهان ائين چيو آهي. عرض ڪيائون، يا رسول الله! اسان جي وڏن مان ڪهن ڪونه چيو آهي. البته ڪن نوجوانن جا واتان اهي جملا نڪتا هئا. اهو پڇڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن هنن جي آڏيان اها تقرير ڪرڻ فرمائي جنهن جو هر جملو اٿر ۾ ٻڌل هو. فرمايائون :

"ڇا اهو سچ ڪونهي ته اوهين پهرين گمراهه هئا، ته خدا منهنجي وسيلي اوهان کي هدايت ڏني، اوهين ٽڙيل پکڙيل هئا ته خدا منهنجي وسيلي اوهان کي اتفاق ۽ ٻڌي جي نعمت بخشي اوهين مفلس (ڪنگال) هئا ته خدا منهنجي وسيلي اوهان کي دولتمند بڻايو." پاڻ سڳورا اهو چوندا ويا ۽ هر جملي تي انصار چوندا پئي ويا ته خدا ۽ ان جي رسول جو احسان سيني کان وڌيڪ آهي. پاڻ صلعم فرمايائون، نه اوهين هي جواب ڏيئي

سگھو ٿا تہ اي محمد (ﷺ) توکي جڏھن ماڻھن کوڙو بنايو (انکار ڪيو) تڏھن اسان تھنجي ڳالھ ميي توکي جڏھن ماڻھن ڇڏي ڏنو تہ اسان تھنجو ساٿ ڏنو. تون مفلس آيو ھئين تہ اسان تھنجي ھرڪا مدد ڪئي.

اھو ڇئي پاڻ سگھورن فرمايو" اوھين اھو جواب ڏيندا وجوءِ آڻون چوندو وڃان تہ اوھين سچ ٿا چئو. پراي انصاريو! ڇا اوھان کي اھو نٿو وڻي تہ ٻيا ماڻھو اٿ بکريون وڻي وڃن ۽ اوھان محمد ﷺ کي وڻي گھراچو."

اھو ٻڌي انصارڪان بي اختيار روئيون نڪري ويون تہ " اسان کي رڳو محمد ﷺ گھرجي ٿو." گھٽن جو ھي حال ٿيو تہ روئندي روئندي ڏاڙھيون پسي وين. ان ڪانپوءِ پاڻ سگھورن ﷺ انصارکي سمجھايو تہ مڪ جا ماڻھو جيئن تہ نوان نوان اسلام ۾ آيا تھنڪري انھن کي جيڪي ڪجھ مليو اھو حق جي طور تي نہ ھو. پر اسلام جي نعمت کان انھن کي واقف ڪرڻ مقصود ھو.

ان وچ ۾ قيدين کي ڇڏائڻ لاءِ ڪجھ ماڻھو پاڻ سگھورن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. انھن ۾ اوس قبيلي جا بہ کي ماڻھو ھئا جن ۾ دائيحليمہ بہ ھئي. جنھن جي نندپٽ ۾ پاڻ سگھورن ٽج پيتي ھئي. پاڻ ﷺ فرمايائون. عبدالمطلب جي ڪٽنب جو جيڪي بہ پاڳو آھي اھو اوھان جو آھي پر قيدين جي عاڻ آزادي جي صورت ۾ ھي آھي تہ نمازڪانپوءِ جڏھن ميڙ ٿئي تہ سڀني جي اڳيان پھنجي درخواست پيش ڪريو. اڳينءَ جي نمازڪانپوءِ ھن سڀني مسلمانن جي اڳيان پھنجي درخواست پيش ڪئي تہ حضورپاڪ ﷺ جن فرمايو تہ مونکي رڳو پھنجي ڪٽنب تي اختيار آھي پر آڻون عاڻ مسلمانن کي اوھان جي سفارش ڪريان ٿو. اھو ٻڌڻ سان سڀني مسلمانن چئي ڏنو اسانجو پاڳو بہ حاضر آھي. اھڙي ريت چھ ھزار قيدي يڪدم آزاد ٿي ويا.

رومي خطرو

تبوڪ جي لڙائي :

ھن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ان زماني ۾ شاھ ۽ مصر جا ملڪ عيسائي رومين جي هٿ هيٺ هئا جن جو تخت گاھ قسطنطنيہ هو. شاھ جون حدون حجاز سان گڏيل هيون. اسلام ۾ نئين قوت جو حال ٻڌي رومين ۾ بي آرامي پکڙيل هئي. حجاز ۽ شاھ جي سرحد تي تبوڪ نالي هڪ هنڌ هو.ان جي اوسي پاسي ڪجھ عرب سردار جيڪي عيسائي ٿي ويا هئا.رومين جي هٿ هيٺ حڪومت ڪري رهيا هئا. انھن عرب سردارن مان " غساني" ڪٽنب جا عرب سڀني کان طاقت ور هئا ۽ اهي ئي رومين جي پاران ان ڪم تي مقرر ٿيا. ٿوري ٿوري وقت ۾ مدينہ ۾ اهي خبرون پکڙيون پئي تہ غساني مدينہ تي هلان ڪرڻ جا ويچار ڪري رهيا آهن شاھ جي نبطي سوداگرن اچي ٻڌايو تہ رومين شاھ ۾ ڏاڍي وڏي فوج گڏ ڪري ورتي آهي. جيڪا هر قسم جي سامان سان تيار آهي.

حضور پاڪ ﷺ جن اهي خبرون ٻڌي مسلمان غزين کي بہ تياري جو حڪم ڏنو. اتفاق سان اهو سخت گرمين جو زمانو هو. ملڪ ۾ ڏڪار جا آثار هئا. منافق جيڪي دل سان مسلمان نہ ٿيا هئا. انھن لاءِ هي وڏي آزمائش جو وقت هو. هنن لڙائي کان لھرايو پئي ۽ پين کي بہ گجھ گوھ ۾ جھلياڻون پئي.

پرجوش ۽ سچا مسلمانن لاءِ هي سندن ايمان تازي ڪرڻ جو نئون موقعو هٿ آيو تہ هاڻي عرب جي ڪجھ قبيلن سان منھن ڏيڻو ڪوٺي. پر دنيا جي هڪ وڏي سلطنت سان مقابلو آهي. دولتمند صحابين وڏيون وڏيون رقمون پيش ڪيون. جو تہ سفر پري جو هو ۽ سواري جو انتظام ڪٿ هو.تنھنڪري ڪن معذور مسلمانن روئي روئي عرض ڪيو تہ حضور ﷺ جن سفر جو سامان ڏيارين تہ ساڻن گڏ ھجڻ ۽ ورو پاڻ نصيب ٿئي. اهو ڏسي حضرت عثمان فوج لاءِ ٽي سو اٺ پيش ڪيا ۽ حضور پاڪ ﷺ جن ڪيس دعا ڪئي.

حضور پاڪ ﷺ جن جڏهن مديني کان باهر ويندا هئا تہ ڪنھن نہ ڪنھن کي شھر جو حاڪم بنائي ويندا هئا. ازواج مطهرات هن پيري گڏ ڪونہ ٿي ويون. هن ڀيري اهو عهدو حضرت علي بن ابي طالب جي حوالي ٿيو. هن عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! اوهان مونکي ٻارن ۽ عورتن ۾ ڇڏي پيا وڃو. ارشاد ٿيو ڇا توکي اهو نٿو وڻي تہ توکي مون

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

سان اهائي نسبت هجي جيڪا هارون کي موسيٰ سان هئي. پاڻ سگهرن جو هي ارشاد حضرت علي لاءِ اهو فخر آهي جنهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي.

خيرپاڻ سگهرا ٽيهه هزار فوج سان گڏ مدينه مان نڪتا جنهن ۾ ڏهه هزار سوار هئا. تبوڪ پهچي معلوم ٿيو ته رومين جي حملي واري خبر صحيح ڪانه هئي. پر ايترو درست هو ته اسلام جي نئين قوت جي مقابلي لاءِ غسائي رئيس ڊڪ ڏوڙڪائي پئي. حضور پاڪ ﷺ جن تبوڪ ۾ ويهه ڏينهن ترسيا. ان ترسڻ جو اثر اهو ٿيو ته ٽيهه هزار مسلمانن جي هيءَ پاڪيزه جماعت جيڪا ظاهر ۾ سپاهي ۽ حقيقت ۾ عشق الاهي هئي، اوسي پاسي جي شهرن تي پهنجو اثر وجهڻ کان ڪانه رهي.

اسلام ۾ اڳين پيغمبرن جي امتن سان هي رعايت رکيل آهي ته اهي جيڪڏهن ٽوڙو محصول ڏيئي مسلمانن جي رعيت بنجي وڃن ته مسلمانن انهن جي هر قسم جي حفاظت جي ذمه داري کڻن. ان محصول جو نالو قرآن پاڪ ۾ " جزيه" رکيو ويو آهي. هي پهريون موقعو هو ته ڪا غير مسلم قوم مسلمانن جي حڪومت ۾ آئي ٿي. ايله خليج عقبه وٽ عربن جي هڪ ننڍي رياست هئي. ان جي رئيس يوحنا خدمت نبوي ۾ اچيجزيه ڏيئي مسلمانن جي حفاظت ۾ رهڻ منظور ڪيو. " جرباء" ۽ " آذرح" جي عيسائي عربن به جزيه ڏيئي مسلمانن سان ناه ڪري ورتو. دمشق کان پنج منزلون پري " دومته الجندل" ۾ هڪ عرب سردار اُڪيدر نالي هو جيڪو قيصر روم جي اثر هيٺ هو. مسلمانن چار سو سوارن سان ان تي حملو ڪيو ۽ هن کي جملي خدمت نبوي ﷺ ۾ آندائون. هن کي ان شرط تي آزادي ملي ته هو مدينه اچي صلح جا شرط پيش ڪري. تنهنڪري هو پهنجي پاڻ سان گڏ مدينه آيو ۽ امان مليس.

تبوڪ جو سفر ان حيثيت کان تماڻ اهم هو. ته هي عرب کان باهر جي ٻن سپر طاقتن سان هڪ سان ٽڪرجڻ جي سپ کان پهرين ڪامياب ڪوشش هئي. تنهنڪري حضور پاڪ ﷺ جن جي خير و عافيت سان موٽي اچڻ تي مسلمانن ڏاڍي خوشي ملهائي. مدينه جا ماڻهو شوق جي حالت ۾ رسول الله ﷺ کي ونڊ لاءِ شهر کان باهر نڪتا. عورتون ۽ گهرن کان باهر نڪري آيون ۽ چوڪرين آجيان جو هي ترانو

گايو:

طَلَعَ الْبَدْرُ عَلَيْنَا مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاعِ
وَجَبَ الشُّكْرُ عَلَيْنَا مَا دَعَا لِلّٰهِ دَاعِ

چوڏهين جو چند اسان جي آگيان نڪتو آهي وداع جي لڪ مان
اسان تي خدا جو شڪر واجب آهي جيسيتائين دعا گهرڻ وارا دعا گهرن

اسلام جي عهد جو پهريون باقاعدي حج

۽ لاتعلقي جو اعلان :

اسلام جي دعوت کي شروع ٿئي ٻاويهه سال ٿي ويا هئا. ٻاويهه سالن جي لڳاتار کوشش سان هاڻي عرب جو ڏهرو ڏهرو اسلام جي نور سان چمڪي رهيو هو. لا اله الا الله جا آواز ان جي هڪ لڪ مان بلند پئي ٿيا. يمن جي سرحد کان وٺي شام جي سرحد تائين هاڻي اسلام جي حڪومت هئي. ۽ خدا جو گهر هاڻي توحيد جو مرڪز بنجي چڪو هو. هاڻي وقت اچي ويو هو ته اسلام جي اها مذهبي دربار جيڪي " ج" جي نالي سان مشهور آهي خدا جي ٿاهيل ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام ڏسيل دستور موجب سينگاري وڃي.

تبوڪ کان واپسي تي حضور پاڪ ﷺ جن 6 هجري ۾ ذيقعده جي پڇاڙي يا ذوالحج جي اڳياڙي مهيني ۾ تي سئو مسلمانن جو هڪ قافلو مدينه منوره مان مڪه ڏانهن روانو ڪيو. حضرت ابوبڪر هن قافلي جو آڳواڻ. حضرت علي هن جو نقيب ۽ حضرت سعد بن وقاص. حضرت جابر ۽ حضرت ابوهريره پڻهي وارا ۽ معلم ٿاهيا ويا ۽ قرباني لاءِ ويهه ان گڏ ڪيائون.

قرآن انهي ج جو نالو ج اڪبر (وڏو ج) ڪيو آهي جو ته ڪفر جي حڪومت جي خاتمي ۽ اسلام جي عهد جي شروعات جو سڀ کان پهريون اعلان هو. حضرت ابوبڪر ماٺهن کي ج جا اصلي طريقا ٻڌايا ۽ سيکاريا ۽ قرباني واري ڏينهن اٿي بيهي خطبو پڙهيو. ۽

ان کانپوءِ حضرت علي بن ابي طالب لا تعلقي واري ان سورت مان چاليم آيتون پڙهي ٻڌايون جن ۾ ڪافرن سان هر قسم جو لاڳاپو ٽوڙڻ جو اعلان هو ۽ پڙهو ڏياريو ويو ته هاڻي ڪوبہ مشرڪ خانہ ڪعبہ ۾ داخل نہ ٿي سگهندو ۽ نہ ڪو اگهاڙو ٿي ج ڪري سگهندو ۽ صلح جا اهي سمورا ناهہ جيڪي مشرڪن سان ٿيا هئاج کان ڇڻ مهينن کانپوءِ ٽٽي ويندا.

ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ اهي قريش جيڪي ويهن سالن تائين تلوارجي نوڪ سان اسلام جو مقابلو ڪندا رهيا، اهي مڪہ جي فتح کانپوءِ ڪنهن بہ قسم جي زور ۽ لالچ کانسواءِ رڳو اسلام جو گوڙهو رنگ ۽ مسلمانن کي ويجهڙائي کان ڏسي وائسي پاڻهي پاڻ مسلمان ٿيندا ويا ۽ جيڪي اڃان تائين محروم رهيل هئا. اهي هن اعلان کانپوءِ اسلام جي چانوهيٺ اچي ويا.

عرب جي صوبن ۾ اسلام جو عام اعلان :

هاڻي عرب جو هر ذرو آفتابِ رسالت جي دامن کي چنبڙيل هو. توحيد جي اشاعت واري وات تان مشڪلات جو هر ڪو پٿر هٽي ويو هو ۽ سموري حجاز ۾ اسلام جي حڪومت هئي. پراڃان بہ يمن، يمامہ ، بحرين وغيرہ عرب جا ڪجهہ اهڙا صوبا هئا، پراهن ۾ اسلام جو عاماً اعلان ڪونہ ٿيو هو. هاڻي جڏهن قريش ۽ انهن جي ساٿي قبيلن جي مخالفت واري هر ڪا ڪوشش ناڪاماً ٿي ويئي هئي. وقت اچي ويو هو تہ پري وارن علاقن ۾ اسلام جو اعلان ڪيو وڃي ۽ شاهہ ۽ گداه، امير ۽ فقير هر ڪنهن کي سڃاڻي جي دعوت ڏني وڃي.

عرب جي سڀني صوبن ۾ وڏو يمن جو صوبو هو. جيڪو اٽڪل پنجاهہ ست سالن کان ايرانين جي قبضي ۾ هو. يمن جي هڪ ممتاز قبيلي دوس جي رئيس طفيل بن عمر مڪہ وڃي گهٽو اڳ اسلام قبول ڪيو هو ۽ هن جي اثر جي ڪري ان قبيلي جا اڪيترائي ماڻهو وقت بوقت مسلمان ٿيندا رهيا. 7 هجري ۾ جڏهن پاڻ سڳورا خيبر ۾ هئا. " دوس" جا گهٽائي ماڻهو مسلمان ٿي مدينہ هليا آيا هئا. مشهور صحابي حضرت ابو هريرہ انهن

مان هو. اشعر نالي يمن جي هڪ ٻئي قبيلي ۾ به ماڻهو پاڻهي پاڻ مسلمان ٿي ويا هئا. مشهور صحابي حضرت ابو موسيٰ اشعري انهن قبيلي مان هو. اهي ماڻهو به مدينہ اچي رهيا هئا.

يمن ۾ همدان قبيلو ڏاڍو مشهور هو. هن قبيلي جڏهن اسلام جو نالو ٻڌو تہ پهنجي رئيس عامر بن شمر کي هن نئين دين جي تحقيق لاءِ مدينہ اماڻيو. هن اتي اچي جيڪي ڪجهہ ڏٺو. ان جو اثر اهو ٿيو تہ اسلام جي سچائي سندس دل ۾ گهر ڪري ويئي. هو موٽي آيو تہ پهنجي ڪٽنب ۾ اسلام جي روشني پکيڙيائين.

يمن جي ڪن قبيلن ۾ اشاعت جو ڪم ڪرڻ لاءِ پهرين حضرت خالد کي اماڻيو ويو. هو چهن مهينن تائين پهنجو ڪم ڪندو رهيو. پر ڪامياب نہ ٿي سگهيو. اهو ڏسي پاڻ سگورن ڪيس واپس گهرايو ۽ ان جي جاءِ تي حضرت علي هن جي سڀني رئيسن کي سڏايو ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن جو خط پڙهي ٻڌايو. انهيءَ سان گڏ سڄي جو سڄو قبيلو مسلمان ٿي ويو. تهنڪري همدان، جڏهن ۽ مدلج جي قبيلن ۾ اسلام جي روشني حضرت علي جي فيض سان ئي پکڙي. يمن جي بين شهرن ۾ اسلام جي دعوت پکيڙڻ لاءِ ٻيا ممتاز صحابي مقرر ٿيا. لهذا صنعا ۾ جيڪو يمن جو تخت گاهہ هو. خالد بن سعيد جي ڪوشش ڪامياب ٿي. طئي جو قبيلو اسلام کان اڳ عيسائي هو. هن وقت حاتم طائي جو پٽ عدي هن قبيلي جو سردار هو. هو خدمت نبوي صلعم ۾ حاضر ٿيو ۽ حضور صلعم جن جي خاڪساري ۽ بيڪسن سان همدردي ڏسي مسلمان ٿي ويو ۽ هن ئي جي دعوت تي هن قبيلي به توحيد جو ڪلمو پڙهيو. حضرت ابو موسيٰ اشعري عدن ۽ زبيد ۾ ۽ حضرت معاذ بن جبل جُند ۾ وڃي اسلام جو پيغام پهچايو. جرير ابن عبدالله بجلي حمير جي شهرن ۾ اسلام پکيڙيو. مهاجر بن ابي اميہ هڪ صحابي يمن جي هڪ شهزادي حارث بن عبد ڪلال کي اسلام جي دائري ۾ آندو. وبي بن نخيس صحابي يمن جي انهن ايراني نسل ماڻهن کي جيڪي يمن ۾ آباد ٿي ويا هئا. اسلام جي خوشخبري ٻڌائي.

يمن ۾ نجران جو علائقو عيسائي آبادي هو. اتان جي ماڻهن اسلام جو خط ملڻ

تي پهنجن پادرين کي حال معلوم ڪرڻ لاءِ مدينہ اماڻيو ۽ جيتوڻيڪ هو مسلمان ڪونہ ٿيا پر جزيہ ڏيڻي اسلام جي حڪومت قبول ڪيائون. نجران ۾ جيڪي مشرڪ عرب هئا، انهن جي هدايت لاءِ حضرت خالد کي موڪليو ويو. جنهن جي سمجهائڻ تي سڄي قبيلي اسلام آندو.حضرت خالد ٿورا ڏيهن اتي ترسي هنن کي اسلام جون گالهيون سيکاريون.

بحرين تي ان وقت ايرانين جي حڪومت هئي ۽ ان جي واسين ۾ عرب جا قبيلا آباد هئا. جن ۾ مشهور ۽ بااثر ڪتب عبدالقيس، بڪر بن وائل ۽ تميم هئا. انهن مان عبدالقيس جي قبيلي جو مقذ بن حيان واپارلاءِ نڪتو. وات تي مدينہ آيو ٿي. اتي ترسيو. حضور پاڪ ﷺ جن کي هن جي اچڻ جي خبر پيئي تہ وٽس هلي آيا ۽ اسلام جي دعوت ڏنائون هن قبول ڪئي ۽ مسلمان ٿي ويو. هتي رهي هن سورہ فاتحہ ۽ اقراء سکي. پاڻ سگهون کيس هڪ فرمان لکي ڏنو. جڏهن هو موٽي گهر ويو تہ پهريائين پهنجي نئين مذهب کي لڪايائين. پر سندس نڙ کيس نماز پڙهندي ڏسي ورتو ۽ پهنجي پيءُ منذر کي دانهن ڏنائين. هن منقذ کان پڇيو. گالهين جي ڏي ون ڪانپوءِ منذر بہ مسلمان ٿي ويو. هاڻي بهي جڻن ماڻهن کي گڏ ڪري حضور پاڪ ﷺ جو خط مبارڪ پڌايو ۽ سڀني اسلام قبول ڪري ورتو.

بحرين ۾ هڪ هنڌ جواثي هو. جنهن ۾ عبدالقيس جو قبيلو هو هتي گهٽو اڪي اسلام پهچي ويو هو. مدينہ ڪانپوءِ جمعہ جي نماز سڀ کان پهرين هتان جي ماڻهن ادا ڪئي. ۸ هجري ۾ بحرين جي عرب رئيس منذر بن ساويٰ،علاء بن حضرمي جي دعوت تي اسلام قبول ڪيو ۽ ان سان گڏ سڀ عرب ۽ ايراني بہ مسلمان ٿيا. بحرين ۾ هجرهڪ هنڌ هو. اتان جي ايراني حاڪم سيبخت حضور پاڪ ﷺ جن جو خط ملڻ تي اسلام جي دولت حاصل ڪئي.

عمان ۾ ازدس قبيلو آباد هو. عبيد ۽ جعفر هتي جا رئيس هئا. ۸ هجري ۾ حضور ﷺ ج حضرت ابوزيد انصاري کي جيڪو قرآن جو حافظ هو ۽ حضرت عمرو بن العاص کي پهنجو خط ڏيئي هنن وٽ موڪليو. بهي رئيسن اسلام قبول ڪيو ۽ اتان جا سڀ ماڻهو

هن جي رغبت ڏيارڻ تي مسلمان ٿيا.

شاهُ جي حدن ۾ ڪيترائي رئيس هاڻي. انهن مان هڪ فروھ ھو جنهن جي رياست معان ۾ هئي. هو رومين جي هٿ هيٺ هو. هواسلام کان واقف ٿي مسلمان ٿي ويو. رومين کي هن جي مسلمان ٿيڻ جي خبر پيئي ته ڪيس جملي سوليءَ تي چاڙهي چڙيائون. ان وقت عربي جو هي شعر هن بيگناھ شهيد جي زبان تي هو جنهن جو ترجمو هي آهي :

" مسلمان سردارن کي منهنجو پيغاهُ پهچائي چڏيو ته منهنجوتن من ۽ منهنجي عزت سڀ پروردگار جي نالي تان قربان آهي."

مطلب ته انهن ڪوشش سان اهڙي ريت اسلام عرب جي ڪنڊ ڪڙ ۾ پکڙجي ويو۽ اهو وقت به آيو جو عرب ۾ ڪو مشرڪ باقي ڪونه رهيو.

دين جي تڪميل ۽ اسلامي نظام جي پيڙهه رکڻ :

حضور پاڪ ﷺ خدا جو پيغاهُ ڪٽي دنيا ۾ آيا هئا. دنيا ان جي مخالفت ڪئي. ۽ عرب وارن ان کي ڇڻ کان نه رڳو انڪار ڪيو پر ان کي ميساري چڏڻ لاءِ هر ڪڦا ڪوشش ڪئي. مسلمانن کي طرحين طرحين نمونن سان ستايو. هن کي سندن گهرن مان ڪڍيائون ۽ هو بي سرو ساماني ۾ پهنجا گهر گهاٽ ڪڏهن حبش جي ملڪ ۾ ڪڏهن پري پري وارن شهرن ۾ هليا وڃن لاءِ مجبور ٿيا. ۽ اهڙي طرح تيرهن سالن تائين حضور پاڪ ﷺ جن سان گڏ مسلمانن پوري صبر ۽ پختائيَ سان اهي سختيون سٽيون. نيٺ ڪفر جي قوتن فوج ۽ لشڪر، تلوار۽ خنجر سان مسلمانن کي فنا ڪري چڏڻ جي تياري ڪئي ۽ نو سالن لڳاتار انهن جي اها ڪوشش هلندي رهي. مسلمانن انهن جي ظالمانه طاقت کي به منهن ڏنو ۽ الله تعالي جي مدد سان هو ان ميدان ۾ به ڪامياب ٿيا. ۽ آهستي آهستي مشڪلات جو هر ڪو پٽ سندن راهه مان هٽي ويو. عرب جي ڪنڊ ڪڙ ۾ اسلام جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿي ويئي ۽ لا اله الا الله محمد رسول الله ﷺ جي پڙاڏي سان عرب جو سڄو جزيرو گونجي ويو تڏهن وقت اچي

ويو ته دين پهنجن سپني حڪمن سان تڪميل جي درجي کي پهچي ۽ ان جو نظام عرب جي ملڪ ۾ قائم ڪري ڇڏجي.

حضرت عائشہ رضي الله عنها فرمائي ٿي ته سڀ کان پهرين قرآن پاڪ جون اهي آيتون لٿيون جيڪي دلين کي نرمي روحن ۾ گرمي ۽ خيالن ۾ تبديلي پيدا ڪن. جڏهن اهو ٿي ويو ته حڪمن جون آيتون آيون. جيڪڏهن ائين نه ٿئي ها ۽ پهرئين ڏيهن ئي هي حڪم ڏنو وڃي ها ته ماڻهو! شراب ڇڏي ڏيو. ته ڪيران کي ڇڏي ها. اسلام جي دعوت جي اها ترتيب قدرتي هئي. فطرت جي عين مطابق. حضور پاڪ ﷺ جيسيتائين مدينہ ۾ رهيا. توحيد جي تعليم. الله تعالي هي بي انت قدرت ۽ بي حساب رحمت. بت پرستي جي خرابي. بتن جي بيوسي. الله جي رسولن جا قصا. رسولن کي نہ ڇڏڻ سان قومن تي عذاب. مرڻ کانپوءِ ٻيهر جيئرو ٿي اٿڻ. خداجي آگيان پهنجن پهنجن ڪمن لاءِ جوابدهه ڇڏ ۽ سٺن لاءِ جنت ۽ خراب لاءِ دوزخ جا نظارا ڏيکاريا پئي ويا. ان سان گڏوگڏ الله جي سچي عبادت جي ڊنگ. غريبن سان مهرباني. بيڪسن سان شفقت ۽ اخلاق جي بين سٺين سڌين گالهين جا سبق هن کي سيکاريا پئي ويا. نتيجو هي نڪتو ته الله جي مجيندڙن جو هڪ اهڙو ٽولو پيدا ٿي ويو. جيڪو هن جي هر حڪم تي ڪنڌ جهڪائڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ان وقت الله پهنجي پهنجي رسول ﷺ جي وسيلي پهنجن سمورن حڪمن کان هن کي واقف ڪيو.

هن کي ٻڌايو ويو ته ڏيهن ۾ پنج ٻيرا حضرت ابراهيم عليه السلام جي مسجد (ڪعبہ) ڏانهن منهن ڪري خدا جي حضور ۾ بيهن گوڏن تائين جهڪي (رڪوع) پهنجي ٻانهي عاجزي کي چٽي طرح ظاهر ڪن ان کي نماز سڏيو ويو. اها نماز سڀ مسلمان هڪ وقت تي هڪ هنڌ گڏ ٿي هڪ امام جي پويان گڏجي پڙهن. ان جو مطلب اهو ٿيو ته نماز جهڙ ريت خدا ۽ بندي جي ڳانڍاپي جي سڀ کان مضبوط ڪڙي آهي اهڙي نموني اها مسلمانن جي قومي نظام جي حقيقي شڪل ٻ آهي يعني سڀ مسلمان هڪ ٿي هر ڪهن فرق ۽ مرتبي جي بندشن کي توڙي هڪ قطار ۾ بيهي هڪ اهڙي متحدهه جماعت جي صورت بنجي وڃن جو هن جا سمورا ظاهري فرق ميسارجي

وڃن ۽ اهي سڀ گڏجي هڪ امام جي هڪ هڪ اشاري تي ڇُرن ڦِرن انهيءَ لاءِ پاڻ سڳورن فرمايو ته نمازِ سڀ مقتدي پير سان پير ملائي چڱي طرح گڏجي بيهن ته جيئن هنن جون دليون به ائين گڏجي وڃن ۽ هي فرمايائون ته جيڪو ماڻهو امام جي اڳ وڌڻ کان اڳ اٿي يا وڃي رهي ان کي ڊڄڻ کپي ته هو بدلجي گڏهه نه بنجي وڃي. جيڪو ڦٽجي بيوقوفي لاءِ مشهور آهي.

اسلام جي سڀني حڪمن مان نماز جي حيثيت وڏيل آهي. ان ڪري هن کي دين جو ٿنڀو فرمايو ويو آهي. عرب جي بي اطميناني هاڻي جيئن ئي ختم ٿي. حضور پاڪ ﷺ سڀ کان اڳ ۾ نماز ڏانهن توجه فرمايو. ان جي رڪن جي پوريائي ۽ وقت جي مقرري ته مڪ ۾ ئي ٿي ويئي هئي. پر هاڻي جيئن جيئن اطمينان وڌندو ويو. ان جي ظاهري ۽ باطني ڪيفيتن ڏانهن به ڌيان به ڏيان وڌندو ويو. هاڻي ان ۾ قرآن ۽ دعا کانسواءِ هر قسم جي انساني ڳالهه ٻولهه ، اشاري ۽ سلام و ڪلام وغيره جي منع ٿي ويئي. ۽ سڀني جو گڏجي هڪ جاءِ تي نماز پڙهڻ، جهن کي جماعت چون ٿا، واجب قرار ڏنو ويو. نماز جو رخ خانه ڪعبه مقرر ٿيو ته جيئن سڄي دنيا جا مسلمان هيڪڙائي جي هڪ رنگ ۾ ڏڙا هجن.

هفتي جي جي گڏيل نماز جهن جو نالو جمعه آهي جيتوڻيڪ مڪ ۾ ئي فرض ٿي چڪي هئي پرهڪ جي بي اطميناني ۾ جڏهن چار مسلمان گڏجي به هڪ هنڌ نماز نٿي پڙهي سگهيا ته آبادي جا سمورا مسلمان گڏجي هڪ هنڌ نماز ڪيئن ٿي پڙهي سگهيا. تنهنڪري جمعه جي نماز مڪ ۾ ادا نٿي ٿي سگهي. پر مسلمانن کي مدينه ۾ جيئن ئي اطمينان ملايو. پهرئين ئي هفتي ۾ ڏيهن جي روشني ۾ منجهند جي وقت سج لٿڻ مهل ئي جمعه جي نماز ادا ڪيائون ۽ امام جمعه جو خطبو پڙهيو. ٻئي هفتي پاڻ حضور ﷺ جن آيا ۽ انوقت کان وٺيپاڻ سڳورا جمعه جي نماز جي امامت ڪرڻ لڳا ۽ نماز کان پهرين حمد ۽ قرآن جي تلاوت سان گڏ مسلمانن جي تعليم ، تنبيه ۽ نصيحت سان پريل نندي تقرير جهن کي خطبو چون ٿا، فرمائڻ لڳا.

مدينه کان باهريين صوبن جي شهرن ۽ آبادين ۾ مدينه مان ئي يا انهن ئي هنڌن

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

تان امام مقرر ٿيا. اهي امام انهن هنڌن جي مسلمانن جي معلم ، مبلغ، مفتي ۽ پيشوا جي حيثيت رکندا هئا. هو انهن کي سڌيون گالهيون سيکاريندا هئا. خراب گالهين کان روکيندا هئا، انهن کي ضرورت وارا مسئلا ٻڌائيندا هئا ۽ پارن کي الله رسول جو ڪلمو سيکاريندا ، دين جون گالهيون ٻڌائيندا ۽ قرآن جي تعليم ڏيندا هئا.

انهيءَ مقصد لاءِ هر ڳڻن آبادي ۾ خداجي نالي سان نمازِ مسلمانن جي ٻين گڏيل ضرورتن جي لاءِ مسجدون ٺاهيون ويون. اهي مسجدون انهن جي نمازِ جماعت جو گهر، انهن جي تعليم جو مدرسو، انهن جي وعظ ۽ نصيحتن جو هنڌ، انهن جي قومي ۽ ديني ڳڻن جو مشورہ گاهہ ۽ انهن جي قاضين ۽ حاڪمن جي عدالت بنجي ويون.

غريب مسلمانن جي امداد لاءِ زڪوات جو نظام مقرر ٿيو. يعني هيءُ ته مسلمان هر سال پهنجي ان سون چاندي جي مال تي جيڪو هن جي ضرورت کان وڌيڪ هجي سڄي سال کانپوءِ ان جو چاليهون ڀاگو خدا جي واٽ ۾ ڏئي. اهڙي ريت جيڪڏهن ڪنهن وٽ سون چاندي کانسواءِ جانور هجن ِ ٻنيون هجن ته انهن تي ذاڪر ڪٽ موجب هڪ ڀاگو خدا جي ڪمن لاءِ فرض ڪيو وي. سموريون رقمون ۽ جانورِ ۽ پيدائش حضور پاڪ ﷺ جن جي حياتيءَ ۾ مسجد نبوي ﷺ ۾ حضور جن جي بانگي (موذن) حضرت بلال وٽ يا ڪنهن ٻئي عامل وٽ گڏ ٿيندڙون هيون ۽ ضرورت موجب ضرورت وارن کي ورهائي ڏيون هيون. حضور پاڪ ﷺ جن کانپوءِ هن ڪم لاءِ هڪ ڊار دفتر ٺاهيو ويو جنهن جو نالو بيت المال رکيو ويو. اهو بيت المال مسلمانن جي امامن جي سنڀال ۾ رهندو هو ۽ ضرورت وارن مسلمانن جون ضرورتون ان مان پوريون ڪيون ويندڙون هيون.

9 هجري ۾ جڏهن سڄي عرب ۾ مسلمان هڪ لڙيءَ ۾ پوئجي ويا، ته عرب جي هر ڳڻ ڀاڱي ۾ زڪوات جا عامل ۽ محصل مقرر ٿيا. جيڪي هر هنڌ وڃي مسلمانن کان زڪوات جو مال وصول ڪندا هئا ۽ ڪٽي اڃي حضور پاڪ ﷺ جن جي خدمت ۾ يا بيت المال ۾ جمع ڪندا ۽ پهنجو حساب پيش ڪندا هئا.

مسلمانن کي الله وٽان قرآن جي صورت ۾ زندگيءَ جو جيڪو هدايت نامون مليو ان جي خوشيءَ ۽ مسرت جي تقريب ۾ ان جو سالياڻو يادگار اهميءَ ڏي مهيني ۾ هر سال

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ملهائڻ ضروري قرار ڏنو ويو ته جيئن اسين الله تعالي جي ان نعمت جو شڪريو ادا ڪريون ۽ سڄو مهينو ان ڪيفيت ۾ گذاريون. جنهن ڪيفيت ۾ اهو مهينو اسلام جي پيغمبر ۽ قرآن جي پهرئين مخاطب محمد ﷺ جن گذاريو يعني صبح کان ساڻ تائين سڄو مهينو اسين کائڻ پيئڻ ۽ پين نفساني ڪمن کان پاسو ڪريون. جنهن جو نالو روزو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته رات جو بهي ٻن ٻن رڪعتن ۾ ڪلام پاڪ پڙهون. جنهن کي تراويح چون ٿا. ۽ پين عبادتن ۾ هي مهينو گذاريون. مهينو پورو ٿيڻ تي شوال جي پهرين تاريخ تي عيد جو ڏينهن ملهايون سڀ سڀ کپڙا پهريون ، خوشبو لڳايون ۽ سڀ گڏجي عيد گاهه ۾ وڃي شڪراني جون ٻه رڪعتون ادا ڪريون ۽ ان ڏينهن نمازڪان اڳ ۾ غريبن جي کائڻ لاءِ اَن جو ڪجهه مقدارن جي نذر (**ان کي صدقة الفطر چون ٿا. انهي اَن جي قيمت ڏيئي ڇڏڻ به جائز آهي.**) ڪريون ته جيئن هو به اهو ڏينهن خوشي ۽ مسرت سان گذارين.

حقيقت ۾ رمضان ، ان قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ جو جشن آهي جيڪو مسلمانن جي هر خير ۽ برڪت جو اصلي سبب آهي. ۽ ان ۾ روزو ان لاءِ فرض ٿيو آهي ته مسلمان اها پاڪائي واري زندگي گذارن سکن جنهن کي قرآن تقويٰ چيو آهي ۽ جيڪا قرآن جي اصل گهرج آهي.

اسلام جو چوٿون رڪن ڄ آهي. اسلام حضرت ابراهيم عليه السلام جي دينِ حنيف جي اصلي شڪل آهي. تهنڪري جهڙي طرح رمضان جو روزو قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ جو يادگار آهي، اهڙي طرح ڄ حضرت ابراهيم عليه السلام جي دين جو يادگار آهي. خانه ڪعبه اها مقدس مسجد آهي جنهن کي حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ اسماعيل عليه السلام خدا جي نالي تي سڀ کان پهرين ٺاهيو هو ته جيئن اهو دنيا ۾ خدا پرستن جو مرڪز هجي، جتي دنيا جي هر ڳڻي مان هڪ خدا کي ڀڃڻ واري سال ۾ هڪ ڀيرو گڏ ٿي ابراهيمي طريقي سان خدا جي عبادت ڪن.

خانه ڪعبه اها مسجد آهي جيڏانهن منهن ڪري هر ڪو مسلمان ڏينهن ۾ پنج ڀيرا پڻنجي نماز پڙهي ٿو. هاڻي اهو ضروري بڻجي ويو ته مسلمانن مان جن کي طاقت هجي ۽ انهن وٽ راهه خرچجي، انهي حياتيءَ ۾ هڪ ڀيرو هن مسجد ۾ حاضر ٿين. ۽ ابراهيم

عليه السلام وانگر هن مسجد جي چوڌاري ڦيرا ڏين جيڪو طواف سڏجي ٿو ۽ صفا ۽ مروھ نالي ٻن ٽڪرين جي وچ ۾ ائين ڊوڙي ڊوڙي الله ڪان دعا گھرن جيئن حضرت هاجره ڊوڙي هئي ۽ عرفات ۽ منيٰ جي ميدانن ۾ خدا جي بارگاھ ۾ليلڻاتيون ڪري پھنجن ڏوھن جي معافي گھرن. ۽ منيٰ ۾ اچي حضرت اسماعيل وانگر قرباني جو جشن ملهائين. ۽ دنيا جا سمورا مسلمان هڪ هنڌ گڏجي دين ۽ دنيا جي ڀلائي جون گالهيون ڪن ۽ پھنجي عالمگير اسلامي برادري جي ڀلائي لاءِ رٿون رٿين.

توحيد جي ڪلمي کانپوءِ اسلام جا هي چار رڪن آهن. اهي چارئي رڪن هاڻي پورا ٿي ويا ۽ دين جا اهي حڪم جيڪي اخلاق جي پاڪائي ۽ معاملن ۾ عدل ۽ انصاف جو خيال رکڻ لاءِ ضروري هئا اهي مسلمانن کي سيکاري ڇڏيا ويا ۽ عرب جي ملڪ ۾ مسلمانن جو هڪ اهڙو ٽولو پيدا ٿي ويو جيڪو دين اسلام جو نمونو ۽ اسلامي پيغام جو قاصد بنجي دنيا جي بين ڀاڱن ۾ هدايت جو پيغام ۽ عمل پھچائي سگھي. ۽ اهڙي ريت سچي دنيا اسلامن جي تعليم سان منور ٿي سگھي.

هاڻي رسول الله ﷺ جن جي تعليم مان انسانيت هڪ جھڙائي جو سبق سکي ورتو هو. قريشي ۽ غير قريشي عرب ۽ عجم، ڪارا ۽ پورا، امير ۽ غريب سڀ هڪ خدا جا بندا بنجي اسلام جي هر ڪنھن حق ۾ ۽ آخرت جي هر ڪنھن مرتبي ۾ هڪ جھڙا ٿي ويا. انسان جا پيدا ڪيل سڀ فرق ميسارجي ويا. سڀئي هڪ آدم جو اولاد بنيا ۽ آدم مٽي مان ٺاهيو ويو هو.

خدا ڪانسواءِ هر باطل جو خوف، آسمان ۽ زمين جي هر ڪنھن قوت جو ڊپ، هر ڪنھن ڪوڙي وسوسي جو هراس ، ديو، فرشتا، پوت، پريت، چنڊ، سج ، تارا، درياء، ٻيلا، جبل مطلب ته هر ڪا مخلوق، هر ڪا فطري طاقت ۽ هر ڪنھن مادي ۽ روحاني مظهر جي خدائي هيبت جيڪا هيٺن انسان تي چانيل هئي. محمد رسول الله ﷺ جي حق جي آواز انهي سموري طلسم کي ٽوڙي ڇڏيو.

عرب جون اهي سموريون غلط رسمون ۽ رواج، اهي سمورا باطل قاعدا، ۽ بي شرمي ۽ بد اخلاقي جا پراڻا دستور محمد رسول الله ﷺ جي تعليم سان ختم ٿي ويا ۽ اهي

تعليمات مسلمانن جي زندگي جو اصول بنيون جيڪي قرآن کٽي آيو ۽ محمد رسول الله ﷺ جن سيکاريون. هاڻي هڪ نئين قوم، نئين امت، نئون تمدن، نئون قانون ۽ نئين حڪومت زمين جي پردي تي قائم ٿي.

اسانجي پيغمبر ﷺ جو آخري حج ـ حجتم الوداع 10 هـ :

الله تعالي محمد رسول الله ﷺ کي جنهن مقصد لاءِ زمين تي اماڻيو هو، جڏهن اهو پورو ٿي ويو تہ اطلاع آيو تہ تنهنجو ڪم پورو ٿي ويو، هاڻي تون خدا جي بارگاهہ ۾ موٽڻ لاءِ تيار ٿي وڃ. سورہ النصر: اذا جاءَ نصرالله والفتح، انهي اطلاع جو وحي آهي.

ذيقعدہ 10 هجري ۾ سڀني پاسن اعلان ٿيو تہ رسول الله ﷺ جن هن سال حج جي ارادي سان مڪي معظم ويندا. اها خبر هڪدم سڄي عرب ۾ پکڙجي ويئي ۽ سڄو عرب گڏ هلڻ لاءِ ٿليو. ذيقعدہ جي 26 تاريخ تي پاڻ سڳورن غسل فرمايو ۽ چادر ۽ گوڏ بڌائون ۽ اڳئين نماز ڪانپوءِ مدينہ کان باهر نڪتا. مدينہ کان ڇهہ ميل پري ذوالحليفہ جي هنڌ تي رات رهيا ۽ پئي ڏينهن بيهر غسل ڪري ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪيائون ۽ احراماً بڌي قصواء نالي ڏاچي تي سوار ٿيا ۽ وڏي آواز سان هي لفظ چيائون جيڪي اڄ تائين هر حاجي جو ترانو آهن

لبيک اللّٰهم لبيک لا شريک لک لبيک ان الحمد والنعمت لک
والملک لک لا شريک لک

ترجمو: اي خدا اسين تنهنجي لاءِ حاضر آهيون، اي خدا اسين تنهنجي لاءِ حاضر آهيون، تنهنجو ڪوبہ شريک ڪونهي، اسين تنهنجي اڳيان حاضر آهيون، تعريف ۽ نعمت سڀ تنهنجي آهي تنهنجو ڪوبہ شريک ڪونهي.

حضرت جابر جيڪو هن حديث جو راوي آهي (۽ جيڪو حضرت امام باقر جي پڇڻ تي هي سمورو حال بيان ڪري ٿو) چوي ٿو تہ اسان اڪ کٽي ڏني تہ اڳيان پويان، سڄي ڪپي، جيسيتائين ٻہ نظر پيئي ٿي، ماڻهن جو جهنگل نظر ٿي آيو. جڏهن حضور پاڪ ﷺ لبيک فرمايو ٿي تہ ان سان گڏ گهٽ وڌ هل لک ماڻهن جي زبان مان

اهو نعرو بلند ٿيو ٿي. ۽ هڪدم جبلن جون چوٽيون ان جي پڙاڏي کان گونجڻ ٿي ويون. اهڙي ريت منزل مٿانمنزل ڪندا پاڻ سگهرا اڳتي وڌندا رهيا. ايسيتائين جو آچر جي ڏينهن ذوالحج جي 5 تاريخ تي مڪي ۾ داخل ٿيا.

ڪعبہ ڏسڻ ۾ آيو تہ فرمايائون. "اي خدا! هن گهر کي عزت ۽ شرف ڏي." ڪعبہ جو طواف ڪيائون مقام ابراهيم تي بيهي ٻہ رڪعتون ادا ڪيائون ۽ صفا جي ٽڪري تي چڙهي فرمايائون:

" خدا کانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ڪونهي. هن جو ڪوبہ شريڪ ڪونهي هن جي ئي بادشاهي ۽ هن جي ئي تعريف آهي. هوئي ماري ۽ جياري ٿو. هوهرشيءِ تي قدرت رکي ٿو. ڪوبہ خدا ڪونهي. پرهوئي اڪيلو خدا آهي. هن پنهنجو واعدو پورو ڪيو. پنهنجي بانهي جي مدد ڪيائين ۽ اڪيلو سموريون ٽولن کي شڪست ڏنائين."

عمرہ کان واندو ٿي پاڻ سگهرن ٻين صحابين کي احراڻ کولي چڏڻ جي هدايت ڪئي. ان وقت حضرت علي يمني حاجين سان گڏ مڪي ۾ پهتا. خميس جي ڏينهن اٺين ذي الحج تي پاڻ سگهرا سيني مسلمانن سان گڏ منيٰ ۾ ترسيا. ٻئي ڏينهن نائين ذوالحج تي صبح جي نماز پڙهي منيٰ کان روانا ٿيا. عام مسلمانن سان گڏ عرفات ۾ اچي ترسيا. بيهرلڙيا نہ قصواء تي سوار ٿي ميدان تي آيا ۽ ج جو خطبو ڏنائون.

اڄ پهريون ڏينهن هو جو اسلام پنهنجي جاهہ و جلال سان پڌرو ٿيو ۽ جاهليت جا سمورا بيهودہ رواج ميساري چڏيا ويا. پاڻ سگهرن فرمايو:

" ها جاهليت جا سمورا دستور، رسم و رواج اڄ منهنجي بهي پيرن هينان آهن."

عرب جي سرزمين سدائين انتقام جي رت سان رڱيل رهندي هئي. اڄ عرب جي اٺ کٽ گهرو لڙائين جي ان سلسلي کي ميساريو وڃي ٿو ۽ ان لاءِ نبوت جو اعلان ڪندڙ سڀ کان پهرين پنهنجي ڪٽنب جو نمونو پيش ڪري ٿو.

" جاهليت جا سڀ خون باطل ڪري چڏيا ويا آهن ۽ سڀ کان پهرين آئون پنهنجي خاندان جو خون ربيعہ بن حارث جي پٽ جو انتقامي خون رد ڪريان ٿو."

سڄي عرب ۾ وياج واري ڏنڊي جو جاري وچايل هو. جنهن جي ڪري عرب جا

غريب منزورءِ هاري يهودي مهاڃڻ ۽ عرب سرمايه دارن وٽ قاتل هئا ۽ هميشه لاءِ انهن جا غلام بنجي ٿي ويا. اڄ انهيءَ ڄار جي ڏورڏور ڌارڪئي وڃي ٿي ۽ ان لاءِ به سڀ کان پهرين پهنجي ڪتب جو نمونو پيش ڪيو ٿو وڃي ارشاد ٿئي ٿو:

" جاهليت جا سمورا وياج ختم ڪيا ويا ۽ سڀ کان پهريون وياج جهن کي آئون ختم ڪريان ٿو اهي پهنجي ڪتب جو يعني عباس بن عبدالمطلب جو آهي."

اڄ تائين عورتون هڪ نموني سان منقوله (بدلجي سگهندڙ) ملڪيت هيون، جيڪي جوائن ۾ هارائي ۽ ڪٽي سگهبيون هيون. اڄ پهريون ڏيهن آهي جو اهو مظلوم ٽولو انصاف حاصل ڪري ٿو. فرمايائون:

" عورتن جي معاملي ۾ خدا کان ڊجو اوهان جو حق عورتن تي آهي ۽ عورتن جو اوهان تي آهي."

عورتن کانپوءِ انسان جو سڀ کان وڏيڪ مظلوم طبقو غلامن جو هو. اڄ ان جي داد رسي جو ڏيهن آيو فرمايائون:

" اوهان جا غلام اوهان جا غلام. انهن جي حق ۾ انصاف ڪريو. جيڪي پاڻ کائو اهوائهن کي کارايو ۽ جيڪي پاڻ پهريو اهو هن کي پهرايو."

عرب ۾ امن وامان ڪونه هو. تنهنڪري جان ۽ مال جي ڪا قيمت ڪانه هئي اڄ امن ۽ سلامتي جو بادشاهه سڄي دنيا کي صلح جو پيغام ڏئي ٿو:

" پاڻ ۾ اوهان جي جان ۽ اوهان جو مال هڪ ٻئي لاءِ قيامت تائين ايترو ئي محترم آهي جيترو اڄوڪو ڏيهن، هن محترم مهيني ۾ ۽ هن محترم شهر ۾ آهي."

امن وامان جي اعلان ۾ سڀ کان پهرين شيءِ ان ديني برادري جو وجود آهي، جهن قبيلن ۽ ڪٽنبن جي لاڳاپن کان وڌي عرب جي سڀني قبيلن بلڪ دنيا جي سمورن انسانن ۾ اسلامي پائپي جو لاڳاپو قائم ڪري ڇڏيو ارشاد ٿيو:

" هر مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي ۽ مسلمان سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهن."

دنيا جي بي اطميناني جي سڀ کان وڏي شيءِ جهن هزارين سال قومن کي قومن سان ويڙهايو اهو قومي هٽ ۽ وڏائي آهي. اڄ ان هٽ ۽ وڏائي کي چٽيو وڃي ٿو. اعلان ٿئي

ٿو:

" ها! ڪهن عربي کي ڪهن عمي تي ۽ ڪهن عجمي کي ڪهن عربي تي ڪابه فوقيت ڪانهي. اوهين سڀ هڪ آدم عليه السلام جي اولاد آهيو ۽ آدم مٽي مان ٿهيو هو."

ان کانپوءِ اصولي قانونن جو اعلان فرمايو ويو:

1. خدا هر ڪهن حقدار کي (ورثي جي مطابق) ان جو حق ڏنو آهي، هاڻي ڪهن به وارث جي حق ۾ وصيت جائز ڪانهي.
2. پٽ ان جو آهي جهن جي بستري تي هو پيدا ٿيو نه ته ڪندڙ لاءِ پٿر آهي ۽ هن جو حساب خدا جي ذمي آهي.
3. ها! نڪ کي پهنجي مٽس جي مال مان هن جي موڪل کانسواءِ ڪهن کي ڪجهه ڏيڻ جائز ڪونهي.
4. قرض گهرندڙ کي قرض اداڪيو وڃي. اڌارو ورتل مال واپس ڪيو وڃي. هنگامي عطيا واپس ڪيا وڃن. جيڪو ضامن پوياهو ڏنڊ (تاوان) جو ذمه دار ٿئي.

اڄ امت جي هٿ ۾ سندس هدايت لاءِ اهو دائمي چراغ ڏنو وڃي ٿو. جهن جي روشني ۾ جيسيتائين ڪوبه هلندو رهندو هر ڪهن گمراهي کان بچندو رهندو. فرمايائون "آئون اوهان ۾ هڪ شيءِ ڇڏي ٿو وڃان، جيڪڏهن اوهانان کي مضبوطيءَ سان جهليو ته پوءِ ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندا ۽ اهو آهي خدا جو ڪتاب."

اهو چئي پاڻ سڳورا ميڙڻارن مخاطب ٿيا ته:

" اوهان کان خدا وٽ منهنجي باري ۾ پڇيو ويندو ته اوهين ڪهڙو جواب ڏيندا؟"

هڪ لک زبانن گڏجي شاهدي ڏني، " اين چونداسين ته توهان ﷺ خدا جو پيغام پهچائي ڇڏيو ۽ پنهنجو فرض پورو ڪري ڇڏيو." اهو ٻڌي پاڻ سڳورن آسمان ڏانهن آڱر کڻئي ۽ ٽي ڀيرا فرمايا ٿون " اي خدا تون شاهد رهه."

عين ان وقت جڏهن پاڻ ﷺ نبوت جو هي آخري فرض پورو ڪري رهيا هئا خدا

جي بارگاھ مان ھي بشارت آئي :

اليوم اكملت لكم دينكم واتممت عليكم نعمتي ورضيت لكم الاسلام دينا

ترجمو: اڄ مون اوھان لاءِ اوھان جي دين کي مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ پنھنجي نعمت اوھان تي پوري ڪئي ۽ اوھان لاءِ اسلام جي دين کي چونڊيو

خطبي کان واندا ٿيا تہ حضرت بلال بانگ ڏني ۽ حضرت محمد ﷺ جن اڳئين ۽ وڃئين جي نمازيکي گڏ ادافرمائي. ڪھڙو نہ عجيب نظارو ھوتہ اڄ کان 26 سال اڳ ۾ محمد رسول الله ﷺ اڪيلي خدا جي پوڄا ڪرڻ جي دعوت ڏني تہ محمد رسول الله ﷺ ۽ سندن ٿورن ساڻين کان سواءِ ڪوبہ کنڈ خدا جي اڳيان جھڪيل نہ ھو ۽ اڄ 26 سالن کانپوءِ محمد رسول الله ﷺ جن سان گڏ ھڪ لک کنڈ خدا جي حضور ۾ جھڪيل ھئا ۽ الله اڪبر جو نعرو ذري مان بلند ٿيو.

نمازمان واندو ٿي ڏاڇي تي سوار ٿي مسلمانن سان گڏ موقف آيا ۽ اتي بھي ديہ تائين قبلہ ڏاھن منھن ڪري دعا ۽ زاري ۾ رڌل رھيا. جڏھن سج لھڻ لڳو تہ ھلڻ جي تياري ڪيائون. اوچتو ھڪ لک ماڻھن جي سمند ۾ طوفان اچي ويو. پاڻ سگورا اڳتي وڌندي ٿيي ويا ۽ ھٿ سان اشارو ڪندا زبان سان فرمائيندا ٿيي ھليا. ماڻھو! امن ۽ سکون سان. ماڻھو! امن ۽ سکون سان. سانجھيءَ جو وقت تنگ ٿيي ٿيو جو قافلو منزدلفھجي ھنڌ تي پھتو. ھتي پھرين سانجھي ۽ پوءِ يڪدم سوھٹي نمازادا ٿي.

صبح جو سويل فجر نماز پڙھي قافلو اڳتي وڌيو. جان نثار سڄي ڪبي ضرورت وارا پنھنجي پنھنجي ضرورت جا مسئلا پڇي رھيا ھئا. ۽ پاڻ سگورا انھن جا جواب ڏينڊا ٿيي ويا. جمرہ پھچي ٻھٽيون اچلياڻون ۽ ماڻھن کي خطاب ڪري فرمايائون :

" مذھب ۾ گھاٽي ۽ واڌي کان بچو. اوھانکان اڳ واريون قومون ان جي ڪري برباد ٿيون."

ان وچ ۾ ھي جملو بہ فرمايائون جنھن مان وڃن ۽ موڪلائي جو اھجاڻ مليو ٿي.

" ڄ جا مسئلا سکي وٺو مونکيخبر تہ وري ڄ ڪري سگھندس."

ھتان نڪري ھاڻي منيٰ ۾ آيا. سڄي ڪبي اڳيان پويان مسلمانن جو ھڪ ميڙھو

مهاجرين قبلہ جي سڃي. انصارڪابي ۽ وچ ۾ عاڪ مسلمانن جو صفون هيون. حضورپاڪ ﷺ جن ڏاڇي تي سوارهئا. پاڻ سڳورن اکيون کٽي هنعظيم الشان ميڙڏاهن ڏنائون تہ نبوت جي 23 سالن جا ڪارنما اکين آڏوهئا. زمين کان آسمان تائين قبول ۽ اعتراف جو نور پکريل هو. هاڻي هڪ نئين شريعت، هڪ نئين نظام ۽ هڪ نئين دور جي شروعات هئي. ان حالت ۾ محمد رسول الله ﷺ جن جي زبان فيض ترجمان مان هي جملا ادا ٿيا:

" ها! الله جڏهن آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو هو، اڄ زمانو ڦري گهري انهي فطرت تي اچي ويو. اوهان جون جانيون ۽ اوهان جون ملڪيتون پاڻ ۾ هڪ بئي لاءِ اهڙيون ئي محترم آهن جيئن اڄوڪو ڏينهن هن محترم مهيني ۾ ۽ هن محترم آبادي ۾. ها! ڏسجو! مون کان پوءِ گمراهہ نہ ٿي وڃجو جو پاڻ ئي هڪ بئي جا ڪنڌ ڪپڻ لڳو. اوهان کي خدا جي اڳيان حاضر ٿيڻو آهي ۽ هو اوهان کان اوهان جي ڪمن جي پڇا ڪندو. جيڪڏهن اوهان تي هڪ ڪارو مِنو غولام بہ سردار بنايو وڃي جيڪو خدا جي ڪتاب مطابق اوهان کي وٺي هلي تہ ان جي فرمانبرداري ڪجو. پنهنجي پروردگار جي پوجا ڪجو. پنجن ئي وقتن جون نمازون پڙهجو. رمضان جي مهيني جو روزو رکجو ۽ منهنجي حڪمن کي مڃجو. اوهين پنهنجي پروردگار جي جنت ۾ داخل ٿيندو.

اهو چئي پاڻ سڳورن ميڙڏاهن اشارو ڪري فرمايو! " چا مون پنهنجو پيغام پهچائي ڇڏيو." هڪڻهن پاسي کان آواز اچڻ لڳا. ها! بيشڪ ." فرمايائون. " خداوندا! شاهد رهجان." اهو چئي ارشاد فرمايائون. " جيڪو هتي موجود آهي اهو هن پيغام کي ان تائين پهچائي ڇڏي جيڪو هتي ڪونهي." هي ڄڻ تبليغ جو اهو فريضو هو جيڪو هر ڪنهن مسلمان جي زندگي جو جزو آهي.

ان کانپوءِ پاڻ ﷺ سڀني مسلمانن کي الوداع چيائون.

ڄ جي بين مشغولين مان واندا ٿي 14 ذوالحج تي فجر جي نماز خانہ ڪعبہ ۾ پڙهي سڄو قافلو پنهنجن پنهنجن هنڌن ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ حضورپاڪ ﷺ جن مهاجرن ۽ انصارن جي جهرمٹ ۾ مدينہ جو رستو ورتو.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

وفات ربيع الاول 11 هجري ـ مئي 622ع :

روح قدسي کي هن جسماني جهان ۾ ان وقت تائين ئي رهڻ جي ضرورت هئي، جيسيتائين نبوت جو فرض پورو ٿي ۽ توحيد جي نور سان دنيا جي اونڌ هٽي وڃي. هاڻي جڏهن اهو فرض پورو ٿي ويو ته خدا ڏاڍن واپس ورڻ جو حڪم اچي پهتو. حجته الوداعجي موقعي تي عاڪ مسلمانن کي پڇنجي ديدار جو شرف بخشي خدا جي آخري حڪم ڪان واقف فرمايائون. ان سفر تان موٽڻ کان ٻه هفتا پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اڳهن مسلمانن کان ٻه موڪلائڻ گهريو جيڪي شهادت جو پيالو پي هميشه واري زندگي حاصل ڪري چڪا هئا. ان ڪري احد وڃي پاڻ سڳورن ﷺ احد جي شهيدن لاءِ دعا فرمائي ۽ اڳهن کان ٿيڻ ان نموني موڪلايو جيئن مرڻ وارو پڇنجن جيئرن عزيزن کان موڪلائيندو آهي. ان کانپوءِ هڪ ننڍي تقرير ڪيائون جنهن ۾ فرمايائون :

"آئون اوهان اڳ حوض ڪوثر تي وڃي رهيو آهيان. اهڙي حوض جي پکيڙ ايتري آهي جيترو ايله کان حجفه تائين. مونکي دنيا جي سڀني خزانن جون ڪنجيون ڏنيون ويون. مون کي اهو ڊپ ڪونهي ته اوهين مون کانپوءِ شرڪ ڪرڻ لڳندا. البت هن کان ڊجان ٿو ته اوهين دنيا ۾ قاسي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو رت نه وهايو. ته پوءِ اوهين ٻه ائين برباد ٿي ويندو جيئن اڳيون قومون برباد ٿي ويون."

احد جي شهيدن کانپوءِ عاڪ مسلمانن جي قبرستان جو وارو آيو. صفر 11 هجري جي ڪهن وچواري تاريخ ۾ آڌيءَ رات جو پاڻ سڳورا عاڪ مسلمانن جي قبرستان وڃا. جنهن جو نالو جنت البقيع آهي ۽ اڳهن لاءِ خير جي دعا فرمايائون. موٽي آيا ته طبيعت ناسازٿي. اهو اربع جو ڏيهن اڳ المومنين حضرت ميمونه جي واري جو ڏيهن هو. پنجن ڏيهن تائين ان بيماري جي حالت ۾ ٻه واري واري سان هڪ هڪ گهر واري جي حجري ۾ ويندا رهيا. سومر جي ڏيهن مرض ۾ شدت پيدا ٿي ته ازواج مطهرات رضي الله عنهن کان موڪل ورتائون ته پاڻ ﷺ حضرت عائشه جي گهر ترسن. هيٺائي ايتيي هئي جو بنا ٽيڪ جي هلي نٿي سگهيا. حضرت عباس ۽ حضرت علي رضي الله عنهم ٻئي پاڻهن کان

جملي حضرت عائشہ جي حجري ۾ وڃي آيا.

جيسيتائين هلڻ چلڻ جي طاقت رهي مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ اينڊا رهيا. سڀ کان پڇاڙي واري نماز ۾ سگهن سانجهيءَ جي پڙهائي. سوهڻي جو وقت آيو تہ پڇيائون تہ چا نماز ٿي ويئي. ماڻهن عرض ڪيو تہ حضورﷺ جن جو انتظار آهي. ٿانءُ ۾ پاڻي پرائي غسل فرمايائون، پر جڏهن اٿڻ گهريائون تہ غشي اچي ويئي. ٿوري طبيعت سڌري تہ وري پڇيائون. نماز ٿي ويئي؟ وري چيو ويو تہ حضورﷺ جن جو انتظار آهي. پاڻ سگهن وري غسل فرمايو۽ اٿڻ گهريائون تہ بيهوش ٿي ويا. ڪجهہ طبيعت بحال ٿي تہ وري پڇيائون. ٽيون ڀيرو جسم مبارڪ تي پاڻي وڌيو ويو. وري جڏهن اٿڻ جو ارادو ڪيو تہ وري بہ غشي اچي ويئي. هاڻي جڏهن بهر طبيعت ڪجهہ بحال ٿي تہ ارشاد فرمايائون تہ ابوبڪر نماز پڙهائي. ان ڪري ڪيترن ڏينهن تائين حضرت ابوبڪر نماز پڙهائي.

وفات کان چار ڏينهن اڳ ۾ طبيعت ۾ ڪجهہ سکون هو. وڃڻ جي وقت پاڻي جي ستن مشڪن سان غسل فرمائي حضرت عباس ۽ حضرت علي جي ٽيڪ تي پاڻ سگهرا مسجد ۾ آيا. جماعت بيٺي هئي. حضرت ابوبڪر نماز پئي پڙهائي. هلڻ جو آواز ٻڌي هن پوئتي هٽڻ گهريو. پر پاڻ سگهن ﷺ جملي ڇڏيو۽ سندس پاسي ۾ اچي ويهي رهيا. نماز ڪانپوءِ هڪ نندو خطبو ڏنائون جنهن ۾ فرمايائون تہ " خدا پنهنجي هڪ بٻانهي کي اختيار عطا ڪيو آهي تہ وڃيس تہ هو دنيا جي نعمتن کي ابول ڪري پوءِ خدا وٽ جيڪي شيون آهن اهي ئي قبول ڪيون." اهو ٻڌي حضرت ابوبڪر روئي ڏنو چو تہ هو سمجهي ويو هو تہ اهو بانهو خود محمد ﷺ جن آهن. انصار جي وفاداري جو خيال ڪندي انهن لاءِ فرمايائون :

" عاڄ مسلمان وڌندا ويندا، پر انصار اهڙي طرح گهٽ ٿي ويندا جيئن کاڌي ۾ لوڻ. مسلمانو! هن پنهنجو فرض پورو ڪري ڇڏيو. هاڻي اوهان کي هن جو فرض پورو ڪرڻو آهي. هو منهنجي جسم ۾ معدي واري جاءِ واڱر آهن. مون کانپوءِ جيڪو اسلام جي ڪمن جو سنپالينڊڙ هجي، آئون ان کي وصيت ٿو ڪريان تہ هو هن سان سٺو سلوڪ ڪري."

شرڪ جو وڌو ذريعو هي هو تہ ماڻهو پيغمبرن جي باري ۾ حدکان وڌيڪ مبالغو

ڪري وهندا هئا. انهن کي شريعت جو حاڪم مطلق سمجهندا هئا. اهو نڪتو ان محل حضورپاڪ ﷺ جي پيش نظر هو. فرمايائون :

" حلال ۽ حراماً جي نسبت مون ڏاڍن نه ڪئي وڃي. مون اها ئي شيءِ حلال ڪئي آهي جيڪا خدا حلال ڪئي آهي. ۽ اها ئي شي حرام ڪئي جيڪا خدا حراماً ڪئي آهي."

اسلام جي تعليم موجب عمل کانسواءِ حسب ونسب کا شيءِ ڪوبه ايتري تائين جو خود رسول ﷺ جي اختيار ۾ به ڪوبه فرمايائون :

" اي خدا جي پيغمبر جي ڏيءَ فاطمہ! ۽ اي خدا جي پيغمبر جي ڦٽي صفيہ! خدا وٽ (وڃڻ) لاءِ ڪجهہ ڪري وٺو آئون اوهان کي خدا کان بچائي نٿو سگهان."

خطبي کان واندا ٿي حضرت عائشہ جي حجري ۾ آيا.

يهودين ۽ عيسائين ۽ پيغمبرن ۽ بزرگن جي مزارن ۽ يادگارن جي تعظيم ۾ جيڪو غلط واڌارو ڪيو هو. اهو بت پرستيءَ جي حد تائين وڃي پهتو هو. حضورانور ﷺ جي نگاه ۾ ان وقت مسلمانن جي صورتحال هئي تہ هي مون کانپوءِ منهنجي قبر ۽ يادگار سان بہ ڪٿي ائين نہ ڪن. اتفاق سان ڪن ازواج مطهرات رضي الله عنهن جن حبشہ جي سفر ۾ عيسائي گرجائون ڏٺيون هيون. انهن جي مجسمن ۽ بتن جي گالهہ ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو " انهن ماڻهن ۾ جڏهن ڪو نيڪ ماڻهو مري ويندو آهي تہ ان جي مقبري کي عبادتگاه ٺاهي وٺندا آهن. ۽ ان جو بت ٺاهي ان ۾ بيهاري ڇڏيندا آهن. ائين ڪرڻ وارا قيامت جي ڏينهن بدترين ماڻهو هوندا."

عين بيچيني جي حالت ۾ جيڏي محل بہ چادر منهن تي وڌائون ٿي يا ڪيڏي محل گرمي کان گهبرائي لاهي ٿي ڇڏيائون هوريان هوريان هي الفاظ فرمايائون ٿي :

" يهودي نصاريٰ تي خدا جي لعنت هجي جو هنن پنهنجن پيغمبرن جي قبرن کي عبادتگاه بنائي ڇڏيو آهي."

انهيءَ حالت ۾ ياد پين تہ حضرت عائشہ وٽ ڪجهہ اشرفيون رکايون هيون، پڇيائون تہ عائشہ! اهي اشرفيون ڪٿي آهن؟ چا محمد ﷺ خدا سان بدگمان ٿي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ملندو؟ وڃ اهي خدا جي وات ۾ خيرات ڪري ڇڏ.

مرض ۾ واڌاروءِ گهٽتائي پئي ٿي، جنهن ڏينهن وفات ٿي يعني سومر جي ڏينهن ظاهري طرح طبيعت ڪيسڪون هو. حجرہ مبارڪ مسجد سان ڳنڍيل هو. پاڻ صبح جي مهل پردو کڻي ڏيائون ته ماڻهو فجر جي نماز ۾ رڌل هئا. ڏسي مشڪيائون ته خدا جي زمين تي نيٺ اهو گروهه پيدا ٿي ويو جيڪو رسول ﷺ جي تعليم کي نمونو بنائي خدا جي ياد ۾ لڳل آهي. ماڻهن آواز (پردي هٽڻ جو) ٻڌي خيال ڪيو ته پاڻ سڳورا باهر اچڻ گهرن ٿا. خوشيءَ مان ماڻهو بي قابو ٿي ويا. ۽ ذريعت نمازون پڪيون ٿي. حضرت ابوبڪر جيڪو امام هو. تنهن گهريو ته پوئتي هٽي وڃي پر پاڻ سڳورن اشاري سان جهليوءِ حجري جي اندر ٿي پردو ڇڏي ڏنائون. ڪمزوري ايتري هئي جو پاڻ سڳورا پردو به ڇڪي طرح نه ڇڏي سگهيا. هي سڀ کان آخري موقعو هو جنهن ۾ صحابين نبوت جي جمال جو مشاهدو ڪيو.

جيئن جيئن ڏينهن چڙهندو پئي ويو پاڻ سڳورن تي هر ڀيري غشي طاري ٿي پئي ويئي. حضرت فاطمہ زهرہ اهو ڏسي چيو " هاءِ منهنجي والد جي بيچيني" پاڻ ٻڌائون ته فرمايائون " تنهنجو پيءُ اڄ کان پوءِ بيچين نه ٿيندو"

ٿڦري هئي، ڇاتي ۾ ساهه جي ڪڪراهٽ محسوس ٿي ايتري ۾ لب مبارڪ جڪيا ته ماڻهن هي لفظ ٻڌا :

نمازءِ غلامن سان سمهڙو سلوڪ"

ايتري ۾ هٿ مٿي ڪري آگر سان اشارو ڪيائون ۽ ٽي دفعا فرمايائون :

" بل الرفيق الاعلي (هاڻي پيو ڪوبہ نہ. اهو ئي رفيق اعلي (خدا) گهرجي ٿو.

اهو چوندي چوندي هٿ ڏرا ٿي ويا. اکيون ڦاٽي چت سان وڃي لڳيون ۽ روح پاڪ قدسي جهان ۾ وڃي پهتو.

اللهم صل وسلم عليه وعلي آله واصحابه اجمعين

مدينہ جي گهٽين ۾ روح راڻي جو آواز بلند ٿي ويو. مسلمانن جي اکين اڳيان دنيا اونداهه بنجي ويئي. مسجد نبوي ۾ ڪهرام مچي ويو. حضرت عمر تلوار کڻي ورتي ته

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

جيڪو به ائين چوندو ته محمد رسول الله ﷺ وفات ڪري ويا آهن. ان جو سر لاهي ڇڏيندس. حضرت ابوبڪر آيو ۽ حضرت عمر جي سراسيمگي واري حالت کي ڏٺو ته سمجهي ويو ته اچوڪي هيءَ نيم اندوهه سپاٽي کيڏينه وڏيڪان وڏي گمراهي جو سبب بنجي سگهي ٿي. هو سڌو منبر نبوي ﷺ ڏانهن وڌيو ۽ تقرير فرمايائين:

" ماڻهو! جيڪڏهن ڪو محمد کي پوڄيندو هو ته محمد ﷺ هن دنيا مان هليا ويا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو محمد ﷺ جي رب جي پوجا ڪندڙ هو ته اهو زندهه آهي، ان لاءِ موت ڪونهي. (پوءِ هي آيت تلاوت ڪيائين)

وما محمد إلا رسولٌ قد خلت من قبله الرسلُ أفإن مـات أو قُتلَ انقلبتم على أعقابكُم ومن ينقلب على عقبيه فلن يضـر الله شيئًا وسيجزي الله الشاكرين

ترجمو: ۽ محمد (ﷺ الله جو) پيغمبر آهي. بيشڪ اُن کان اڳ ڪيترا پيغمبر گذري ويا. پوءِ جيڪڏهن (اُهو) مري وڃي يا قتل ٿئي ته (اوهين) پنهنجين ڪڑين (پَرپوءِ) تي قرندڙ ڇا؟ ۽ جيڪو پنهنجين ڪڑين (پَرپوءِ) تي قرندو سو الله کي ڪجهه نقصان ڪڏهن نه لائيندو. ۽ الله شاڪرن (احسان مجيندڙن) کي ستت ثواب ڏيندو.

هيءَ آيت بڌڻ سان سڀني صحابين جون اکيون کلي ويون ۽ ائينٿي معلوم ٿيو ته آيت پاڪ اڄ ئي لٿي آهي. هر ڪنهن صحابي جي زبان تي اهائي آيت هئي ۽ انهي ئيجو چوپول هو.

حضور انور ﷺ جن جي وفات هجرت جي يارهين سال ربيع الاول جي مهيني ۾ سومر جي ڏينهن ٿپهري جي وقت ٿي. مشهور روايت هي آهي ته اها يارهين ربيع الاول جي تاريخ هئي. پر خاص ماڻهن جي تحقيق هي آهي ته ربيع الاول جي پهرين هئي.

حضور پاڪ ﷺ جن جي تجهيز ۽ تڪفين جو ڪم اڳاري تي شروع ٿيو. ۽ پاڻ سڳورن جي خاص عزيزن اهو ڪم ڪيو. حضرت فضل بن عباس، حضرت علي مرتضيٰ ۽ حضور ﷺ جن جي آزاد ڪيل غلام حضرت زيد جي پٽ حضرت اسامه غسل ڏنو.

حضرت عباس به موجود هو. حضرت عائشہ جي جنهن حجري ۾ پاڻ سڳورن ﷺ وفات ڪئي. اتيئي پاڻ سڳورن کي دفن ڪيو ويو. ۽ ان لاءِ اهو حجرو اڄ ڏينهن تائين روضة النبي جي نالي سان سڏجي ٿو.

گهروارين :

حضور اڪرم ﷺ جن جي سڀ کان پهرين گهرواري حضرت خديجہ هئي. هن وفات ڪانپوءِ حضرت عائشہ صديقہ بنت ابوبڪر ۽ حضرت سوده بنت زمعہ سان نڪاح ڪيائون. ان ڪانپوءِ پيون گهروارين نڪاح ۾ آيون. جن جا نالا هي آهن : حضرت زينب اُ المساڪين، حضرت اُ سلمہ، حضرت زينب بنت جحش، حضرت جويريہ، حضرت اما حبيبہ بنت ابي سفيان، حضرت حفصہ بنت حضرت عمر، حضرت ميمونہ بنت هارث ۽ حضرت صفيہ. هنن مان حضرت زينب اُ المساڪين ڪانسواءِ پيون سڀ گهر واريون پاڻ سڳورن جي وفات وقت زنده هيون ۽ پاڻ سڳورن ڪانپوءِ پهنجي ديني ۽ علمي فيض ۽ برڪت سان دنيا کي مالامال ڪندين رهيون. پاڻ سڳورن جي هڪ بي گهرواري هئي جيڪا ڪنيز هئي ۽ مصر مان آئي هئي ۽ ماريہ قبطيہ سڏبي هئي. اهي سڀ سڄي امت جون مائرون هيون تنهنڪري امهات المومنين سڏجن ٿيون الله تعالي جي رضا هنن سان ڪڏ هجي.

اولاد :

پاڻ سڳورن جو سمورو اولاد رڳو پهرين گهرواري حضرت خديجہ مان ٿيو. پڇاڙي واري گهرواري حضرت ماريہ قبطيہ مان هڪ صاحبزادو حضرت ابراهيم پيدا ٿيو هو. جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو. حضرت خديجہ مان ئي صاحبزادا حضرت قاسم، حضرت طاهر ۽ حضرت طيب ٿيا هئا. جن بہ ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪئي. باقي چار صاحبزادين ٿيون ۽ سڀني اسلام جوزمانو گذاريو. سڀ کان وڏي حضرت زينب جن جو نڪاح ابوالعاص سان ٿيو هو. ان 8 هجري ۾ امامہ نالي هڪ نياڻي ڇڏي وفات ڪئي. بي جو نالو رقيہ هو. جيڪا اسلام ڪانپوءِ حضرت عثمان جي نڪاح ۾ آئي ۽ مدينہ اچي 2

هجري ۾ وفات ڪيائين. ٽئين صاحبزادي جو نالو اُم ڪلثوم هو. حضرت رقيہ جي وفات کانپوءِ هن سان حضرت عثمان نڪاح ڪيو ۽ 9 هجري ۾ وفات ڪيائين. ننڍي صاحبزادي جيڪا حضورﷺ جن جي سڀني کان وڌيڪ پياري هئي حضرت فاطمہ زهرہ هئي جنهن سان حضرت علي مرتضيٰ سادي ڪئي ۽ هن مان ٻہ صاحبزاد حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنهما پيدا ٿيا.

اخلاق ۽ عادتون :

اُم المومنين حضرت عائشہ کان کنهن پڇيو تہ حضورانورﷺ جن جا خلاق ڪيئن هئا؟ هن چيو تہ چا تو قرآن ڪونہ پڙهيو آهي؟ جيڪي ڪجهہ قرآن ۾ آهي اهي حضورﷺ جن جا اخلاق هئا. مطلب تہ پاڻ سڳورن جي سڄي حياتي قرآن پاڪ جو عملي تفسير هئي ۽ اهو ٻہ پاڻ سڳورن جو هڪ معجزو آهي. خود قرآن ان جي شاهدي ڏني ۽ چيو

انک لعلي خلق عظيم

ترجمو: بيشڪ اي محمد! اوهان حسن اخلاق جي وڏي رتبي تي آهيو.

حضورجن نهايت نهٺا ، ملڻسار، مهربان ۽ رحمدل هئا. ننڍن وڏن سڀني سان محبت ڪندا هئا. نهايت سخي، فياض ۽ همٿائيندڙ هئا. پهنجن مهمانن جي خدمت پاڻ ڪندا هئا. پهنجا قاتل ڪپڙا پاڻ سبي وٺندا هئا. پهنجي قاتل جُتي کي پاڻ گنڊي ڇڏيندا هئا. بکريون پهنجن هٿن سان ڏهندا هئا. ماڻهن جي ميڙ ۾ ويهندا هئا تہ سڀني جهڙا ٿي ويهندا هئا. مسجد نبوي ﷺ جي همہ اڏاوت ۽ ڪاهي کوڙ ۾ سڀني مزورن سان گڏجي پاڻ سڳورن ٻہ ڪم ڪيو.

يتيمن سان محبت ڪندا هئا، غريبن جي مدد ڪندا هئا ، مڙلومن جو فرياد ٻڌندا هئا قرضدارن جو قرض ڏيندا هئا، غلامن سان شفقت فرمائيندا، هيٺن تي رحم ڪندا ۽ بيمارن کي دلاسو ڏيندا هئا. بيواهن جو سهارو بنبا هئا، ڏوهارين کي معاف ڪري ڇڏيندا هئا، دشمن لاءِ خيرجي دعا ڪندا، پاڙيوارن جي خبر وٺندا، انهن ڏانهن

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

تحفا اماڻيندا ۽ انهن جي گهروجي سندن ڪمر ڪري ايندا هئا.

هو، نبين ۾ رحمت لقب جنهن لئہ آيو
غريبن جو لايو ڪيو جنهن سجايو
مصيبت ۾ غيرن کي ڪم جيڪو آيو
پراين ۽ پنهنجن جو ڏک جنهن ونڊايو
هو هيڻن جو حامي، فقيرن جو آدر
غلامن جو مولي يتيمن جو ياور
خطاڪار کان درگذر جنهن ڪيو ٿي
شڪي قلب ۾ گهر جنهن ڪيو ٿي
براين کي ميٽي مٽائي ڇڏيائين
قبيلن کي ڪنڊ ڪير ناهي ڇڏيائين
لهي هو حرا کان طرف قوم آيو
ڪٽي نسخہ ڪيميا ساڻ آيو
ڪٽيل لوه کي جنهن هو ڪندن بنايو
۽ ڪوٽي ڪري جو فرق پڻ پٽايو
عرب تي هئي چانيل صدين کان جهالت
هڪ ڪن ۾ بدلي ڇڏيئين ان جي حالت
رهيو ڊپ نہ ٻيڙي کي موج بلا جو
هتان کان ويو هوڏي ڦري رخ هوا جو

حضرت انس چوي ٿو تہ مون ڏهہ سال پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ گذاريا پر پاڻ سڳورن ﷺ نہ ڪڏهن ڏڪ ڏنائون نڪي ماريائون، نہ وري اهو پڇيائون تہ توهي ڪم چو ڪيو ۽ هي چو نہ ڪيو. پاڻ سڳورن سڄي جماڙ ڪڏهن بہ ڪنهن کي نہ ماريو ۽ ڪهڙي نہ عجيب گالهہ آهي تہ فوج جو هڪ جرنيل جنهن لاڳيتو نو سال لڙائين ۾ گذاريا ۽ جنهن ڪڏهن بہ لڙائي جي ميدان کان منهن نہ موڙيو تنهن پنهنجي دشمن تي ڪڏهن بہ تلوار کانہ ڪنئي ۽ نہ ڪڏهن پنهنجي هٿ سان ڪنهن تي الرڪيائون. احد جي ميدان ۾ جڏهن سيني پاسن کان پاڻ سڳورن تي پٿرن ۽ تيرن ۽ تلوارن جو مينهن پئي وسيو پاڻ

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

ﷺ پهنجي جاءِ تي بينا هئا. ۽ جان نثار سڀي کهي وڃي کڄي کريا پئي.

اهڙي ريت جڏهن "حنين" جي لڙائي ۾ جڏهن اکثر مسلمانن جا پير اکڙي ويا هئا. حضور ﷺ جن جبل واڱر پهنجي جاءِ تي بينا هئا. صحابي چون ٿا ته لڙائي جي اکثر مقابلن ۾ پاڻ سڳورا اتي هوندا هئا جتي وڏا وڏا بهادر بهڻ کي پهنجي شجاعت جو آخري ڪارنامون ڄاڻندا هئا پر اهڙن خوفناڪ هنڌن تي رهي به دشمن تي هٿ ڪونہ ڪڍندا هئا. احد جي ڏينهن جڏهن مشرڪن جي حملي ۾ سر مبارڪ زخمي ۽ ڏند مبارڪ شهيد ٿيا هيءُ فرمايائون ٿي " خداوندا! هنن کي معاف ڪر جو هنن کي خبر ڪانهي."

سالها سال جي ناڪامي جي تڪليفن کانپوءِ به ڪڏهن مايوسي پاڻ سڳورن جي دل ۾ ڪانہ اچي سگهي. ۽ نيٺ اهو ڏينهن آيو جڏهن پاڻ ﷺ اڪيلا سڄي عرب تي چائنجي ويا. مڪ جي تڪليفن کان گهبرائي هڪ صحابي عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ توهان سان لاءِ چودعا نٿا گهرواهو پڌي پاڻ سڳورن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو۽ فرمايائون ته " اوهان کان اڳ ۾ جيڪي ماڻهو ٿي ويا انهن کي ڪرڻ سان چيريو ويو انهن جي بدن تي لوهه جون ڦٽيون هلايون ويون جنهن سان کل ۽ گوشت سڀ وڃي ٿي ويو. پراهي تڪليفون به انهن کي حق کان ڪونہ ڦيرائي سگهيون. خدا جو قسم دين اسلام پهنجي ڪمال واري مرتبي تي پهچي ئي رهندو. ايتريقدر جو "صنعاء" (يمن) کان حضر موت تائين هڪ سوار اهڙي ريت بني ديوهليو ويندو جوا ن کي خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو ڊپ ڪونہ هوندو.

پاڻ سڳورن جو اهو عزم ۽ اسقلال ياد هوندو. جڏهن پاڻ ﷺ پهنجي چاچي کي هي جواب ڏنو هئائون ته " پيارا چاچا! جيڪڏهن قريش منهنجي ساڄي هٿ ۾ سج ۽ کابي هٿ ۾ چند آڻي رکن تڏهن به حق جي اعلان کان ڪونہ مڙندس."

هڪ پيرو منجهند جو هڪ لڙائي ۾ پاڻ سڳورا هڪ وڻ هيٺيان اڪيلا آرام ڪري رهيا هئا. هڪ عرب آيو ۽ تلوار کڻي چيائين. " ٻڌاءِ اي محمد هاڻي توکي مون کان ڪير ٿو بچائي سگهي؟" اطمينان ۽ تسليواري آواز ۾ جواب ڏنائون " الله" هو اهو جواب ٻڌي

ڏکي ويوءِ تلوار مياڻ ۾ رکڻي وڃائين.

لڙائين جي مال غنيمت ۽ خيبر وغيره جي زمينن جي پيدائش جو حال ٻڌي کين کي اهو شڪ نه ٿئي ته کوهاڻي اسلام جي غربت جو زمانو ختم ٿي ويو ۽ پيغمبر اسلام ڏاڍي آرام ۽ ناھ نوھ واري زندگي گذارڻ لڳا ھئا. پاڪ بيبين ۽ اهل بيت جي گهرن ۾ جيڪي به ايندو هو اهو پين ضرورتمندن ۽ محتاجن جي نذر ٿي ويندو هو ۽ خود پاڻ سڳورن ۽ سندن ﷺ اهليبت جون حياتيون ائين ئي ترنگدستي ۽ غربت ۾ گذرنديون هيون. خود (پاڻ سڳوار) فرمائيندا هئا ته "آدم جي اولاد لاءِ اوگهڙ ڏڪ لاءِ ڪپڙو ۽ پيٽ پرڻ لاءِ ٻُڪي سُڪي مانيءَ پاڻي ڪافي آهي." ۽ ان تي ئي پاڻ سڳورن جو عمل هو. حضرت عائشہ فرمائي ٿي ته پاڻ سڳورن جو ڪپڙو ڪڏهن به ويڙهي ڪونہ رکيو هو يعني هڪ ئي ڪپڙو هوندو هو ۽ ٻيو ڪونہ هو جيڪو ويڙهي رکجي ها.

حضرت ﷺ جن جي گهر گهٽ ڪري فاقو رهندو هو. ۽ ڪيترا ڪيترا ڏينهن تائين رات جو ڪاڏو ڪونہ ملندو هو. بن بن مهينن تائين لاڳيتو گهرن ۾ چلهہ پارڻ جي نوبت ڪانہ ايندي هئي. ٿورين کجورن تي گذارو ٿيندو هو ته اهو ئي پي وٺندا هئا. حضرت عائشہ فرمائي ٿي ته پاڻ سڳورن (مدينہ جي زماني ۾) ڪڏهنہ به ويلا ڏوڪري ڪونہ کاڌو.

هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي ته هڪ بکيو پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ آيو. پاڻ ﷺ پاڪ بيبين مان ڪهن ڏانهن چوائي اماڻيائون جواب ۾ آيو ته گهر ۾ پاڻي کانسواءِ ڪجهہ ڪونهي. پاڻ ﷺ ٻئي گهر ۾ ماڻهو اماڻيائون اتان به ساڳيو جواب آيو. اهڙي طرح ان نو گهرن مان ڪٿي به پاڻي کانسواءِ کاڏي جي ڪا شيءِ ڪونہ نڪتي.

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورا بک ۾ ٽيڪ منجهند جو گهران نڪتا. وات تي حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر گڏيا هي به ٻئي جڻا بکيا هئا. هنن کي وٺي حضرت ابوايوب انصاري جي گهر آيا. هن کي خبر پيئي ته ڊوڙي آيو ۽ باغ ۾ وڃي کجورن جو هڪ ڇڪو ٽوڙي آيو ۽ آڻي اڳيان رکيائين. ان کانپوءِ هڪ ٻکري ڪٽائين ۽ کاڏو تيار ڪرائي آڻي اڳيان رکيائين. حضور پاڪ ﷺ جن هڪ مانيءَ تي ٿورو گوشت رکي فرمايو ته هي فاطمہ ڏانهن ڏياري موڪليو. هن کي ڪيترن ڏينهن کان کاڏو نصيب ڪونہ ٿيو آهي.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

www.sindhsalamat.com

حضور پاڪ ﷺ جن جڏهن وفات فرمائي ته حالت هي هئي جو پاڻ سڳورن جي زوجه ٽي سيرجون جي عيوض هڪ يهودي وٽ گروي هئي جن کيڻن ۾ وفات کيائون انهن ۾ هيٺ مٽي چتيون لڳل هيون.

حضرت فاطمه زهره سان پاڻ سڳورن کي ڏاڍي محبت هئي. پراهما محبت سون چاندي جي زيورن ۽ سرن ۽ چُن جي جاين ۾ ڪڏهن به ظاهر ڪانه ٽي. بيبي فاطمه پهنجن هٿن سان ڪم ڪندي هئي پاڻي جي مشڪ پري ايندي هئي اٽو گوهيندي هئي ۽ جيڪڏهن ڪڏهن والد ﷺ سان ڪهن غلام يا ڪنيز جي فرمائش ڪندي هئي تفهمائيندا هئا ته ڏيءَ هي تسبيح پڙهندي ڪر هڪ پيري جڏهنگهٽيون ئي ڪنيزون ۽ غلام آيا ته پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ وڃي عرض ڪيائين. فرمايائون : پيءُ جي جان! بدرجا يتيمءِ صفه جامسافرتوکان وڌيڪ حقدارآهن.

غربت کان پاڪ سيده جو هي هال هو
گهر ۾ نڪا ڪنيز نه ڪوئي غلام هو
ترين پنهي هٿن سنديون وييون گسي هيون
چڪي پيهڙ جو ڪمئي ڏينهن رات جام هو
سيني تي رکي مشڪ پاڻي پريندي هئي
گهر نور سان پريل پر تيل خام هو
لٽجي ويو ٽي لباس مبارڪ غبار سان
پهاريءَ جو ڪم به روز صبح شام هو
آخر وئي جناب رسول خدا اڳيان
اتفاق سان اتي هڪ يڙهه عام هو
محرم نه سي هئا ته ٻڌائي سگهي ته عرض
واپس وري جو ايءَ به حيا جو مقام هو
پيهر وئي جڏهن پڇيو حضور جن
ڪلهه ڪيئن آئين ڏس ڪهڙو ڪلام هو
غيرت کان اڄ به هوءَ ڪجهه نه چئي سگهي
حيدر ٻڌايو نيٺ جيڪو پيام هو
ارشاد ٿيو ته "هي غريبان بي وطن"

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com

صـــئہ نبـــي ۾ هـــر دم جـــن جـــو قيـــام هـــو
واندو ايجـــان هـــنن جـــي کـــم مـــان بـــ ناهيـــان
جـــن لاءِ مـــون کيـــو هـــي خـــاص اهتمـــام هـــو
تکليـــف جيکـــا هـــي پيـــا پـــوڳين روز روز
ان جـــو ذمـــو اصـــل کـــان منهنجـــي ئـــي نـــام جـــو
توکـــان وڌيـــڪ مقـــدم آهـــي هـــنن جـــو حـــق
اڄ بـــڪ کـــان جـــن ســـندو جيـــئڻ حـــرام هـــو.
ســـيده ســـڻي هـــي هـــال خـــاموش ٿـــي وئـــي
جرئـــت نـــ ٿـــي وڌيـــڪ ادب جـــو مقـــام هـــو
هـــي آهـــي اهـــل بيـــت مطهـــر جـــي زنـــدگي
هـــي مـــاجراء دختـــر خيـــر الانـــام هـــو

(ختم شد)

سنڌ سلامت
کتاب گھر

www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
www.sindhsalamat.com